# تحفۂ لطیف



Marfat.com

8299

# تحفهٔ لطيف

محڪمه اطلاعات - مغربي پاڪستان

ڪراچي.

پاڪ سنڌي شعر شاهه عبداللطيف
رحمة الله عليه جا

شروع بسم الله الرحمن الرحيم سين

جيت پريو پيهي جي جن جا لاڏيا
آڏيا آدي کي تو نيو راهه ۾ مان ڪن

جيت پريو نيو هجو لڳ جاني لڳ اس
ترياني ڪس آهي ڪر بکري

جيت پريو نيو هجو ڪياني راحت
پاڙيا ڏيڊ بواه ساجن لڳ صحبت
سٺي مصيبت آهي انهي جا مجي

# تحفۂ لطيف

ذخیرہ محمد اقبال مجددی

مرتبہ

اسماعيل خواجہ

محڪمہ اطلاعات - مغربي پاڪستان

ڪراچي.

Marfat.com

137015

Marfat.com

# فهرست مضامين

## حصهءِ نثر


| | | |
|---|---|---|
| ١. عرض حال | اسماعيل خواجه | الف- |
| ٢. شاهه جو عالمي شاعرن ۾ مقام | علامه آءِ-آءِ- قاضي | ١- |
| ٣. شاهه جي عام مقبوليت جا ڪي اسباب | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | ٨- |
| ٤. ڀٽ ڌڻيءَ جو ڀاري ڀيد | علي نواز جتوئي | ١٥- |
| ٥. شاهه ۽ ابن فارض | غلام مصطفيٰ قاسمي | ٢٧- |
| ٦. شاهه صاحب جا قصا | محبوب علي چنه | ٣٩- |
| ٧. شاهه جون ٽيون | محمد عرس سمون | ٥٠- |
| ٨. شاهه جو تغزل | علي محمد مجروح | ٥٩- |
| ٩. شاهه جي سنڌي | پيرو مل آڏواڻي | ٦٦- |
| ١٠. شاهه جو ڪوهستان | عبدالعزيز جوکيو | ٧٧- |
| ١١. پاڪيزه ڪلام | محمد خان غني | ٨٣- |
| ١٢. شاهه موحد ۽ سندس فلسفهءَ توحيد | شفيع احمد علوي | ٩٠- |
| ١٣. ڀٽائي صاحب جون ٻه چار دلچسپ ڳالهيون | عبدالڪريم چشتي | ١٠٠- |
| ١٤. شاهه جو سارنگ ۽ اسلامي فتوحات | رشيد احمد لاشاري | ١٠٦- |
| ١٥. شاهه جو ڀنڀور | مولائي رحيمداد | ١١٦- |


Marfat.com

## حصه نظم


| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. | ذڪر لطيف | محمد واصل ٺٽوي | -١٢٧ |
| ٢. | مرشد ڀٽائي | مير عبدالحسين خان سانگي | -١٢٩ |
| ٣. | رومي ء سنڌ | مير حسن علي خان | -١٣١ |
| ٤. | سخي شاهه عبداللطيف | آخوند محمد بچل | -١٣٣ |
| ٥. | سنڌ جي شاعرن جو سرتاج | غلام احمد نظامي | -١٣٩ |
| ٦. | لطفن ڀريون لاتيون | رشيد احمد لاشاري | -١٤١ |
| ٧. | نذر عقيدت شاهه ڀٽائي | عبدالله خواب | -١٤٣ |
| ٨. | مرد قلندر | ميرزا گل حسن ”احسن“ | -١٤٥ |
| ٩. | لطيفي بهار | الله بخش سرشار | -١٤٧ |
| ١٠. | شاهه جي مدح ۾ مخمس | محمد خان غني | -١٤٨ |
| ١١. | سهڻو لطيف | علي محمد مجروح | -١٥١ |
| ١٢. | ڀٽ ڌڻي | پرسرام ضيا | -١٥٣ |
| ١٣. | اي شاهه ڀٽائي | حافظ محمد احسن | -١٥٥ |

# دُعا ذریعۂ نجات

حضرت انسؓ سے روایت ہے حدیث قدسی میں اللہ تعالیٰ نے فرمایا، اے انسان جب تک تو مجھ سے بخشش طلب کرتا رہیگا میں تیرے گناہوں کو بخشتا رہوں گا۔ اے اِنسان اگر تیرے گناہ آسمان کی وسعت سے بھی زیادہ ہوں اور پھر بھی تو مجھ سے بخشش کی دُعا مانگے تو میں تیرے گناہوں کو بخش دوں گا۔

اے اِنسان اگر تیرے گناہ زمین کی حدود سے بھی زیادہ ہوں اور تو بخشش کی بھیک مانگنے کے لئے میرے در پر سجدہ ریز ہو تو میں تیرے گناہوں سے زیادہ وسیع مغفرت کے ساتھ تجھے نوازونگا۔ اور مجھے اس پر کوئی گرانی نہ ہوگی۔ (ترمذی، احمد، دارمی)

## رضاء خدا کے لئے کسی سے ملنا موجب بخشش ہے

حضرت براء بن حازب رضی اللہ عنہ سے روایت ہے کہ حضور صلی اللہ علیہ وسلم نے ارشاد فرمایا کہ جب دو مسلمان (اللہ کی رضا کے لئے) ملتے ہیں اور مصافحہ کرتے ہیں۔ تو جُدا ہونے سے پہلے بخشش دیے جاتے ہیں۔ مشکوٰۃ شریف

رب العزت اپنے پیارے حبیبؐ کے صدقے مجھے سلام کی خدمت کرنیکی توفیق عطا فرمائے۔ میرے والدین و احباء اقرباء کے حق میں دعائے مغفرت۔ فرمائیں آمین


بسم الله الرحمن الرحيم

مائي مليءَ نعمت واري قلمي نسخي، شاهه جي رسالي جي
پهرين صفحي جو عڪس. هيءُ نسخو ۲۸ جمادي الثاني ۱۲۷۰
هجري ڌاري مڪمل ٿيو.

Marfat.com

## عرض حال

مهراڻ جي ماٿريءَ جي تاريخي عظمت ڪنهن وڏيڪ تعارف جي محتاج نہ آهي. دنيا جي قديم عراقي ۽ مصري تهذيبن سان سنڌو ديس جي سڀيتا ئي سينو ساهي سگهي ٿي، جنهن جي ثبوت لاءِ موئن جي دڙي ۽ ٽئڪسيلا جا کوٽايل کنڊر ئي بس آهن. برصغير ۾ اهو ئي سهڻو ساڀيہ آهي، جتي اسلام جي امن ۽ سلامتيءَ جو سنيهو پهرين پهتو. هن اعليٰ ۽ اتم نعمت کي هتان جي سياڻن سيني ۾ سانڍيو، پوءِ تہ ابو عطا سنڌي ۽ شيخ ابراهيم ديبلي وغيره جهڙا اهي عالمي شاعر، اديب، محدث ۽ فقيہ پيدا ٿيا جن جي فيض جي ڪرڻن سڄي دنيا کي سوجهرو پهچايو، اهو سنهري سلسلو هلندو رهيو.

ٻارهين صدي هجريءَ ۾ هن ماڳ جا ڪي وڏيڪ ڀاڳ

ڪليا . هڪ پاسي ابوالحسن ڪبير محدث، شيخ محمد حيات، مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم جهڙا ڪيئي محدث ۽ فقيهه پيدا ٿيا ته ٻئي طرف شاهه عنايت شهيد، شاهه عبداللطيف ۽ سچل سرمست جهڙا شاعر، اولياء ۽ اڪابر پيدا ٿيا جن پنهنجي دلاويز نغمن سان عوام توڙي خواص ۾ نئون روح ڦوڪيو. اها ذاتڻ جي ذات چڱيءَ جو جيڪا مقبوليت شاعرن جي شاهه لاکيڻي لطيف جي ڪلام کي حاصل ٿي سا ٻين کي نه ٿي. اڄ شاهه نه رڳو مقامي شاعر آهي پر عالمي شخصيت آهي جنهن جي ڪلام جي هاڪ ملڪان ملڪ پهچي پنهنجي سڳند ۽ سرهاڻ سان اديبن ۽ عالمن جي دماغن کي معطر ڪري رهي آهي.

انهيءَ اعليٰ شخصيت جي ياد ۾ ٢٠٦ سالگرهه تي، مغربي پاڪستان ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن طرفان اسين هيءُ حقير علمي تحفو پيش ڪريون ٿا، جا ڳالهه اسان لاءِ فخر جو باعث آهي.

هن محڪمه طرفان اڳ به ”نذر لطيف ۽ ياد لطيف“ تحفا شايع ٿيا هئا، جن کي اسان جي اديبن ۽ عالمن نهايت پسند فرمايو هو. هن ڀيري به حسب دستور وڏن اديبن ۽ عالمن کان شاهه جي فلسفي، ڪلام ۽ شخصيت تي جديد علمي مقالا ۽ اشعار حاصل ڪري آڏو رکجن ٿا ۽ اها ٿي آس آهي ته هيءُ ادبي تحفو اڳي کان به اڳرو ٿيندو.

آخر ۾ اسين انهن سڀني اديبن ۽ عالمن خاص ڪري علامه آءِ - آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش بلــوچ، محـــترم

رحيمداد شيدائي ۽ محترم الله بخش عقيلي سرشار جو شڪريو ادا ڪريون ٿا جن اسان جي هن علمي ۽ ادبي خدمت ۾ قلمي تعاون فرمايو آهي.

محبت پائي من ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگھائيو.
(شاهه)

اسماعيل ايس خواجه

ڊائريڪٽر آف انفرميشن، مغربي پاڪستان
ڪراچي.

Marfat.com

Marfat.com

## ٻيو معيار

ٻيو معيار، جو موجوده دؤر جا وڏا نقاد شعر کي پرکڻ لاءِ تسليم ڪن ٿا سو هيءُ آهي تہ: آيا شاعر جي ڪلام جي ڪنهن بہ مصرع ۾ ڪو بہ اهڙو لفظ بدلائي سگهجي ٿو ڇا جو انهي تبديل سان مصرع کي زياده مؤثر يا فصيح بنائي سگهي يا ان ۾ وڌيڪ ترنم پيدا ڪري سگهي ؟

هڪ دفعي جڏهين بين جانسن (Ben Jonson) کان پڇيو ويو تہ هو پنهنجي نظم جي ڏهن کان بہ زياده دفعا تصحيح ڪري ٿو حالانڪ شيڪسپيئر ڪڏهين بہ پنهنجي شعر جي دوباره اصلاح ڪانہ ڪئي، تڏهين جواب ڏنائين تہ سندس خيال موجب بهتر ٿئي ها جيڪڏهين شيڪسپيئر ويهہ دفعا پنهنجي شعر جي اصلاح ڪري ها - مگر انهيءَ هوندي بہ زمانو شاهد آهي تہ سندس اهو نظم جنهن جي ڏهہ دفعا تصحيح ڪئي وئي آهي ان ۾ اڃا بہ اصلاح جي گنجايش باقي آهي ، مگر شيڪسپيئر جون في البديهہ چيل مصرائون اصلاح کان بالاتر آهن ۽ انهن مان گهڻن ۾ ڪنهن بہ هڪ لفظ جي ڦير گهير سڄي مصرع جي ترنم کي تباه ڪري ڇڏيندي . بهر حال اهڙي تبديل سڌاري جي بدلي نقصانڪار ثابت ٿيندي .

حقيقت ۾ ڪنهن ورلي شاعر جو ڪلام هن معيار تي پورو بيهي سگهندو . مگر لطيف جي ڪلام ۾ تہ فقط هڪ لفظ جي تبديل بہ سڄي لئي جي ترنم کي بگاڙي ڇڏي ٿي ، بلڪ ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ناقابل برداشت بنائي ڇڏي ٿي . بس! امڪان نہ آهي جو ڪنهن بہ مصرع ۾ ڪو هڪ لفظ بہ هٽائي يا مٽائي سگهجي . سندس سڄو ڪلام انهيءَ لطيف توازن ۽ نزاڪت جو

Marfat.com

حاصل آهي : نه فقط هر هڪ مصرع مگر هر هڪ لفظ ۽ ان جي بيهڪ کي **هڪ خاص اهميت آهي** ۽ ان جو بدلائڻ محال آهي . دنيا جو ڪو به شاعر سندس ڪلام جي سچي ذخيره جي نقطهء نگاه کان هن پرکا ۾ پورو بيهي نه سگهندو . ٻين شاعرن کي ته ڇڏيو پر خود شيڪسپيئر جي به ڪيترن ئي مصراعن کي ترميم بعد بهتر سمجهيو ويو آهي . موجوده يوروپي نقادن ڪنهن به شاعر جي شعر کي پرکڻ واسطي اهو ٽيو معيار مقرر ڪيو آهي .

## ٽيون معيار

اهي مٿيان ٻه معيار ڪنهن به شاعر جي، دنيا جي شاعرن جي قطار ۾ درجي مقرر ڪرڻ واسطي ڪافي آهن . مگر اهان به ٽيون هڪ آخرين، نهايت اهم، ۽ ناگزير معيار آهي جو، از روءِ جامع تنقيد، قطعي طور ڪنهن به شاعر جي درجي قائم ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو آهي . اهو معيار آهي استعمال زبان جنهن جي ذريعي شاعر پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري ٿو .

چيو وڃي ٿو ته ملٽن پنهنجي جمله ڪلام ۾ انگريزي زبان جا اٺ هزار الفاظ ۽ شيڪسپيئر سورهن هزار الفاظ استعمال ڪيا آهن . الفاظ جي صحيح استعمال کي درڪنار ڪندي به، خيالات جي وسعت کي تورڻ تڪڻ جو هيءَ فقط هڪ طريقو آهي . درحقيقت، زبان واري معياري پرک جو اهو ( الفاظ جو ڳاڻيٽو ) ڪو موزون طريقو نه آهي . سوال آهي ته سورهين صدي واري انگريزي زبان اندر، خيالات جي اظهار جي وسعت جيڪا شيڪسپيئر پيدا ڪئي انهيءَ کان وڌيڪ وسعت پيدا ڪرڻ جو به ڪو امڪان هو ڇا؟ ٻين لفظن ۾، معيار آهي زبان ۾ زياده

Marfat.com

مروج مسئلا کي نئي ڇيڙيون ٿا ته شاه جو شعر ڪيتري قدر قرآن تي حاوي آهي ۽ ڪيتري قدر ان جو تفسير. نڪي وري اسان جو مقصد آهي ته ڪو شاه جي پيٽ روميءَ سان ڪريون جنهن جي "مثنوي" متعلق چيو ويو هو ته: "هست قرآن در زبان پهلوي".

اهي جملا نقطا اسانجي محققن جي توجه جا لائق آهن ۽ انهن تي ڪتابن جا ڪتاب لکي سگهجن ٿا. انهن جي اپٽار جو نه هيءُ موقعو آهي ۽ نه محل. تنهنڪري اسان انهن ڏن معيارن تي اکتفا ڪريون ٿا جي مٿي بيان ٿي چڪا آهن ۽ پل ته دنيا پاڻ ڏسي بشرطيڪ ان کي اهي اکيون آهن جن تي تنگ "قومي" جذباتن جو پردو چڙهيل ناهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# شاهه جي عام مقبوليت جا ڪي اسباب

سنڌ سونهاري سوين شاعر ۽ درويش پيدا ڪيا آهن، جن مان هر هڪ پنهنجي جاءِ تي هڪ خاص درجي ۽ منزل جو صاحب آهي، مگر ڀٽائي صاحب هر جائي هر دلعزيز آهي. سندس نالو ٿر، ڪاڇي، لاڙ، سري، ڪڇ ڀيلي پڌرو ۽ نروار آهي ۽ سندس ڪلام جتي ڪٿي عام توڙي خاص جي زبان جو ورد ۽ وظيفو آهي. هن نيڪ نامي، مقبوليت عام جي مام تي غور ڪندي بنده جي خيال ۾ اول اول هي ڳالهه آئي ته:

(۱) ڀٽائي صاحب سيد سونهارو، نڪ نسب ڀلارو هو. عزت ۽ عظمت سندس ذات ۾ سمايل هئي. انهيءَ کان سواءِ سندس آکهه به اعليٰ هئي. ڀٽائي ڪو لئيءَ مان لٽ پيچي درويش ڪونه بنيو هو، مگر هو پرين پڌرو، ڪريم پوٽو هو، ڀلائي ۽ بزرگي سندس بنياد ۾ هئي.

(۲) ٻيو ته شاعري به سندس خانداني وراثت ۾ هئي. ڪانئس اڳ، سندس جد امجد شاه ڪريم ئي ڄڻ "سنڌ جو شاعر" هو.

اهڙيءَ طرح ڀلي ذات، درويشي صفات ۽ شاعريءَ جي ڏات سندس خانداني ورثي ۾ هيون، جن ڀٽائي صاحب جي پهرين پنيرائي ڪئي مگر نيٺ هن نر پنهنجو نالو پاڻ اجاريو.

(۳) بذات خود ڀٽائي صاحب نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت انسان هو. نهٺائي ۽ نماڻائي، تواضع ۽ توڪل سندس طبيعت

Marfat.com

جا جزا هيا . مطلب ته سيد سينئي پرين چڱو ساماڻو . وري جو الاهي عشق جي مهميز آيس مو وچي ڪشالا ڪڍيائين ۽ جهد ڪيائين . جڏهين درويشي جي رنگ ۾ رچي لعل ٿيو، تڏهين سندس فقيريءَ جي فيض به ڪئين معتقد ۽ مريد پيدا ڪيا ۽ سندس نيڪ نام هر جاءِ عام ٿي ويو .

(٤) هن فقيري ۽ درويشيءَ جي منزل سان گڏو گڏ سندس طبع جي بحر ۽ زبان جي سحر ڪيس "شاعري" جو اهو شعور ڏنو جو سندس ڪلام ، ٻڌندڙن جي جيءَ ۾ وڃي جايون ڪيون . سندس جهان گشتي ۽ جهان پيمائي ، ڪشاده دلي ۽ نظر جي بينائي ، انسان ذات سان همدردي ۽ الاهي اسرار سان آشنائي ، سندس خيالات ۾ عالمگير وسعت پيدا ڪئي . مگر هي سنڌ جي مٽي هئي جا چاپندي ٿي سندس لڱن کي لڳي هئي؛ هي سنڌجي سر زمين هئي جنهن ۾ پاڻ وڏي وڏو ٿيو هو، جنهن ڪري سندس جذبات نج سنڌي هئا . ڀٽائي صاحب پنهنجي عالمگير خيالات کي سنڌي احساسات جو جامو پهرائي ، سنڌ جي عام فهم ٻوليءَ ۾ پنهنجي سحر آميز شاعريءَ جي ذريعي ويهي ورجايو . ڀلا ڀوءِ ڪير سندس ڪلام جي دام ۾ نه ڦاسي ها!

(٥) ازان سواءِ ڀٽائي صاحب ، پنهنجي عالمگير خيالات ۽ سنڌي احساسات کي شاعريءَ جي ڏوري سان ويهي سنڌ جي ڪهنين ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ آڻيو . انهن جهونن قصن ڪهاڻين کان سنڌ جو ننڍو وڏو باشندو واقف هو . انهيءَ ڪري بيتن جو ظاهري مضمون ويتر ماڻهن کي وڻي ويو ۽ نه فقط سندن ذهن نشين ٿيو، مگر دلنشين به ٿي ويو .

(٦) حسن اتفاق سان اهي ڪهاڻيون ۽ قصا سنڌ جي هر

علي نواز جتوئي

# ڀٽ ڌڻيءَ جو پياري پيڇ

ڀٽ ڌڻي رحمة الله عليه، دنيا جي صوفي شاعرن مان هڪ هو. هو سلوڪ جي سڀني منزلن مان مشاهدات ماڻي واصل بالله ٿي چڪو هو. منجهس ۾ ئي مجازي محبت جي مهميز ڪيس بي خود بنايو ۽ جن بات کي جڳايو جن سندن سيني ۾ شعر جي سلن کي آڀاريو. ان شعر ذريعي شاهه صاحب پنهنجي ڪيفيات ۽ واردات کي اظهار ڪندو رهيو جن مان ڪيترا ته رندي راز آهن. انهن رازن مان هڪ وڏو راز يا پياري پيڇ "شاهه سندو سڄڻ" آهي، جنهن جي وضاحت کي آءٌ اهم ترين سمجهان ٿو ڇو ته شاهه جي شارحن مان ڪو به اڄ تائين اهو پڌائي نه سگهيو آهي ته "سڄڻ" مان شاهه صاحب جي مراد ڇا آهي، سندس سپرين ڪير آهي، ڪنهن کي ٿو ساهڙ سڏي، ميندري مان مطلوب ڪير آهي ۽ آرياڻيءَ جو اشارو ڪيڏانهن آهي وغيره.

منهنجي طالبانه تحقيقات موجب، شاهه صاحب جن جو مطلوب محبوب، عالمن جو ابو، اولين نرمل نور، مولي پاڪ جو مڪمل مظهر، خاتم النبيين رحمة العالمين (عليه الصلواة والسلام) جن آهن ۽ نه ذات باري تعاليٰ. انهن سڀني سرن ۾، جن ۾ شاهه صاحب، پنهنجي "سڄڻ" کي ساري ٿو، اهوئي اشارو ملي ٿو. اڄو ته سرڪلياڻ کي جاچي ڏسون. هن سر جي پهرئين داستان ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته محمد رسول الله (صلي الله عليه والسلم) کي مولي پاڪ "محبوب" بنائي، ٻئي سرائون

اصل سيئي ماهيتين، ماهيت محبوبان،
آگو چوم آن کي، نڪي مخلوقا.

انهيءَ انڪشاف کي پٽ ڌڻيءَ هينئن ظاهر ڪيو:-

عاشق چوم آن کي م ڪي چو معشوق
خالق چوم خام! تون م ڪي چو مخلوق.

مٿي چئي چڪو آهيان ته "وحدت" مان مراد "حقيقت محمدي" آهي. انهيءَ جي ئي هل هلا چي سان سارو سنسار گونججي رهيو آهي.

وحد تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، ڀولي ڀي م ڀل
هو هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين.

هن بيت ۾ شاهه صاحب "بالله" چئي پنهنجي "سڄڻ" کي "الله" کان الڳ پيش ڪريٿو.

ان "وحدت" يعني "حقيقت محمدي" سان جيڪي گڏجي ويا تن کي ڌڻيءَ ڏٺيو.

تيلانهه ڌڻيءَ ڌڻا، جيلانهه ويا وحدت گڏجي. (شاه)

اها "حقيقت محمدي" "وحدت ڪل" ئي آهي جنهن سان جوڳين جو ڪم آهي:-

جز وڃايو جوڳين، ڪل سين ڪم سندن.

هاڻي آءٌ هت لازمي سمجهان ٿو ته "حقيقت محمدي" کي ڪجهه کولي بيان ڪريان، جو ته آن مان ئي پتو پوندو ته چو اوليائن جو مربي، محمد ڪريم (صلواة الله عليه) پاڻ آهي.

سڀ کان اڳ هڪ حق پاڪ جي ذات موجود هئي ۽ ٻيو

Marfat.com

کي ، الاهي افعالن ۾ فاني پائي ٿو يعني هو ڏسي ٿو ته اسين ڪاٺ جي پتلين وانگر آهيون جن جي ڏور، ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ آهي جو ئي اسان کي هلائي چلائي ٿو. ان ڪانپوءِ ”صفاتي فنا“ جي منزل اچي ٿي جنهن ۾ سالڪ پنهنجي ۽ ٻين جي صفتن کي خدائي صفتن ۾ گم پائي ٿو. ان ڪانپوءِ ”ذاتي فنا“ حاصل ٿئي ٿي جنهن ۾ سالڪ صرف هڪ ”ذات“ کي پائيندو ۽ باقي کي ان ۾ فاني. اهي فنائون وجودي يا جسماني نه آهن بلڪ شعوري آهن يعني سالڪ کي سندس شعور ۾ ائين معلوم ٿئي ٿو. اتي ولايت پوري ٿئي ٿي ۽ سالڪ ”ولي ڪامل“ ٿئي ٿو. انهيءَ ”فنا“ بعد سالڪ کي ”بقا“ ملي ٿي يعني کيس لازوال ۽ غير مبدل شعور سان ”باقي“ بنايو وڃي ٿو. فنا ۾ سالڪ شعوراً ”وحدت وجودي“ وارو ٿئي ٿو، ليڪن بقا بعد کيس معلوم ٿئي ٿو ته اها وحدت وجودي نه هئي بلڪ شهودي هئي يعني شهود ۽ مشاهدي ۾ مجذوبيت سببان وجودي پئي معلوم ٿي ۽ جنهن کي خدا پئي سمجهيو ويو سو خدا نه هو بلڪ مولىٰ پاڪ جو مڪمل مظهر ”نور محمدي“ هو. انهيءَ هوندي به سالڪ انهيءَ منزل ۾ گنهگار نٿو ٿئي، چو ته مجذوب آهي ۽ گرفت جي لائق نه آهي. حضرت مجدد الف ثاني رحه، شاهه ولي الله دهلوي رحه ۽ ٻين اهڙن عارفن جو چوڻ آهي ته جو شخص ”حال“ يا ”جذب“ کانسواءِ ”همه اوست“ چوندو سو زنديق ٿي مرندو مگر مجذوب، صديق ٿي مرندو.

بقا ۾ سالڪ کي اهو به عرفان ملي ٿو ته ذات پاڪ وهم، گمان ۽ شعور کان بلڪل آڳاهين آهي. وراءُ الوري ثم وراءُ الوري. اها ذات پاڪ تجلي ڪري ٿي، ”نور محمدي“ تي جنهن جو پرتو پوي ٿو عرش اعظم تي، جتان ڪائنات ۾

Marfat.com

ساهڙ جا سينگار، اڻ لکيا اڳ ئي هئا.

چو ته "نور محمدي" خود "قلم" هو تنهن کري سندس سينگار "لکڻ" يعني تقدير کان به اڳ هئا.

هن روح اعظم مان جڏهن پيا ارواح پيدا ڪيا ويا تڏهن کين الاهي امر ٿيو ته "آلست بربکم" چا، مان اوهانجو رب نه آهيان؟ سڀني جواب ڏنو ته "بلي" (هائو). هت سوال اٿي ٿو ته ان وقت ارواحن جي ربوبيت ڪيئن ٿي رهي هئي؟ سواءِ هن جي پيو ڪو به ذريعو ڪو نه هو ته روح اعظم مان ئي سندن ربوبيت ٿئي ۽ ٿيو به ائين. ان کري شاهه صاحب فرمائي ٿو:-

"الست" ارواحن کي جڏهن چيائون،
ميثاقان ميهار سان لٿيون مون لائون،
سو موٽي ڪين پاهون؟ جو محفوظان معاف ٿيو.

هتي "محفوظ" مان مراد "لوح محفوظ" آهي جنهن تي قادر جي "قلم" يا ڪلڪ يعني "نور محمدي" لکيو. اينگهه کي اتي ڇڏي اختصار کي اختيار ڪندي، اچو هاڻي سر سسئي تي اچون ٿا. سسئي چوي ٿي ته:-

الله! اچن اوءَ، جن آئي من سرهو ٿئي.

هتي صاف ظاهر آهي ته پنهل مان مراد، الله، نه آهي. هڪ هنڌ اچان به وضاحت ٿيل آهي:-

برو هو پنهور، آريائيءَ آجاريو (سر حسيني)

جڏهن دنيا جي حالت بدترين ٿي چڪي هئي، تڏهن عربي آقا اچي آن کي بهتر بنايو.

سر سسئيءَ کي اِتي ڇڏي، سر مومل راڻي تي اچان ٿو جتي هڪ هنڌ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته :-

سودا پيا ٻه سڄاڻ، ريءَ راڻي جي ناهه ڪو.

گويا سودا گهڻائي آهن ۽ سڀ سٺي ڄاڻ رکندڙ آهن مگر انهن ۾ راڻو پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ سندس ثاني ڪونهي. هتي "سودن" مان مراد انبياءَ آهن جن ۾ "محمد" جو مٽ ڪونهي. ٻئي هنڌ انهيءَ سر ۾ شاهه فرمائي ٿو ته :-

جا ڀُوَن ڀيرين مون، سا ڀُوَن متي سڄڻين،
ڌڳ ڳڌ ٻا ڌوڙ ۾، آڀي ڏٺاسون،
ڏينهن مڙ يوئي ڏوُن، آئي لوچ لطيف چئي.

هن بيت ۾ شاهه صاحب سڌو سئون پاڻ ڪريمن جي جسم مبارڪ بابت ٻڌائي ٿو ته زمين جي اندر مدفون آهي، حالانڪ سندن روحانيت جماي جهانن جي جوهريت رکي ٿي :-

صلواتون سرور آتي، جو جوهر جهانا. (گروهڙي رحه)
تنهن ڪري،

- راڻو ۽ راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪي. (شاهه)
اِن سبب ڪري،

سندي حشر ڏينهن، سودو سارينديءَ گهڻو. (شاهه)

تنهن ڪري خود شاهه صاحب تمنا ڪري ٿو ته :-

راڻو، رب، راضي ڪري، مان ورائي واڳ.

اهڙي انداز مان ڪن ٻين سرن جي محيط مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب جي من جو مطلوب، محمد عربي ؐ

احمد عربي عليہ الصلواة و السلام جن آهن جن جي ظهور کان اڳ ڏي الله تعاليٰ سيني نبين کان واعدو ورتو ته جيڪڏهن اوهانجي عمر ۾ هو ظهور وٺي ته سندس سرداري قبول ڪجو. (قران)

پليو سڀ پنهور، جو پٺيءَ هوت نه هليو.

سر مارئيءَ ۾ ڏر جو سارو احوال عربستان سان ئي ٺهڪي اچي ٿو ۽ سر سارنگ ته سراسر نبوي نينهن جي نسبت ۾ چيو ويو آهي. ڪي ٻٽي پيا بيت به پين سرن مان پيش ڪريان ٿو.

١- سهسين سڄڻ آيرئي، چوراسي چنڊن،
بالله ريءَ پرين، سڀ اونداهي ڀانئيان.
(سر ڪنڀات)

٢- چنڊ چوئين حق، جي وڌهئين، جي ورچئين
پر اکيون ڏيون نڪ، تو ۾ ناهه پرين جهو.
(ڪنڀات)

٣- ستا سڀ پيٽي، سندي معلم آسري
اوهين پڻ سمهو نا ڪٿا، بندر ناهه پٽي
جن جي سيدلج ڪنئين، سي سڀ لنگهندا لڪيون.
(سر سراڳ)

هاڻي پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن ته هيءَ راز ايڏو اونهو ۽ عجيب آهي جو آن تي چپن چورڻ کان گهڻن گريز ڪيو آهي. چو ته :-

سلج تنهن سلوڪ، جو ناقصان ڏي نڳيو. (شاه)

انهيءَ مصرع جون پهريون مصر عائون هي آهن :-

Marfat.com

عاشق چوم ان کي، م کي چو معشوق
خالق چوم خام! تو ن م کي چو مخلوق.

جيئن "صاحب رب ستار" جو ثاني ڪونهي تيئن هن سهڻي سردار جو به ثاني ڪونهي.

صاحب سيد خلقيو، جڏهن جاءِ نہ ماءِ
ليس کمثله شيءِ حسن حد نہ ڪاءِ
نڪو وصل وڇڙ، نڪو وچ و چاءِ
ظاهر ڏٺائين ذات ۾، صورت سنڌيس شاهہ
سرور ڪئو سجدو، آئي ايمانئاءِ
المؤمن مرآة المؤمن، لوڪان ڳالهہ لڪاءِ
ڪنجون قلف ڏياءِ، هم هٿ حبيب جي.

(سلطان الاوليا رحہ)

ڪنهن ڪامل اهو اشارو ڏنو تہ "انساني بدن جو باطن سندس نفس آهي؛ ان نفس جو باطن، انساني دل آهي؛ انهيءَ دل جو باطن، انساني روح آهي؛ انهيءَ دل جو هڪ رخ، جو نفس جي طرف آهي، "قلب" ڪوٺجي ٿو؛ ٻيو رخ، جو روح جي طرف آهي، "فواد" سڏجي ٿو. انساني روح جو باطن، روح اعظم يعني "نور محمدي" آهي جنهن جو باطن خود خدا آهي."

١- ٿيو حضوري هاڻ، سو جها ڀيس سر جي
ڪنڌي لٿي ڪاڻ، ڦڪيڙي ڀاتار ۾.

٢- ڦڪي ڀهي نڳئا، منجهان لٽڙن لڪ،
ڪنين ماڙڪ ميڙ يا، ڪنين رتا ڦڪ،
ڀئي لائي لڪ، گڏيا هنج حبيب ڪي.

اهڙن هنجن مان هڪ هو شاهہ ڀٽائي رحمة الله عليه.

Marfat.com

هو، هن پنهنجو گهڻو شعر به ان حالت ۾ لکيو. (١)

شاهه ڇمندي ئي ڇام هو. ڪيترو پڙهيو ننهن جو ڪو پتو پئجي نه ٿو سگهي، البت سندس ڪلام هن ڳالهه جو ضرور شاهد آهي ته هو ظاهري علم جي چاڻ سان گڏ باطني علم جو بحربي ڪنار هو ۽ سندس اندر الاهي تجلي ۽ سان اجريل هو. باقي جهنگ، جبل جهاڳيندي يار جي تات ۽ تنوار ۾ جهونگاريندو رهڻ سو ته ڪو شاهه کان سکي، اهو سندس مکيه مشغلو هو. ڪلاچي، وندر، پب، هاڙهو، هنگلاج، لاهوت، سچولاڙ، گنجو ڏونگر، گرنار، گجرات ۽ ٻين ڪيترين جاين جا سير ڪيا اٿس:-

ويئون پب پئي ڪيرون ڪاهوڙن جون،
آئون تن ڏوڻن جو پچان پير پهي،
وڃن رات رهي، ڏونگر جن ڏوريا. (ڪاهوڙي)

نانگا ناني هليا سامي سپيئي،
وهڪ سون ويئي آئون نه جيندي ان ري
(رامڪلي)

پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
ڇڏي ڪيٿ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.
(ڪاهوڙي)

سدائين سفر ۾ رمن متي راهه، پرن پورب پند ڏي منجهه سوالي ساهه،
جن جي الک سين آگاهه، هلو! ته تڪيا پسون تن جا.
(رامڪلي)

رسالي جي جدا جدا سرن ۾ اهڙا سوين بيت ملندا جن ۾

---

(١) شذرات الذهب، ابن عماد حنبلي ج ٥ ص ١٤٩.

انهن جاين جي سير وسياحت ۽ تڪين پسڻ جو احوال آيل آهي.

ابن فارض جا سوانح نگار لکن ٿا ته شروع ۾ ان کي مجازي عشق جي لغار لڳي هئي. هو هڪ عورت تي عاشق ٿي پيو هو انهيءَ جي ڦوڙائي ۽ فراق ۾ ڪجهه وقت آنهون ۽ داهون ڪندو رهيو. هن اها محبت ته ڪئي پر جلدي انهيءَ چاڙهيءَ کان چڙهي ٽپي پار پيو ۽ ستت ئي سندس نظر ملاء اعليٰ تي پئي. (٤).

اسان جو سهڻو شاهه به انهيءَ لپيٽ کان آجو نه رهي سگهيو، ڦوه جوانيءَ ۾ عشق گهڻو ڪري اڻ ٽر ۽ فطري هوندو آهي، شاهه جي به ڦوهه جواني هئي جو ڪيس مرزا بيگ جي گهر ۾ ان جي نندي نينگريءَ کي (جا نهايت حسين هئي ۽ بيمار ٿي پئي هئي) دعا ڪرڻ لاءِ ٻهتا، ڇوڪري جيتوڻيڪ ويڙهيل سيڙهيل پلنگ تي پئي هئي پر شاهه جي مٿس نظر پئجي ويئي سو هڪ ئي نگاه سان مٿس موهجي پيو، هن سلسلي ۾ شاهه گهڻائي ڏک ڏاکڙا ڏٺا ۽ اڳتي هلي الاهي جمال جو جلوو پسيائين.

هون به جنهن ماڻهوءَ جي دل جي پردن ۾ محبت ۽ سڪ، سوز جا انوار پهتل هوندا آهن سا دل الله کي وڌيڪ ويجهي آهي.

ڪئو مطالعه مون، هو جو ورق وصال جو،
ته ۾ تنهين تون، ٻي لات نه لحظي جيتري.

تصوف بذات خود محبت جو نالو آهي. **حلاج** محبت جو تفسير ڪندي فرمائي ٿو ته الله جي ذات خود محبت آهي. صوفين جو سرگروه شيخ **جنيد** بغدادي محبت جي معنيٰ ڪري ٿو:-

(١) الشعرالصوفي طبع بيروت.

"تنهنجي الله سان معيت کنهن علاقي کان سواءِ". صوفين الاهي محبت جو نظريو اصل ۾ افلاطون جي ڪلام مان ورتو آهي. صوفي حسن و جمال جي مدح ضرور ڪندو آهي جا ڪنهن مادي غرض لاءِ نه هوندي آهي، پر ان ۾ به هو مطلق جمال جو ڳولائو ٿئي ٿو.

ابن فارض پڻ صوفين وانگر رڳو صوفي هجي ها ته ڪيس ڪي ٿورا سڃاڻن ها پر سندس شعر ئي آهي جنهن ڪيس ملڪان ملڪ مشهور ڪيو آهي، ڪن عربيءَ جي اديبن انجي اهڙو هن طرح تعريف ڪئي آهي "ابن فارض سچي دنيا ۾ عشاقن جو بادشاه سڏيو وڃي ٿو، سندس مخالف يا موافق سڀ ڪيس پنهنجي دور جي شاعرن جو سردار ليکين ٿا، هو صوفين ۾ تمام وڏو شاعر هو محسنات بديعيه جي استعمال ۾ ته جهڙس ڪو ورلي ليندو، عربي ٻوليءَ تي پوري ڪمان هيس ۽ ايتري لغت ياد ڪيائين جو جهڙس ان دور ۾ ٻيو ڪونه هو" (١) هاڻي اچو شاه تي.

ساڳيءَ سنڌ صوفين ۽ اوليائن جو اصل کان ماڳ رهيو آهي، هتي ڪئي سالڪ با صفا آيا ۽ ويا جن مان ڪي ٿورا ڳاڻ ڳڻيا هوندا جن جي اسان کي سڌ هوندي نه ته ويچارا وڃڻ ڪاڻ ويا اڄ ڪنهن به ڪچهري ۽ علمي مجلس ۾ ڪين ڪو به ياد نه ٿو ڪري، پر شاه پنهنجي لافاني شعر ڪري هنڌين ملڪين مشهور آهي، سنڌ ۾ اهڙو ڪو هنڌ خالي نه هوندو، جتي سندس شعر ڪي جهونگاريو نه ويندو هجي. فني خوبين ۽ شاعريءَ جي لياقتن ۾ نه رڳو سنڌي گو شاعرن کان گوءِ کڻي ويو آهي پر ٻين ٻولين ۾ به شاه جهڙا شاعر گهٽ ملندا. ابن فارض جي ڪلام ۾ برابر بديع

---

(١) معجم المطبوعات العربية والمعربة، الشعر الصوفي. ص ٠٧-٨٩.

Marfat.com

جهڙن صنعتون گهٽيون ٿي سمايل آهن، پر شاه جي تمثيلي شعر، واقعہ نگاري، فطري جمال ۽ انساني حسن جي تصوير لفظن، جي ٻيهڪ، تشبيهن جي سادگي، صنائع بدائع جي عمدگي کي ڏسندي ابن فارض جي شعر کي پيٽ ۾ نہ ٿو آڻي سگهجي.

ابن فارض تحقيق اهڙي دور ۾ پيدا ٿيو جنهن ۾ محسنات لفظيءَ کي وڏي اهميت هئي، تنهنڪري مٿس تشبيهن ۽ استعارن جو اثر پيو. ان هوندي بہ سندس غزلي قصائد کي ايڏا قابل تعريف نہ آهن، پر جڏهن تہ ان ۾ تصوف جون رمزون رچيل آهن تڏهن ان جو وڏو قدر ڪيو وڃي ٿو، جيتوڻيڪ سندس شعر ۾ کي ڪمزوريون بہ آهن.

شاه جو دور محسنات لفظيءَ جو دور نہ هو پر جڏهن تہ سندس موضوع نهايت وسيع هو جنهن جي بيان لاءِ الفاظ محدود هئا تنهنڪري ڪيس رمزن ۽ اشارن کان ٿي ڪم وٺڻو پيو، پر اهي رمزون ۽ اشارا اهڙا نہ آهن جو پڙهندڙ جي دماغ تي ڪو بار وجهن، مگر قصن ۽ ڪهاڻين جي رنگ ۾ انهن کي ادا ڪيو ويو آهي، جنهنڪري عوام توڙي خواص سڀئي شاه، جي ڪلام مان حظ حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ اها هڪ اهڙي خوبي آهي جنهنجي ڪري ٿي شاه، کي صوفي شاعر هجڻ سان گڏ وگڏ هڪ عظيم عوامي شاعر بہ سڏيو وڃي ٿو.

ابن فارض تي "قصيده تائيہ"[1] لکڻ ڪري ڪن عالمن مٿس اعتراض بہ ڪيو حلول ۽ الحاد جي تهمت رکي ڪيس ڪفر

---

(١) هن قصيده جا ڪيئي شرح لکيا ويا آهن وائنا جي Dr. J. D. Hamer Purgstall ان جو جرمنيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

جي فتوا ۾ ڏني، اهڙن عاشقن ۽ وجودي صوفين تي ظاهر بين عالمن طرفان ڪفر جي فتوا ملڻ ڪا نئين ڳالهه نه آهي، ابن فارض سان گڏ شيخ **ابن عربي**، **عفيف** تلمساني، **قونوي**، ابن هود، **ابن سبعين** ۽ سندس شاگرد **ششتري**، **ابن مظفر ۽ صفار** تي به ڪفر جون فتوائون آيون. ڪشف الظنون ۾ قصيده تائيه جو بيان ڪندي لکي ٿو ته "ڪن سندس ڪلام جي بيحد واکاڻ ڪئي آهي ۽ سندس منجهيل بيتن جي مام ۽ مطلب بيان ڪري ظاهري مطلب مراد نه ورتي آهي، پر عالمن وري حد کان وڌي ڪيس ڪفر جي نسبت ڪئي آهي ۽ ٽيان عالم ماٺ ۾ رهيا آهن. الله وارن جي شطحيات بابت اهوئي چڱو رستو آهي."

شاهه جيتوڻيڪ وجودي صوفي هو پر سندس ڪلام شطحيات ۽ بي خرافات کان قطعي صاف آهي اهوئي سبب آهي جو سندس دور ۾ مخدوم **محمد هاشم** ٺٽوي (جنهن حق گوئي ۾ پنهنجي استاد مخدوم معين کي به نه ڇڏيو) (١) **حاجي فقيرالله** علوي شڪار پوري متوفي ١١٩٥ هه (جنهن شاهه عنايت جي شهادت جو پڌي شڪراني جو نفل پڙهيو هو) اهي ۽ انهن جهڙا ٻيا عالم موجود هئا مگر ڪنهن به شاهه ڀٽائي جي خلاف قلم نه کنيو. شاهه پنهنجي مقصد کي نهايت هوشياريءَ سان نباهيو آهي جو مٿس ڪا گرفت نه ٿي ڪري سگهجي:—

---

(١) مخدوم محمد هاشم پنهنجي هڪ رسالي ڪشف الغطا ۾ جو مخدوم معين جي رسالي قرة العين جي رد ۾ لکيو اٿس، مخدوم معين کي پنهنجو استاد ۽ شيخ سڏيو آهي.

جو اظهار ڪري سڀ اختيار سندس سپرد ڪري رهيو آهي ۽ ان بابت جيڪو نقش چٽيو اٿس تنهن مان هن فن ۾ سندس ڪمال جا اهڃاڻ ملن ٿا:-

اي محبوب! ڀلي ناز مان وڏائي ۽ غرور ڪر ڇو ته تون وڏائي جي لائق آهين! ۽ جيڪي توکي وڻي سو مون ڪان وٺ! ڇو ته حسن توکي اهو (اختيار) ڏئي ڇڏيو آهي، ۽ توکي ڪلي اختيار آهي جيڪي وڻيئي سو فيصلو ڪر ڇو ته حسن و جمال توکي مون تي حاڪم ڪيو آهي جيڪڏهن منهنجي هلاڪت ڪري توسان وصال ٿي سگهي ته مان توتان گهور وڃان جلدي ڪر ۽ پنهنجي محبت ۾ توکي مونکان جيڪي امتحان وٺڻو هجي سو وٺ! جنهن ۾ تون راضي ٿيندين مان اهوئي پسند ڪندس.

پوءِ هر حال ۾ تون مونوٽ مونکان وڌيڪ پيارو آهين ڇو ته جي تون نه هجين ته مان به نه هجان. تنهنجي محبت ۾ خواري ۽ رسوائي منهنجي عزت لاءِ ڪافي آهي ڇو ته مان تنهنجو همسر نه آهيان. (١)

ابن فارض ته عشق و محبت ۾ قدم رکڻ کانپوءِ پنهنجي عجز ۽ انڪسار جو معترف ۽ فنا جو طالب آهي پر اسان جو شاهه محبت جي تلاش کان اڳ ئي ڪنڌ تي ڪاتي وهائڻ، مطلوب آڏو هر طرح فنا ٿيڻ ۽ ان جي ڏک ۾ آهون ۽ دانهون ڪرڻ ۽ نيهن جي نالي ڳنهڻ کان اڳ ماس ڪپي سيخن تي پچائڻ جي تلقين ڪري رهيو آهي.

---

(١) ديوان ابن فارض ص ١١٠-١١٦ طبع مصر.

Marfat.com

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙون،
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واجڻ جئن وڄاءِ،
سيخن ماهه پچاءِ جي نالو گيڙءِ نيهه جو.
(ڪلياڻ)

اصل عاشق پاهجي، سسي نه سانڍين،
لاهيو سر لطيف چي، پوءِ ماهه سلا ڙئو ڏين،
ڪلنئون ڪاٽين، پڇن پوءِ پريتڙون.
(ڪلياڻ)

ابن فارض رح جو هيٺيون بيت، شاهه جي "پهرين ڪات پاءِ الخ" بيت جي مقصد سان بالڪل ٺهڪي اچي ٿو:-

جيڪو ماڻهو عشق و محبت کي چيڙي ٿو تنهن کي منهنجو چوڻ آهي ته تون پاڻ کي مصيبت ۽ امتحان ۾ وڌ و هاڻي نشان بنجڻ لاءِ تيار ٿي ءُ. جنهن کي به تون دوست رکندين ته تون پاڻ کي ان جي آڏو ڪٺل سمجهه. هاڻي توکي اختيار آهي ته محبت لاءِ ڪنهن کي تو پسند ڪرين. پر اڳيءِ پنهنجي سر جو سانگو لاهه پوءِ هن ميدان ۾ پير پائڻ جي ڪوشش ڪر. (١)

ابن فارض، عشق، محبت ۾ ملامت ڪندڙ ماڻهوءَ کي خطاب ڪندي فرمائي ٿو:-

مان، ملامت ڪندڙ کي چوان ٿو ته تون مونکي هر وقت اها طمع رکي ملامت ڪندو رهين ٿو ته ملامت مون کي محبت

---

(١) ديوان ابن فارض ص ١١٣ طبع مصر.

ڪان روڪي رڪندي (پرائين نہ آهي). تون سونکي ملامت ڪرڻ ڇڏي ڏي جڏهن تون خود عشق ڪرين تہ پوءِ ملامت ڪر. (مطلب تہ عشق و محبت جي واديءَ ۾ اچڻ کان پوءِ جي تون ان جي ڇڏڻ تي قدرت رکندين تہ توکي ملامت ڪرڻ جو حق آهي. (۱)

شاه فرمائي ٿو:-

اُڃئو اڃئو چون :- "وه، وڻان تان گهورئا،"
سرتن سانگ سکن سين مون جنءَ رت نہ رون،
اومر ويئيون هون، مون ساڳاتو سور ئيا.
(ڪوهياري)

---

(۲) ديوان ابن فارض ص ۱۱۳

Marfat.com

محبوب علي محمد صالح چنه

# شاهه صاحب جا قصا

”قصو“ عربي لفظ آهي. ان جي معنيٰ آهي ڪنهن به واقعي کي تفصيل سان بيان ڪرڻ. قرآن شريف ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي روح رچندي قصي کي ”احسن القصص“ يعني ڀلي ۾ ڀلي قصي سان تعبير ڪيو ويو آهي. وري سورة هود، پاره ١٢ ۾ اسانجي رسول ڪريم کي ارشاد ٿيو آهي- ته:

”اي محمد! اسان پيغمبرن جي حالات مان جيترا به قصا تنهنجي سامهون بيان ڪيا آهن، انهن سڀني جي مدعا هيءَ آهي ته تنهنجي دل همت هڏي. ازانسواءِ انهن ۾ تنهنجي لاءِ حق ۽ مسلمانن لاءِ نصيحت ۽ ذڪر به آهي.“

انهيءَ رحماني ريجهه مان اها پروڙ پئي ته شاه لطيف جهڙي ڏاهيءَ ڏٺل جي قصن ۾ به اهي رحماني راز ضرور هوندا. اسان کي شاه صاحب رحه جي سوانح مان تحقيقي طور معلوم ٿيو آهي ته جيڪي ڪتاب هن صاحب کي دل پسند هئا انهن ۾ ٻه ڪتاب هو قرآن مجيد ۽ ٻيو هو مثنوي مولانا روم رحه. اهو ئي سبب آهي جو شاه صاحب جي قصن مان قرآن شريف جي قصن جهڙي سرهاڻ ۽ مولانا روم جي مثنويءَ جهڙي سڳنڌ پئي اچي. قصن جي باري ۾ قرآني ارشاد اوهانکي معلوم ٿيو. هاڻي وري اوهان مولانا روم کي ٻڌو- پاڻ فرمائي ٿو:-

خوشتر آن باشد که سر دلبران
گفته آيد در حديث ديگران

يعني هي وڏيڪ سٺو هجي جو پرين ۽ جو ڪجهه ٻين جي ڳالهين ۾ ظاهر ٿئي.

اهڙي طرح اسانجي شاهاڻي شاه پنهنجي پياري وطن جا سورما ۽ سورميون پنهنجن قصن ذريعي ڳايون آهن. هي سمجهڻ لازمي امر آهي ته قصو ادب جو لطيف، مرغوب ۽ مؤثر صنف آهي، جو قوم جي اخلاق، عادتن، رسمن، معاشرت ۽ تصورات جو آئينو هوندو آهي. هيءَ به حقيقت آهي ته قصي جي ذريعي عوامي ماڻهن جي طبيعتن تي غير محسوس اثر پوي ٿو ۽ هنن جي ڪردار بنائڻ ۽ بگاڙڻ جو موجب آهي. ادب جي هيءَ نئي صنف آهي جا انسان جي خيالات ۾ بلندي پيدا ڪري ٿي، جذبات کي اڀاري ٿي ۽ روح اندر هڪ قسم جي چرپر پيدا ڪري ٿي، جنهن ڪري هن جو اثر انسانجي قلب جي گهراين تائين پهچي ٿو. اهو واحد سبب آهي جو شاه صاحب مکيه سورمن خواه سورمين جو ذڪر قصن ذريعي ڪيو آهي ته هڪ طرف رند روحاني راز پروڙين ٻئي طرف سنڌس وطن واسي همت، عزم، استقلال ۽ بيداري جا انمول سبق سکن.

شاه صاحب جي ڪلام کي جيڪڏهين غور ۽ خوض سان مطالع ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته شاه صاحب رح جو شعر هيٺين مکيه حصن ۾ ورهايل آهي:-

١- مجازي ٢- عاشقاڻو ٣- ناصحاڻو ٤- طبيعي ٥- رزمي ٦- تمثيلي.

اسانجو لاڳاپو آخرين قسم سان آهي جنهن ۾ شاه صاحب جي قصن جا قالب پلٽيل آهن. هن ڏس ۾ اسانکي هر هڪ قصي کي پنهنجي خاصي خيال جي مرڪز ۾ آڻڻو آهي ۽ منجهانس شاه صاحب

Marfat.com

جو شاهاڻو مفهوم ڪيڏو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سچ فرمايو آهي ته:-

"هنن قصن ۽ ڪهاڻين کي خالي آکاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون ڪري نه سمجهڻ گهرجي. منجهن وڏيون تمثيلون رکيل آهن جن ۾ الاهي اسرار ڀريل آهن، جن ۾ گوڙهي روح رهاڻ رچيل آهي ۽ جنجي ذريعي انسان جو من وڃيو رب سان ملي-

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهن،
نيون من لائين، پريان سندي پار ڏي."

شاه جي رسالي ۾ ڏهه قصا آيل آهن. اهي سروار هنطرح آهن:-

(١) سر سهڻيءَ ۾ سهڻيءَ ۽ ميهار جو من موهيندڙ قصو.

(٢) آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسينيءَ ۾ سسئيءَ ۽ پنهونءَ جو پرسرائيندڙ قصو.

(٣) سر سورٺ ۾ سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جو ڏچ ڏيندڙ قصو.

(۴) سر مومل راڻي ۾ مومل ۽ راڻي جو رنجائيندڙ قصو.

(٥) سر ليلا چنيسر ۾ ليلا ۽ چنيسر جو چلائيندڙ قصو.

(٦) سر گهاتوءَ ۾ مورڙي مير بحر بانڪي جي بهادريءَ جو قصو.

(٧) سر ڪيڏاري ۾ ڪربلا جي قضئي جو دل ڏاريندڙ قصو.

(٨) سر مارئيءَ ۾ عمر مارئيءَ جو مٺيادار قصو.

(٩) سر ڪاموڏ ۾ ڄام تماچيءَ ۽ نوريءَ جي نياز جي راز وارو قصو.

Marfat.com

(١٠) سر ڏهر ۾ لاکي ۽ اوڏن جو آراپيندڙ قصو.

هنن قصن جا روحاني راز مرحوم مولوي غلام محمد خانزئي مصنف "منهاج العاشقين"، ڊاڪٽر گربخشاڻي مصنف "مقدمہ لطيفي"، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي مصنف "شاھ"، آنجهاني چيتمل پرسرام مصنف "شاھ جون آکاڻيون" پنهنجن ڌار ڌار ڪتابن ۾ رچيا آهن.

هر هڪ قصي ۾ "فاذ کروني اذ کر کم" جي تنوار تنبيل آهي. سالڪ حق جي جستجو ڌار ڌار اوپن ۾ ٿو ڪري. ڪٿي مومل آهي ته ڪٿي ليلا، ڪٿي سهڻي آهي ته ڪٿي سسئي. حق به ڪٿي راڻو آهي ته ڪٿي چنيسر، ڪٿي ميهار آهي ته ڪٿي پنهون.

اهي آکاڻيون ته عام آهن پر اسان کي هت هنن جي روحاني رازن جي سام پرجهڻي ۽ پروڙڻي آهي. سر سهڻي ۽ ميهار جي قصي ۾ هيٺيان مکيہ اداڪار آهن: سهڻي، ساهڙ، سائر، ڏم ۽ دلو. سهڻي سالڪ، ساهڙ سو پياوان محبوب، جنهن جي جمال جو جلوو سهڻيءَ سالڪ جي دل تي اهڙو ته منقش ٿي ويو جو پاڪاري چوي ٿي:- ته

"جيڪي ڏٺو مون، سو جي ڏٺو جيڏيون،
گهر ورنيءَ سان، هوند گهٽين گهوري ڇڏيا"

سائر ۽ سندس درندن ۽ "لڙ لهريون لس ليت" مان مراد آهي هي جهان ۽ ان جا جهوريندڙ لاڳاپا. ڏم مان مراد آهي نفساني خطرا ۽ وسوسا. سالڪ کي اندروني ڏم وسوسن جي صورت ۾ روڪين ٿا ۽ سائر ۽ ان جا تعلقات ٻاهريون

رنڌ ڪون ٿي ان جي سامهون اچن ٿيون. محبوب ٻئي پار آهي. ان سان وصال لاءِ سالڪ کي ڪونه ڪو ذريعو ڪنهارڪي دلي جهڙو ڳولهڻو ٿو پوي جو ته مطلوب جي چرڻن جي چونگار طالب جو من مستانو ڪري ڇڏيو آهي. ملاحظه ڪريو:-

هن پريم هوءِ، ستي سنيهارن جي،
چت چرڻن چوريو، ذوق ٿيڙم جوءِ،
محبت ۽ مجاز جي، بالمه پيم بوءِ،
وڃي روبروءِ، ڏيکيان دوست ميهار کي.

ٻئي طرف شاه صاحب دنيا وارن کي هيئين طرح هن سر معرفت قرباني، پاڻ نه ڪٽڻ ۽ همت جون هدايتون ٿو ڏئي:-

(١) ساهڙ سند و تن، سر سهائي گهڙن جي

(٢) پاڻ م ڪٽج پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڏ،
لالن تنين لڌ، عشق جنين جي اڳ ۾.

(٣) گهڙيا سي چڙهيا، انين اڻيئي
مٿي مٽي مهراڻ ۾، پوءِ ٿيو ڏيٺي،
ته ميهار مليئي، سنهوڙو سيٽاهه سين.

**سسئي ۽ پنهونءَ جو قصو** پنجن سرن تي مشتمل آهي. حساب ڪبو ته سڄي رسالي جي هڪ پاڱي ٽئين حصي کان وڌيڪ حصو هن قصي جي بلي آهي. هن ۾ به سر سهڻيءَ جهڙي تمثيل رکيل آهي. تفاوت فقط هيءَ آهي ته سالڪ جا بيروني خطرا سر سهڻيءَ ۾ ساڳر جي صورت ۾ آيل آهن پر سر سسئي ۾ "ڏاگهن، ڏيرن ۽ ڏونگرن" جي ڏک ۾

ڏيکاريل آهن. سسئيءَ مان مراد آهي اهو سالڪ جو پنهونءَ حقيقي محبوب جي محبت ۾ سرشار آهي.

ٻئي هنڌ وري ٻيئي وڌيس :—

"ان ترءِ منجهان تڪ، ڏني ٻاڻ اچ ٽئي."

هت اچ کي اچ سان تو لا هجي :—

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تا،
پي پيالو اچ جو، اچ سين اچ اتيار،
پنهون پاڻ پيار، ته اچ سين اچ اجهائيان.

پنهور ۽ انجا ٻاڻ دنيا ۽ دنيا جا لاڳاپا آهن. ڪيچ محبوب جو مڪان آهي جتي پهچڻ لاءِ پهريائين پهريائين ڏاگهن، ڏيرن ۽ ڏونگرن جا ڏم ڏسڻا آهن ۽ پوءِ منزل بمنزل محبوب جي منزل تائين پهچڻو آهي. پر سالڪ سسئي جڏهين هن سڃاڻي سفر لاءِ سنهري نڪري ٿي ته هوءِ پرين پنهونءَ جي پريت سان پر آهي ۽ جيڏانهن ڪيڏانهن انجي پريت جو پرو معلوم ٿئيس ٿو:-

ووڙيم سڀ وڻاڻ، يار ڪارڻ جت جي،
"والله بڪل شيءِ محيط"، اي آرياڻي اهڃاڻ،
سڀ ۾ پنهون پاڻ، پئو ناهه پروچ ري.

اهل دنيا لاءِ حياتي جون لاهيون چاڙهيون هن صورت ۾ ڏيکاري ٿو :—

ڪڏهن ايئن هياس، جڏهن پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي ايئن ٿياس، جو جت نــه نيڻم پــاڻ سين.

همت جي سندري پڌڻ ۽ غفلت جي ننڊ ڇڏڻ لاءِ پنهنجي ديس واسين کي شاه صاحب هن سر ۾ ايئن للڪاريو آهي :-

(١) وهي ۽ ويلا ڪري، اٿيءَ نه اکنڊ آه،
سي لاڳاپا لاهه، اوريان او پيارين جي.

(٢) ليل نه جاڳئين لڪسين، ڪلهي نوم ڪياءِ،
قم ٿي پهچ قريب کي، اجلس تون نه جڳاءِ.

**سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جي قصي** ۾ هن معتقد مريد جو ذڪر ڪيل آهي جو رباني راه ۾ پنهن جي هاٿ، کي پري ڪري پير جي هڪ اشاري تي نه فقط پنهنجو تن، من، ۽ ڌن قربان ٿو ڪري پر پنهن جو پيارو سر به حاضر خدمت ڪري ابدي حياتي حاصل ڪري ٿو :-

"سو سرن پائي، جي تند برابر توريان،
اتل اوڏاهم تئي، جيڏاه پيجل پرائي،
سگهو هڏ آهي، سر ۾ سڄڻ ناه ڪين"

طالب مرشد ڪامل جي "واچو ولاتي" جي وکر ۾ اچي اهڙو ته محو ٿي ٿو وڃي جو طالب ۽ مطلوب جو ڪو سنڌ و نٿو رهي :-

راجا راڳائي، هر دوئي هيڪ ٿيا.

**قصي موهل راڻي** جي اڀار الئي آهي. مومل مان مراد اهو انسان آهي جو ڏٺيءَ کان منهن موڙي پنهن جي ناهيل طلسم ۾ لڪو ويٺو آهي. راٺو ٿيو حق "فاذ ڪرواني اذ ڪر ڪم" جي اصول مطابق رب پنهنجي پانهي کي ڪونه ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي قرب جي دائري ۾ قريب ڪريس ٿو. پر اهو پانهو جو عارضي

فراق وقت سندس بوءِ پٽيان متوالو ٿي، صحيح ڪامل روح کي وساري ٿو وهي، سو رب جي ديدار کان تيستائين محروم ٿو رهي جيستائين غير گمان ڪڍي حق کي نٿو ڀاڙائي ۽ سيت ۾ صاحب کي نٿو پسي جئين:-

١- مون سارينديء ولها، اچين جي هڪوار،
تہ پيرين ڏريانءِ پنبڻيون، هنڌ وڇايانءِ وار.

٢- ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چناٽو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لنڊاٽو،
راٽو ۽ راٽو، ريءِ راٽي ڀو لاهه ڪو.

ليلا ۽ چنيسر جي قصي ۾ بہ غيرت الاهيءِ جو مظهر نمايان آهي. ڪئين نہ ليلا جنهن کي پنهن جي پياري چنيسر جو وصال نصيب ٿيو، دنيا جي هڪ رواجي وٿ مٿي تي موهجي ڏهاڳ جو ڏنڀ حاصل ڪيائين. پوءِ جڏهين ليلائي وري ليلا يائين ۽ پنهن جو پاڻ فدا ڪياءِ تہ محبوب جو ميثاقي ميلاپ نصيب ٿيس.

چنيسر جي چوڪ جو احوال ملاحظ ڪريو:-

چنيسر سين چاهہ، متان ڪا منڌ ڪري،
ڪانڌ ڪنهن جو نہ وٿي، گيرب ۽ گاهہ،
جي ٽڙي ٽور ڙ ياءِ، دوس ڏسائي داسڙو
گمراهہ پانهي جو ليلا ٿئي بہ تہ پڌو:-

مڪر ڏولڏ ڏلو، ناتو نماڻيءِ سين
ڪونهي ڪميڻيءِ جو بگر تو بلو،
تنهن جو ناڻ ءِ نلو، و يٺو ويٺي آهيان.

Marfat.com

اسمجهہ اوڏڻ کي بہ ايتري سمجهہ آئي جو لا کي کي ليلا ئي
چيائين :—

لا کي لڄ کنئي، اُسان اوڏڙ يــن جي،
کند و کان پي، اڳ وسوڙي آهيان.

——

لا کا لڄ سند يــاءِ، آئون اگلي آهيان،
پکا سي ڀرتاءِ، جي اجهي تنهنجي اڏيا.

مطلب تہ هر هڪ قصو روحاني راز ۽ منصوري ۽ مام سان
ڀريو پيو آهي. پروفيسر کلياڻ آڏواڻيءَ هن حقيقت کي
هيٺين طرح قلمبند ڪيو آهي :- ”مطلب تہ شاه جنهن بہ چيز يا
قصي جي اپٽار ڪئي آهي، تنهن کي تمثيلي زيب ۽ معنيٰ سان
سينگاريو اٿس. هر هڪ سر ۾ تمثيل جي جهلڪ ائين سمائي پئي
آهي جيئن سج ۾ تجلو، چنڊ ۾ چانڊاڻ ۽ گل ۾ سرهاڻ.“

محمد عرس سمون

# شاهه رحه جون ٽپيون

وهڻ واٽڙين تي، ڪيڇين ڪاڻ ڪهو؟

——:٭:——

آءَ هتي مٿينءَ سٽ جو صرف تت ۾ مراد ڪندس.

واٽن جا چار قسم آهن.

(۱) واٽڙيون:- سنهيون واٽون، سنها پيچرا.

هنن تان فقط سنهون مال ۽ ماڻهو اچي وڃي سگهن ٿا، پر مهري يا لاڏو اٺ اچي وڃيُ نٿا سگهن، خاص ڪري جابلو علائقن ۾.

(۲) واٽون:- وڏيون واٽون.

(۳) گس:- اهي وڏيون واٽون، جن تان ماڻهو ۽ مال، مهري ۽ لاڏو اٺ آسانيءَ سان اچي وڃي سگهن.

(۴) گهاڙو:- شهراه، گهڙيل رستا، يعني اهي رستا جي گهڙي ٺاهي ڪڍيا ويا هجن. ملڪ ۾ اهڙا رستا سرڪاري بيلدار ٺاهيندا آهن؛ جن تان ماڻهو، مال، اٺ، گهوڙا ۽ گاڏيون اچي وڃي سگهن.

۱- ڪاڻ- لاءِ، واسطي.

۲- ڪهو- ڪهڙو، ڪير. (لاڙي زبان)

ست جي ظاهري معنيٰ تہ پڌري پٽ پئي آهي، تنهن کري ان جي معنيٰ يا مطلب کرڻ جي ڪا خاص ضرورت ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. اسان کي هت صرف اهو ڏسڻو آهي، تہ ڀلاري پٽ ڌڻيءَ سنڌ جي سونهاري، سمهرل ۽ سهيرل شاه رحہ جي مراد ڇا آهي ۽ هن ڪهڙي ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي. اسان کي اشارتاً اشارو ڏيئي ڇڏيو آهي.

اسان جي روح روان شاعر جن وائڙين ڏانهن اشارو ڏنو آهي، سي سلوڪ جي راه و رسم ۾ هيٺيون آهن.

(١) شريعت (٢) طريقت (٣) حقيقت (٤) معرفت.

انهن چئن وائن کان سواءِ پيون ٻہ ٻہ وائون آهن، جن مان هڪ آهي هاهوت ۽ ٻي آهي باهوت؛ جن جو مفصل بيان هيٺ ڏنو ويو آهي.

شاه صاحب رحہ جن مٿينءَ ڏنل ست ۾ فرمائين ٿا تہ جيڪي طالب وات ۾ وهن ٿا، سي ڪوڙا ۽ ڪوتا آهن؛ اهڙن لاءِ شاه صاحب جن ٻئي بيت ۾ هيٺين فرمائين ٿا تہ:-

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ڪهجن ڪي ڪوتيون،
پهاڙ تنين پٽ ٿئي، جي للہ لالڻ لوتيون،
سي سهيليون سڪ ڪي، چنجون ۽ چوتيون.

اهڙي طرح ٻيءَ جاءِ تي فرمايو اٿن تہ:-

”ڪافر ٿي تہ آبهين، باب شرع جا ڇڏ“

آبهين - پيرن ڀر بيهين، بلند ٿئين، ارتقاء منزل ڪي ڀڄين، واصل باالله ٿئين.

Marfat.com

(پنڌن) شريعت جي حويليءَ جا چڏ، جن ۾ نہ معرفت نہ وصال، اهي درجا معرفت ۽ وصال جا مٿي آهن. جڏهن معرفت ۽ وصال جا درجا مٿي ٿيا، تڏهن شريعت کان لنگهي طريقت، حقيقت ۽ معرفت ڏانهن مٿي وڃڻ گهرجي.

جيئن معرفت کان پوءِ درجو تربيت ۽ وصال جو آهي. وصال جو درجو سڀني منزلن کان مٿي آهي ۽ وصال کان مٿي ٻي ڪا بہ منزل ڪانہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سڀ منزلون وصال لاءِ ٿيون وڃن (طئي ڪجن). جيڪڏهن ڪو بہ طالب شريعت جي دروازي تي ويهي عمر وڃائي، طريقت، حقيقت ۽ معرفت ڏانهن وک نہ وڌائي تہ پوءِ انهن جو سير حاصل نہ ٿيندو ۽ وصال بہ حاصل نہ ٿيندو، پر ٻهرئين درجي شريعت جي کان سواءِ مٿين منزلن تي پهچڻ نہ ٿيندو.

شريعت، طريقت ۽ معرفت جو مثال هيءَ آهي :-

جيئن تہ هڪ حويليءَ جا هڪ ٻئي کان مٿي چار طبقا هجن، جن مان هيٺئين طبقي جو نالو شريعت، ان کان مٿين جو نالو حقيقت ۽ ان کان مٿين چوٿين طبقي جو نالو معرفت آهي.

مطلب تہ درجي بدرجي منزلن کان لنگهڻ ۾ وصال محبوب حقيقيءَ جو حاصل ٿئي ٿو. معرفت کان پوءِ بہ وصال سچائيءَ سين آهي، جهڙي سچائي ۽ ادب، تهڙي ويجهڙائي وصال جي.

"ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين."

پر اهي چارئي هيون هن دنيا جي حويلين مثل نہ آهن، انهن طبقن يعني منزلن مان لنگهڻ ۽ سڪنهن منزل جي سڪنهن مڪان جو سير تمام مشڪل آهي.

Marfat.com

ڪن ڪي هر هڪ چاڙهي ۾ سڄي عمر گذري وڃي، ڪن ڪي گهڻون وقت، ڪن ڪي ٿورو وقت، ڪن ڪي ته طرفة العين ۾ الله تعاليٰ پهچائي ٿو.

”اکين ته پائي، نه ته من ۾ موٽيا وڃن.“

انهن چاڙهين تان چڙهڻ جو، رهڻ ۽ هلڻ منزلن مان ظاهر ۾ پير (مرشد ڪامل) جي هٿ سان ٿئي ٿو. جنهن جو پير مرشد نه آهي، تنهن جو پير شيطان آهي.

”من لاشيخ له، فشيخه الشيطان“

اهو آسونهون پير آهي، جو طالب قوت، دولت ۽ عزت جو آهي.

سونهان چائين، سڌ نه پئين، سسئي پڇ ۾ سي
متان توهي ڪيي ۽ منجهائين مارڳ ۾.

مٿين منزلن جون چاڙهيون ۽ حڪم احڪام، امر ۽ نهي الله تعاليٰ جا سيڪنهن منزل جي لائق بجا آڻيا آهن. انهن چاڙهين جي چڙهڻ ۾ ڪمربند حيا ۽ ادب، نابودي ۽ اخلاص سين پيش ڪرڻا آهن.

پهرئين درجي شريعت ۾ علم ظاهري ۽ ظاهر جا عمل سوچارا حاصل ڪرڻا آهن، ان درجي ۾ ڪرڻ ريا جي سبب ڪري ٿئي ٿو. ٻيءَ مٿي درجي بدرجي صفائي قلب جي ۽ علم باطني عطا الاهيءَ سان حاصل ٿين ٿا، انهن مٿين درجن ۾ اڪثر هيٺين درجن جون نيڪيون ۽ ڏوهه نظر ۾ ايندا.

الهيءَ بيان ۾ هزارها ڪتاب صوفين ۽ سالڪن، عارفن ۽

نشان ڪري ڏوهن ۽ گناهن ۾ ڪيري ٿو.

دنيا جي حب وڃائڻ لاءِ هيءَ هڪڙي ئي ڳالهه ضروري سمجهڻ گهرجي، جا هڪڙي ئي بس آهي.

حب دنيا جي حب خدا تعاليٰ جيءَ کان روڪي ٿي، جا حب دنيا جي پاڻ سان مشغول رکي، ۽ الله تعاليٰ کان رهائي اهڙي حب حرام آهي. خلق جي دوستي وڃائڻ لاءِ بي وفائي خلق جي ڏسڻ گهرجي، اها هڪڙي نصيحت ڪافي آهي.

جيڪڏهن ڪو وفادار ٿئي ٿو، ته پڻ موت انهن جي وچ ۾ جدائي وجهي ٿو.

نفس جي سستيءَ وڃائڻ لاءِ وچڙو ڪائڻ پيٽ ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت حاصل ڪرڻ تمام لازمي آهن.

فقير ڇنجي ان ڪي، جنهن جي سڀ ري سري،
پراوا گهر ته نه پئي، ۽ پنهنجي گهران به نه گهري،
جو نڪرلءَ مري، سو سامي سڏجي ڪينڪي.

شيطان جي ترڻ لاءِ يعني ان جي وسوسي وڃائڻ لاءِ خدا تعاليٰ کان مدد گهرڻ، جا سيڪنهن ڪم ۾ مدد گهرڻ گهرجي.

"لاحول ولا قوة إلا بالله العلي العظيم" پڙهڻ گهرج .

واٽ خدا تعاليٰ جي سيني کان ڏکي ۽ اڻانگي آهي:-

ان باري ۾ جناب شاه صاحب رح فرمايو آهي ته:-

اهکي راه الله جي، اهکي اهکيءَ پت
هوءَ جي ڏهائو ڏيه جا، تن پڻ منجهي مت
آچاڙا آيت، گهرج گهائي نينهن سين.

پر ائين ٻہ نہ هئڻ گهرجي، جو مشڪل ڪم ڏسي ڪمر همت ڇوڙي ويهي رهجي. جناب شاه صاحب رح فرمايو آهي تہ:-

ويئين ڪونهي وراڪو، سٽين ڪونهي سڱ
هوت هلندين ڪٿيو، جن انگهن چاڙهيو انگ

( ٢ )

(١) ڏو ريندين ڪان ڏور، پرين پراهون ڪينڪي
(٢) ڏو ريند يون ڏسن، اگهن عجيبن جا

سونهين (ڪامل مرشد) جي صلاح وٺ، تہ هن دنيا جي وير لنگهي وڃين، جن شخصن (طالبن) کي وڻڪار جو واقف (ڪامل مرشد) يا سونهون نظر ۾ نہ اچي، تہ الله تعاليٰ کي واحد شاهد ڄاڻن، مٿن مائٽن کان وڌيڪ ۽ پاڪ سمجهن، ۽ رسالت جناب محمد ڪريم صلعم جي قبول ڪري، ان سڳوري جي اولاد پاڪ ۽ اصحاب سڳورن جي عزت احترام جي نگاه سان ڏسن.

جن سڳورن کي الله تعاليٰ پاڪ فرمايو، انهن سڳورن جي دوستن کي دوست سمجهن ۽ دشمنن کي دشمن. الله تعاليٰ جي امر ۽ نهيءَ ۾ فرمان بردار رهن، پوءِ اهڙن شخصن لاءِ الله تعاليٰ پنهنجي لطف سين رهنما موڪلي انهن کي چاڙهيون چڙهائي منزلن جو سير ڪرائي وصال پاڪ سين مشرف ڪري ڇڏيندو. شريعت کي منزل ناسوت جي چون، طريقت کي منزل ملڪوت جي، حقيقت کي منزل جبروت جي، ۽ معرفت کي منزل لاهوت جي چون، انهن منزلن کان مٿي ٻہ ٻہ منزلون آهن، هڪ هاهوت جي ۽ ٻي ياهوت.

هاهوت مڪان قربيت جي کي چون، ۽ ياهوت وصال، جت وصال حاصل ٿيو، تت منزلون واٽ خدا تعاليٰ جون پوريون ٿين ٿيون.

علي محمد مجروح

# شاه جي ڪلام ۾ تغزل

سنڌ جي سدا جيئري شاعر ۽ روحاني رهبر شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمه تي گهڻائي مضمون ۽ مقالا لکيا ويا آهن، جن ۾ گهڻو ڪري شاه جي لافاني شخصيت ۽ تصوف جي روحاني رمزن جو ذڪر ڪيل ٿو ڏسجي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته شاه صاحب جو ڪلام پاڪيزگي ۽ روحانيت جو هڪ موجون ماريندڙ دريا آهي، جنهن مان هزارين روحاني فيض جا اڃايل پنهنجي اڃ اجهائيندا رهن ٿا. سندس ڪلام رشد و هدايت جي هڪ اهڙي مشعل آهي جا ڀٽڪندڙ مسافرن کي منزل جي راه ڏيکاريندي رهي ٿي. پر ان سان گڏ سندس شاعرانه عظمت به بي مثال ۽ بي نظير آهي. اسانجي بلند پايه نقادن ۽ انشا پردازن شاه جي ڪلام مان تصوف ۽ معرفت جا نقطا ته نروار ڪيا آهن پر شاه جي شاعرانه حسن ۽ ڪمال تي گهڻو گهٽ ڌيان ڏنو اٿن.

"ملٽن" جي راءِ ۾ شعر جي خوبي اها آهي ته اهو ساده، جوش سان ڀريل ۽ اصليت تي ٻڌل هجي. جيڪڏهن شاه جي ڪلام کي ملٽن جي انهي ڪسوٽيءَ تي پرکجي ته اهو نه فقط هن معيار تي پورو آهي پر منجهس تغزل جو اهو حسن ۽ امتزاج به موجود آهي جو شعر کي روح جي گهرائين تائين اتاريندڙن کي هڪ دلي حظ ۽ راحت بخشي ٿو.

تغزل مان مراد آهي هر خيال کي حسن ۽ محبت جي وڻندڙ ۽ دلگداز انداز ۾ بيان ڪرڻ. شاه جي ڪلام جي مطالعي سان

Marfat.com

هن حقيقت کي تسليم ڪرڻو پوندو ته شاهه جو ڪلام تغزل جي حسن ۽ لطافت جو هڪ اهڃاڻ ۽ نمونو آهي، جنهن ۾ هڪ طرف محبت جا لطيف جذبا موجود آهن ته ٻئي طرف حسن جون شوخيون ۽ انجمن آرائيون. منجهس وصل جون امنگون ۽ ارمان به آهن ته جدائي جا داغ ۽ درد به. مثلاً:-

اڄ پڻ اڇائي، چوڏهين ماهه چنڊ جي،
مون گهر مون پرين جي اچڻ جي وائي،
مون گهر واڌائي، ٻئي ڪام ڪرڻ ۾.

---

جيڪر اچي هاڻ، ته ڪريان روح رچنديون
آيل ڍولئي ساڻ، هوند گهر لڳي ڳالهيون ڪريان

---

چمڪيون چوڌار، ڏڄون ڏاڙيچڻ جيون
ماءُ ساموندي آئيا، سهسين ڪري سينگار
آئين جي پچار، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري.

## فراق جون آهون

موٽ مران تي ميندرا، راتا ڪارڻ رب
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.

---

ڪي جان ستياس تان، سڪ سمهڻ نه ڏني
جاڳي ستيس جن لئي، سي آيا تان نه آئياس
پيئڙ آءُ پليس، نت سڪ سمهڻ چا لڳي!

يا راڻي جي جدائي ۾ مومل جو اهو ماتم :-

راڻي رڻ ڪئو، جيڏيون منهنجي جيءَ سين
من مينڌري وڍئو، ڏيهي ڏڄ پئو
ٻجهان ڀهروئو، هنيون هنڌ نه هيڪڙي

---

ڪتن ڪر موڙئا، ٽيڙو آيا ٽيئي
راڻو رات نه آئيو، ويل ٽري ويئي
ڪوءِ سا ڪاڪي راتڙي، جا پرين ري پيئي
مونکي ڏنءَ ڏيئي، وڃي ڍولو ڍٽ قرارئو.
يا سهڻي ۽ سسئي جا اهي پر سوز نغما :-
تران تان مران، وران تان وه وترو
هيڙي ۾ هوتن جا، اڇن گهور گهٽان
پسئو پاڙي واريون، ڏسئو ڏوه ڏران
وڃان ڪيئن وران، ڪنڌي منهنجو ڪارڻي.

سسئي :-

ڏونگر ڏورا پو ڀريون چوندي پرينءَ ڪ
ته ڀڃ پير پٿون ڪيا، تريون ڇنيون تون،
رحم نه پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو
واڪو ڪنديس وو، مونسين جبل تو جاڙون ڪري.

ڪافيون بيت ۽ ڏوهيڙا اڄ سوڏو گهڻن ئي شاعرن لکيا آهن، پر سندن ڪلام ڪنهن کي ياد به ڪونهي. انجي برعڪس شاه جو ڪلام ٻه سو سال گذرڻ ڪان پوءِ به بلڪل تازه ۽ شگفته پيو لڳي. انجو رڳو اهو هڪڙو ڪارڻ آهي ته شاه جي شعر

Marfat.com

۾ تغزل جو اهڙو لطف ۽ ترنم جي اهڙي هم آهنگي موجود آهي جو پڙهڻ سان روح جي گهرائين ۾ اتريو، هميشه لاءِ محفوظ ٿيو وڃي. شاهه جو رسالو هڪ اهڙو باغ آهي، جنهن ۾ مختلف رنگن ۽ خوشبوءِن وارا گل غنچا پنهنجون بهارون ڏيکاري رهيا آهن.

شاهه جي ڪلام ۾ لفظن جي جيڪا هم آهنگي ۽ سادگي آهي تنهن سندس ڪلام کي وڌيڪ دلڪش ۽ دلسوز بنائي ڇڏيو آهي. مثلاً

راڻي رڻ ڪيو جيڏيون منهنجي جيءَ سين.!

اها ست تغزل جي بهترين مصرع هجڻ سان گڏ لفظن جي سادگي ۽ محاوري جي ادائگي جو هڪ بي مثال نمونو سڏي سگهجي ٿي، جنهنکي تجنيس لفظي وڌيڪ بلند ڪيو آهي.

"رڻ ڪرڻ" سنڌي زبان جو هڪ عام محاورو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڪنهن سان ظلم يا بي انصافي ڪرڻ، پر شاهه صاحب جڏهن هن عام محاوري کي "راڻي رڻ ڪيو" جي تجنيس حرفي سان پيش ڪري ٿو ته ان ۾ هڪ عجيب لطف ۽ تغزل پيدا ٿيو پوي.

مرحوم غلام محمد شاهواڻي پنهنجي ڇپايل شاهه واري رسالي ۾ سر ڪنيات جي تشريح ڪندي لکيو آهي ته "هن سر جا بيت شاهه شايد جوانيءَ ۾ تڏهين چيا ته ڏسجن جڏهين ڪيس مجازي عشق جي چيٽ لڳي هئي، انهي ڪري قمر ۽ ڪرهي کي عتاب ۽ خطاب ۽ يار تائين سنيهو پهچائڻ ۽ خبرن رسائڻ لاءِ تاڪيد ڪيل آهي."

ائين ڪٿي هجي به ته شاهه اهو سر جواني جي سرشارين ۾ مست ٿي چيو هجي پر ان حقيقت کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي

۽ اهو سر شاه جي شاعرانہ شوخي ۽ تغزل جو شاهڪار آهي، جنهن ۾ چنڊ سان جدا جدا انداز ۾ تخاطب آهي. ڪڏهن تہ ان کي هدايت ڪئي ٿي وڃي تہ هو محبوب جي حضور ۾ ادب ۽ نوڙت سان پيش اچي ۽ ڪڏهن سندس سونهن جي محبوب جي حسن سان ڀيٽ ڪئي ٿي وڃي تہ ڪڏهن مٿس ڏمرجي ڪيس ھٽ ھاراتو ڏنو ٿو وڃي.

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان تان نہ پرين سان
تون اڀو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

---

چنڊ چئين سچ، جي مٿي نہ پائين
ڪڏهن آڀرين سنهڙو، ڪڏهن آڀرين ڪچ
منهن ۾ ڀريئي مچ، تو ۾ ناه پيشاني پرين جي

---

اونداهي اڌ رات ۾ پرين پسايو پاڻ
چنڊ ڪتن ساڻ، ڀِهِي ويو پاتال ۾.

---

چڱا چنڊ چئيج سنيها ڪي سڄڻين
مٿان اڳڻ آڀري پرين جي پسيج
جهيڻو ڳالائيج، پيرين وجهي هٿڙا.

---

ناسيندي نهار ڀرين ڪج پرين ڏي
آءٌ جي ڏيئن سنيها، چئج چنڊ اپار
ساجن سڀ چمار، اکيون اوهانجي آسري.

چنڊ کان محبوب ڏانهن پيغام موڪلڻ اڄ جيتوڻيڪ عام

Marfat.com

شاعرانه روايت ڇڏي چڪي آهي، ڀر زماني ۾ شاهه اهو انداز بيان ورتو، سو اڄ کان ٻه سو سال اڳ جو زمانو هو ڀر اهو ٻه سو سالن جو طويل زمانو به شاهه جي ڪلام جي نورت ۽ جدت کي جهڪو ڪري نه سگهيو آهي. لاثاني لطيف جي لافاني ڪلام جي شيريني اڄ به آها ساڳي آهي جا ٻه سو سال اڳ هئي ۽ اڄ به سنڌي عوام جڏهن عظيم المرتبت شاهه جو اهو ڪلام ٻڌن ٿا ته کين ائين محسوس ٿو ٿئي ته شاهه سنڌن ئي دور جو شاعر آهي ۽ جيئرو جاڳندو منجهن موجود آهي.

شاهه جو اهو انداز بيان رڳو سسئي، مارئي، مومل ۽ ليلا جي عشق جي پرسوز آهن ۽ درد انگيز دانهن تائين محدود ڪونهي ڀر معرفت ۽ تصوف جي عميق ۽ دقيق موضوعن ۾ به سندس اسلوب بيان تغزل کان ڌار نٿو ٿئي. هو تصوف ۽ ويدانت جي ڏکين ڏکين مسئلن کي عشق ۽ محبت جي حسين پيرايه ۾ اهڙي ته لطافت سان پيش ڪري ٿو جو پڙهندڙن جي دلين تي نقش ٿيو وڃن-

ڪئو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو
تنهه ۾ تنهين تون، ٻي لات نه لحظي جيتري

---

آڇارا عميق جا گڏ ٿا غواصن
جهر يون جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪنن
سمنڊ سوجهي جن، آئي امل اولئا.

سر ڳوانسي پيرومل آڏواڻي

# شاهه جي سنڌي

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي شاهه جي رسالي جي منڍ ۾ جيڪو "مقدمه" (مهاڳ) ١٩٢٣ع ۾ لکيو هو، سو يونيورسٽيءَ شاگردن لاءِ هر ڪنهن سال درسي ڪتاب طور مقرر ڪندي پئي آئي آهي. ڊاڪٽر موصوف اهو مضمون پوءِ سڌاري ۽ وڌائي ١٩٣٦ع ۾ ڌار ڪتاب ڇپايو، جنهنجو نالو "مقدمه لطيفي" آهي. ڪتاب نهايت ڪارائتو آهي. ڇاڪاڻ ته شاهه جي رسالي ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ بابت انهيءَ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي شاگردن کي ضرور سڌ هئڻ گهرجي ۽ هر هڪ ڳالهه لاءِ ڪتاب ۾ مثال به هئڻ گهرجن، جي ڪيترن هنڌ ڏنل ئي ڪينهن. مثلا ڏسو باب ائون، جو "شاهه جي سنڌي" بنسبت آهي. انهيءَ باب جي منڍ ۾ هيءَ لفظ لکيا اٿس:-

"شاهه جي سنڌي هاڻوڪي سنڌيءَ کان البت ٻئي ڍول جي آهي. اهوئي سبب آهي، جو ماڻهن کي شاهه جي شعر پڙهڻ ۽ انجي معني سمجهڻ ۾ قدري مشڪلات ٿئي ٿي. هڪڙو ته شاهه جا لفظ ۽ محاورا نج سنڌي آهن ۽ ٻيو ته ڪيترا لفظ ۽ نحوي بناوتون اهڙيون آهن، جي هاڻوڪي سنڌي ۾ رواجي طور استعمال ۾ نٿيون اچن، ٽيون ته ڪي اهڙا لفظ ڪتب آيل آهن، جن جون معنائون يا ته متروڪ ٿي ويون آهن، يا ته منجهن گهٽي تبديل ٿي وئي آهي؛ ۽ چوٿون ته شاهه جي تلفظ ۽ هاڻوڪي تلفظ ۾ البت تفاوت آهي".



الحمد لله رسالو شاهه عبداللطيف جو لکي ليئم تماما
موجب حڪم ڏيري سرڪار ڪلان عاليمقدار جي من سلي ثنا
عوض لڳائي جي منکي وڌ اخرج جهاڳاڻ ناءِ امداد ادا
ڏينر ومتيون قائم هوئي چال مرن وارثن عزيزن سا
اجر ثواب هنجا مولوئي انکي منجه دنياءِ آخرتا
سدا اءِ خوشحال هون برڪت حضرت رسولا
جنکاي نصيب تين خوبي بسن خير سِ هميشه ما
مقصد سدن پورا تين مطلب مرڻئي مدعا نصيبا
آءِ دعا لي نه هيکري بيا بن سهس آهين سو هزارا
بتاريخ اٺاويهين ماه جمع الثاني جي سن ٻارهه سو ستر
صحيحا سچو جري طيار ٿو لکن جد ول جلدا

مائي ملي نعمت جي جوڙيل اختتامي نظم جو عڪس،
جنهن ۾ رسالي مڪمل ڪرڻ جي تاريخ پڻ ڄاڻايل آهي.

Marfat.com

Marfat.com

"ڪيٽان" يعني ڪٽن يا هننڪي. ساڳيطرح "ساٽس" معني هن ساٽ. انجو جمع "ساٽن" معني هنن ساٽ، پر رسالي ۾ لکيل آهي "سيٽان" يعني ساٽن يا هنن سان. اهڙيطرح رسالي ۾ ڪم آيل لفظن جي نحوي بناوت Grammatical formation هاڻوڪي ڪان البت ڦريل آهي، جنهنڪري ڪن کي سمجهڻ ۾ قدري ڏکيائي ٿئي ٿي.

سبب اٺون

اٺون سبب جو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ چوٿون سبب ڪري ڄاڻايو آهي، سو هي آهي ته "شاه جي تلفظ ۽ هاڻوڪي تلفظ ۾ البت تفاوت آهي". حقيقتون اهو ڪو ڳرو سبب ڪونهي؛ پر وقتي ڪي منجهندا هوندا، تنهنڪري ڀلي ته اهو به هڪ ڌار سبب ڪري ليکجي. سچي پچي تفاوت جو مثال چاسر آهي. چاسر جي انگريزي ۽ هاڻوڪي ٻوليءَ جي وچ ۾ وڏو ئي تفاوت آهي. چاسر پڙهڻ سان خبر پوي ٿي، ته ڪٿي انگريزي ٻولي، سڌارو ۽ واڌارو ڪري هاڻوڪي منزل تي اچي پهتي آهي. شاه جي سنڌي ۽ هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ ايڏو تفاوت آهي ئي ڪونه.

"قادر پهجي قدرت سين قائم آه قديم"

اهڙيطرح رسالي ۾ "پهجو" لفظ ڪم آيل آهي. اڄ ڪي چون ۽ لکن "پهنجو"؛ پر عام طرح به "ڙون" گڏي چون ۽ لکن "پنهنجو". ساڳيطرح "مهجو" بدران "منهنجو". اها لفظن ۾ نڪ جي اچار گڏڻ جي عادت هاڻ گهٽي وڌيل آهي. ساڳيطرح "ه" جو اچار بالائي گڏيون ٿا. مثلا رسالي ۾ لکيل

آهي "ڳال" ته اسين چئون "ڳالهہ".

"مون ٿي چيءُ ڪاند، پتي پاڙم مڪڙي"

سنسڪرت لفظ "ڪانت" جو اچار شاهہ صاحب جي وقت ۾ "ڪاند" ۽ اسين هينئر عام طرح چئون "ڪانڌ" يعني "د" اکر کي "وسرگ" Aspirate ڪري (انهيءَ جو اچار بالائي گڏي) ڌ کي ڦيرائي ڏکريون ٿا. عربي ۽ فارسي لفظن سان بہ ڪي ائين ڪن ٿا. مثلا همت بدران چون همٿ ۽ ساعت بدران ساعٿ. اهو رواج شاهہ صاحب جي رفت ڪانپوءِ گھڻو وڌيو آهي.

"هنئهن هند مٿي، ٻر ٻڏيءَ جا پيٽا ٿيا" (سهڻي)

هنوقت اسين چئون هنئهين يعني هين ٻچاڙي گڏيون ٿا جنهنجو اچار ڏکھو آهي. اڳي ائين لنبو اچار نہ ڪندا هئا تنهنڪري هم لکندا هئا. ن بدران م هنڪري لکندا هئا تہ پڙهندڙ سمجهن تہ لفظ ۾ نڪ جي اچار جي فقط ٽڻڪار Twang آهي. هنوقت هند بدران هوند چئون ٿا ۽ هنطرح لفظ جي وزن گهٽائڻ ڪري انجو اچار منو ۽ وڌيڪ رس ڀريو ٿئي ٿو. سچي شاهہ جي رسالي ۾ لاڙ جا اچار آهن.

عبدالعزيز جوکيو

# شاه جو ڪوهستان.

سنڌ جي سرزمين جيڪي عظيم هستيون پيدا ڪيون، تن مڙني ۾ ڏولاڻ شاه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ ڪي رتيون ڪراڙو آهي. اسانجو سگهورو شاه اهڙو ته املهه هيرو آهي، جنهن جو ثاني شاعر اڄ تائين دنيا پيدا ڪري نه سگهي آهي. اهڙي املهه ماڻڪ ۽ محسن هاديءَ جو اهل سنڌ ۽ عالمن ڪيترو قدر ڪيو آهي؛ ان تي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ منهنجو مقصد نه آهي- باقي هيءُ ۽ چار اکر ضرور چوڻا پوندا ته اسان کي شاه رحه ۽ سندس ڪلام کي سمجهڻ لاءِ اڃان گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي-

شاه ۽ سندس قربائتي ڪلام تي سنڌ جي اهل علم طبقي پنهنجيءَ پر ۾ ڪافي لکيو آهي. هنن شاه جي ڪلام ۾ ڪتب آندل ٻولي، تشبيهن، ورجيسن، استعارن، اصطلاحن، محاورن، ۽ هر ٻاسي جي لهجن تي قلم کنيو آهي.

علاوه ازين شاه جي يگاني نظر، بلند خيالي، فلسفي ۽ پاڪيزه ڪلام جي خوبين تي چوٽيءَ جي عالمن ۽ اديبن وقت بوقت پئي لکيو آهي.

اهڙن اديبن جي صحبت ۾ مون جهڙو ٿور پڙهيو، شاه جهڙي جليل القدر شاعر ۽ مفڪر تي ڪجهه لکي، سو ناممڪن آهي. ٻين سنڌ ين وانگر مونکي به شاه جي ذات ۽ سندس پيتن سان دلي

لفظن ۽ لهجن تي ٻيهاريل آهي ، تنهن ڪري اسان هاڻي قارئين ڪرام کي ڀٽائيءَ جي ڪلام مان ، (جن جو لاڳاپو ڪوهستان سان آهي.) ڪن ڪوهستاني لفظن ، اصطلاحن ۽ لهجن جو ملاحظ ڪرائينداسون .

ياد رهي ته رساليجي شارحن اهڙن لفظن جون معنائون ۽ شرحون لکي سنڌي زبان وسارڻجا اهڃاڻ ڏنا آهن ، مگر اهي لفظ ۽ لهجا اڄ به ڪوهستان ۾ رائج آهن ۽ ڳالهايا پيا وڃن .

شاه ڀٽائي ڪوهستان گهميو ، جبلن ۽ جهڏن ، جهرن ۽ جهرڪن کي جاچيائين ، ماڻهن سان رلي ملي سنڌن ريتن رواجن کان واقف ٿيو ، جنهن جي ساک ۽ ثابتي سندس سچي ڪلام مان ملي سگهي ٿي . مگر ڪوهياري ، ڪلياڻ ، سسئي معذوري ، ديسي ۽ حسيني سرن ۾ بلڪل نمايان آهي . هتي هن مهاساگر مان به ٿي لپون ڀاڙيءَ جون پري ڪڍجن ٿيون .

١- هاڙي ڏاري هل ، وڃي ڪيچين جو ٿيون .

هن سٽ ۾ هاڙي ڏاري هاڙي، جبل جي آس پاس، هل - آواز ، ڳالهاءِ جو گوڙ بڪيڙو . ڪوهستاني اصطلاح ۽ چوڻيون آهن .

٢- لڙم لاڙائو ٿيو ، گهتون گوهيون ڇڏ .

لفظ - گهتون گوهيون ، ڪوهستان ۾ عام چوڻ ۾ پيا اچن .

٣- سيڻي ڪا تنوار ، ڪي هٿون تي هٿ ڪٽين

سيڻي - ٻڌءِ + هٿين - خوامخواه هٿ، ڪٽڻ - هٿ مٿي ڪري سڏ ۽ آچون ۽ اشارا ڪرڻ . انهن کي جبل

۾ ٻار ٻچو ڳالهائي ٿو. اهي ڪوهستان جا لهجا آهن.

۴- ويهي وڏي ڏڳ مان، ڏٺي وڃهج ڏوڙ

سڄي ست عين ڪوهستاني لهجن ۾ لفظن مان ٺهيل آهي.

ڏڳ- ڏير جا ٽي ڏڳ آهن، هاڻ انهن مان ڪو به

ڏٺي ڪڻ.

۵- ڪو گهمندي گهور، آيم ٻاروچن جو.

چڏ ينديس ٻنيور، هنئون هت نه وندري.

گهور- خيال، دل جو ڏڪ ڏيندڙ خيال-

فڪر جو تصور.

اڪورو مينهن ٻيو پوي نيون، ڏورا، ڪانٺا، جهور، ڪنارا. وڏي ڳيڪي سان وهندا ۽ وڻ وٽ ٻنيو، ڪنيو وڃن.

ماءُ جو پٽ مال سان جبلن ۾ نڪري ويو آهي اهڙي وقت ماءُ ڪي پٽ جي ڪپٽ ڪندي. قسمين قسمين خيال دل ۾ اچن ٿا. جن ڪي گهور چئجي ٿو. ادي! مونکي ڪيترائي گهور پيا اچن، خدا ڪري پٽم مال سميت منهن اونداهيءَ کان اڳ اچي.

۶- سور به ساڳاهين، ڏين آڏما اوچتا.

ساڳا هين- سيمون ڪري گڏ ٿين.

مثال- ڳئون ٽٽن ۾ ڪير ساڳا هي آئي آهي-

۷- آڏما- دل جا جذبا، اٺ تڻ، بيقراري،

دل جون ڏڏڙيون.

Marfat.com

مثال- وس پيئي آهي، جهنگ جهر ڏسڻ وٽان آهي، جن
کي ڏسڻ لاءِ اندر مان آڌ ما آئندا آهن.

٧- الف- پيڙي پيڙي پنڌ، سورائتي سندرو،
ڪيچ آڳاهون پنڌ، متان لڪن سين لڳي مرين.
ب- پيڙي پڌ پهار، سورائتي سندرو،
ڏونگر توهان ڏار، ڪانءُ ڏوريندي ڏک سين.
پيڙي- ڪشي، زور سان، مضبوط.
پنڌ- پنو، پڌ، پڌٽ.
سورائتي- سورن، ڏکن واري.
پهار- پهو پيرو، وري،

ان ڪان سواءِ ڪيچ، هاڙو، لڪن، ترين، مڙيوئي
جبل جا لهجا آهن.

٨- چڏيم حج هلڻ جي، چاڙ هيڪن چڙهي.

چاڙ هيڪن- واحد چاڙ هيڪيو، ڪاٻ، مٿاهين جڳهه يا
هنڌ مال جي نگاه ۾ ڏسڻ لاءِ ته ڪٿي آهي، ونڻ، پٽ
۾ ٽڪريءَ تي چڙهي نظر ڦيرائبي آهي.

٩- چڏيم حج هلڻ جي، چاڙ هيڪا چڪيام،
آرياڻيءَ جي آسري، ڏونگر ڏينهن لڳام،
پڇج پرين سندام، وينس وک نه آهڙي.

حج- حجت- ارادو.

مثال- هن چوريءَ کان ڪئي، مگر هو حج ڪري منهنجو
بانئو ڪٽي ويو. علاوه ازين چڪيام، لڳام، سندام

ڪوهستاني لهجا آهن - آپڙ، آپڙي - جلدي، تڪڙي وڪ وارڻ.

مثال ١- فلاڻي ڪم جي آپڙي ۽ سنگهار آهي، يعني ڪم کي جلدي ڪندڙ ۽ ڪم کي دل پسند ڪندڙ آهي.

مثال ٢- جنڊ آپاڙي هاڻ ماني پچاءِ - مگر هت تڪڙي وڪ وارڻ آهي.

١٠- چٽان واري وڳ، اوٺي ٿيا چلنگيون.

چلنگيون - ٽوليون، پارٽيون.

مثال - ٻڪر چلنگيون چلنگيون ٿي، تڙ (نياڻ) تي پئي آيا.

١١- ڪاٺيون لوٺيون اکيون، ڪٿيون ڪين ڪچين،

مٿيون ماٺ نہ ڪجن، هنيون رهن نہ هوت ري.

١٢- ڪاٺي ڪيرڻ هيٺ، ويٺي روءِ رت ڦڙا،

هيءَ سٺون سپ ڪوهستاني لام جي! نسواني طبقي جي ٻوليءَ جا نمونا آهن. يعني ڪاٺيون، لوٺيون، ڪٿيون، ڪچن، لٺيون، هنيون، وغيره - زنانا لهجا ۽ محاورا آهن.

١٣- پيون ڪٽن پب ڏي نظر نماڻيون،

پيون ڪٽن ۽ نماڻيون - اهي اصطلاح آهن جي ڪوهستان ۾ عام چوڻ ۾ ايندا آهن.

مگر هروڀر ائين سمجهڻ نہ گهرجي تہ ڪو اهڙا لفظ ڪوهستان کان ٻاهر ڳالهائڻ ۾ اچن ٿي ڪونہ ٿا - ٻوليءَ جو رشتو آهي جو پين سان بہ ڳنڍيل آهي. مضمون جي طوالت سبب رڳو مٿين مثالن تي اڪتفا ڪجي ٿي.

Marfat.com

وحده جـي وڏيـا ، الا الله سين اورين
هنيون حقيقت گڏيـو ، طـريقت تورين
معرفت جـي مـاڪ سين ، ڏيساور ڏورين
سڪ نـہ ستا ڪڏهن ، ويهي نہ ووڙين
ڪلهنؤن ڪورين ، عاشق عبداللطيف چئي ۔

سندن پاڪ ڪلام ۾ جي سجده سجود جو ذڪر آهي تہ آن ۾ نہ تہ دروازي جي پٿر کي سجدو مقصود آهي ۽ نہ آنجي ڪوچہ جي مٽيءَ کي توتيا جو شرف حاصل آهي يار جي ڳولا ۾ بي رهرو بہ پاڻ آهي تہ رهبر بہ پاڻ آهي ، جا حبيبن هنئي تنهنجي پڙڪ ڀاهر ڪيڻ بہ آنوٽ عيب آهي ۔

پر ۾ پڇيائون ، عشق جي اسباب کي
دارون هن درد جو ڏاڍو ڏسيائون
"آخر والعصر جو" اينهين آتـائون
تهان پوءِ آئيو ، سڪان تي سلام کي ۔

نينهن جو ناتو ڪڏهن ، ڪئن ، ڪٿي ٿيو آن جي اظهار ۾ نہ تہ ڪنهن ڪوٺي جو ذڪر آهي ۽ نہ ڪنهن گهڙيءَ يا گام جو ، انهيءَ ذڪر ۾ هڪ ٺي هنڌ کي هٿ ڪيو ويو آهي ۔

ڀاڀو هي هيڪار ، مون ڪي پڇيو سڄڻين
الست بربڪم ، چيائون جنهن وار
سندي سور ڪنار ، تن تڏاهڪون نہ لهي ۔

انهيءَ باره ۾ هڪ ٻئي هنڌ بہ فرمائين ٿا تہ ۔

١ :- "الست بربڪم" جڏهن ڪن پيوم

"قالوابلیٰ" قلب سين تڏهن چـت چيوم
تنهين ويـر کيوم، وچن ويڙهيچن سين.

٢:- چئي "کن فيکون" جڏهن خلقيا روح خداء
گڏ جت گذران هو، جڙ لڳي تنهن جاء
مـون توهين سين آء، آها ساڃاء سپرين.

"الست بربکم" هڪ سوال هو جنهنجو جواب هو "قالوابليٰ" پرت جو پيمان پختو ٿيو، عشق جو اقرار زبان تي آيو، هاڻ معشوق لڳو عاشقن کي آزمائڻ.

"قدرناه في کتاب مبين" حکم اڳ هياس
"قلنا اهبطو" جي کهڻ سان مالڪ هت مڪياس.

عاشق پنهنجي عشق جو اظهار نه ٻه ڪري، پر هنکي پنهنجي سڄڻ جي سونهن ۽ پرين جا پـار عام جي آڏو آڻڻا ٿي آهن، پڪو ڏهنايون ڏيڻ.

نـه وڏي نه وڪڻي ڪٿي نـه ڪـارو
نورئين چنڊ چمڪيو، تماچـي تـارو
ڏريو جنڊارو، تن جهولي ۽ چنڊ جهلي پيو.

مومل جي مذڪور ۾ اجهو پنهنجي راڻي کي سيد هن طرح ساري ٿو.

١:- روء راڻي جي ناه ڪو سوڊو سيني سونهن
لاتـائين لطيف چئي، مٿان ديـن دونهن
ڪانهي ٻي ورونهن، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

٢:- روء راڻي جي ناه ڪو سوڊا پيا ٻه سڄاڻ

نسوريائي نينهن جـي ، ڪشمائين ڪمان
چڙي ويـا چوه ۾ ، دعوائون ديـوان
ٻي رهيائي ڪانـ تيو مڙوئي مينڊرو ۔

مسمئيءَ جا سور پنهنجي سرتي واري وڏائين ، هنڪي ته هئي حقيقت بيان ڪرڻي پوءِ راڻي جي روءِ سان روح ريجهائي يا پنهل جا پار پڙرا ڪندي چوي ته :-

ڪيچان آيو قافلو ڇامن سندو ڇام
پسند پئي پنهونءَ کي اکين ڪيو آرام
ناتر ڇايان نام جي مون نيو پاڻ سين ۔

عشق جون آزمائشون به عجيب آهن ۔

دوست کهائي دادلا محب مارائي
خاص خليلن کي تو سختيون سهائـي
الله الصمد بي نياز ، سا ڪري جا چاهي
انهيءَ منجهه آهي ، ڪا اونهي ڳالهه اسرارجي

معشوق جي ماڻي عاشق تي آهي سڀ سختيون آنديون جن جي نازل ٿيڻ کان اڳ شايد ڪو انسان سٺڻ به پسند نه ڪري تن ۾ آهائي تار ۔

لنئون لنئون منجهه لغار آهي آهائي آن کي ۔
دردءَ دانهن ڪوڙوئي نه لڳي ۔

١ :- جي توسڪڻ سکيو ، ته ڪاتيءَ پئي ۾ ڪنجهه
سپيريان جي سور جو ماڻهن ڏجي نه منجهه
اندر ايءَ اهنج ، سانديج سکائون ڪري

٢ :- اڇيو اڇيو اوڏڙو پاڙ يڇيون ٻه ڀچن ؟
ڪتان لڳيئي ڪان ڙي کهڙي ڀيئي ڪن ؟

عاشق ته اقرار ڪري چڪو هو ته :—

اڪر ڇٽي هيڪڙي، ڀهون جي نه ڀهجن
ڪوه ڪبو ڪي تن، سڄي سٽائي ڳالهڙي

پر جڏهين ڀاٽڪي سهڻيءَ جي صورت ۾ آئي ٿو ته ڀوءِ ته سيد پنهنجي ساهڙ کي اجهو هن طرح ساراهي ٿو.

١ :- جيڏيون ڏنيان جي صورت ساهڙ چام جي
سڪ ٿي سٽيون ڪينڪي ڪاڏن ڀاسي ڪي
منهائـــي اڳـــي گهڙو سپ گهڙا ڪـــٽي

٢ :- ڏٺي جن هيڪار صورت ساهڙ چـــام جي
سڪ ٿـي سٽيون ڪينڪي پـــري ساڻ پتار
گهڙيون گهڙنئا ڏار ڪاهي ڀيئون ڪن ۾

مطلب ته — ”درد مڙيئي دل جو آهي اشارن ۾“ ڀوءِ پنهل جا پار پڌرا ڪري يا ساهڙ کي ساراهي هن جو اشارو هڪ ئي آهي.

ڪيو مطالع مون هو جو ورق وصال جو
تنهن ۾ تونهين تون ٻي لات نه لحظي جيتري

پنهنجي سڄڻ کي ساراهيندي عام اعلان ٿو ڪري ته -

لوچان ٿي لاحد ۾ هاديءَ لهان نه حد
سپريـــان جي سونهن جو نڪو قد نـــا مد
هت سڪڻ بي عدد، هت ڀرين پرواه ناه ڪا.

اِنهن ڏهنائين ۾ جي سچڻ جي سونهن جو بي مثال بيان
آهي ته ڪجهه حقيقت پنهنجي حال جي به چٽي ويو. جا گهڙي
ٻرين ڪان پري پيئي ته آئي مارئي کي مثال ۾ آندائون.

١- قسمت قيد قوي نه ته ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
لکئي آئي لوح جي هند ڏيکاريس هي
پرچي ڪين پنوهار ري جان جسو ۾ جي
راجا راضي ٿي ته مارن ملي مارئي

٢- قسمت قيد ڪياس نه ته ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد وطن آهه ويندياس
مارن کي ملندياس، ڪوٽيون ڇڏي ڪڏهين

عام طرح انسان موت کان ڊڄن ٿا مگر هي الله جو عاشق
آنکي وصال جي وات سمجهي ٿو. نه فقط وصال جو وات سمجهي ٿو
پر آنکي کهڙي نه عمده پيرايه ۾ بيان ٿو ڪري.

آتان اوتي آئيو خبر اٿي ڪري
وسارج ۾ ور کي پڃ ۾ منڊ مري
ويندئن آت وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾

مطلب ته هن پاڪيزه ڪلام جو هر لفظ هڪ آهو پيغام
آهي جنهن مان انسان ذات صحيح معنيٰ ۾ مستفيد ٿي سگهي ٿي.

پلا انهيءَ ڪلام لاءِ هن کان زياده ٻيو ڇا چئي سگهجي
تو جنهن لاءِ خود مصنف کان چوايو ويو آهي ته -

بيت نه ڀانئيو ماڙها هي آيتون آهن
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي

شفيع احمد علوي

# شاهہ موحد ۽ سندس فلسفہ توحيد

ملڪا ذڪر تو گويم ڪہ تو پاڪي خدائي،
هم توحيد تو گويم ڪہ بہ توحيد سزائي.
(سنائي)

شاه صاحب پهريون ئي سبق توحيد جو پڙهيو. جڏهن سندس استاد آخوند نورمحمد هالائيءَ کيس الف بي تي پڙهايو تہ صرف الف جو حرف اچاري ۽ بي پڙهڻ کان صاف نابري واريائين ۽ چيائين تہ بي آهي ئي ڪين. سندس والد حبيب شاه سمجهي ويو تہ پٽ ۾ کهڙي ذات ۽ مٺيا آهي. وڏيڪ ظاهري تعليم وٺڻ بند ڪري، عقلي ۽ نقلي علومن کي ڇڏي وجهي، رياضتون ۽ مجاهدا ڪري تفريد ۽ توحيد جي اسرارن جو محرم بڻيو. ائين سچ آهي تہ :-

بي ڪتاب و بي حساب و بي اديب
اوليا را حق ڪند علمي نصيب

هو خدائي يادگيري ۾ اهڙو تہ محو ۽ مستغرق رهندو هو جو ڪيس ڏينهن تائين پنهنجي سڌ ۽ سماءُ نہ رهندو هو ۽ مٿس واريءَ جا لٽ چڙهي ويندا هئا ۽ پٽس گهولا لاءِ نڪرندو هو تہ ڪيس ڪنهن پٽ يا چار هيٺان الاهي استغراق ۾ نظر ايندو هو.

لڳي لڳي واءُ ويا انگڙا لتجي،
ڀيٺي ڪٺي ڀساءَ ڀسڻ ڪارڻ پرين جي.

اها هئي لطيف جي ٻاراڻي ۽ ڇوڪراڻي وهي. جواني ۾ شادي ڪيائين ۽ مجاز جي چيٽ چکيائين پر سندس حقيقي معشوق سان عشق اڳي کان وترو ۽ اڳرو ۽ اهائي توحيد جي جستجو جاري رهي:-

١- جان جان پسين پاڙڪي تان تان ناه نماز
سي وڃائي ساز ٿهانپوءِ تڪبير چئو

٢- جان جان پسي پاڙڪي تان تان ناه سجود
وڃائي وجود ٿهانپوءِ تڪبير چئو.

(يمن ڪلياڻ)

---

تن تسبيح من مڻيو دل طنبورو جن
تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن
وحده لا شريڪ له اهو راڳ رڳن
سي ستائي سنهن ننڊ عبادت جنجي

(يمن ڪلياڻ)

هندو سناسين ۽ جوڳين جي صحبت ۾ لاهوت، ناني، اس ٻيلي ۽ گنجي ٽڪر جا تيرٿ ۽ ياترائون ڪيائين پر مجال جو سندس عقيدن ۾ ذري ماتر به ڦير اچي، پنهنجي عقيدن ۽ اصولن تي اٽل هو. جيئن جيئن اونڌيون رسمون ۽ گمراهيون ڏسندو ٿي ويو تيئن تيئن پنهنجي سچي دين تي قائم ٿيندو ٿي ويو ۽ الله ۾ پڪو يقين ۽

ڏوسو چمندو ٿي ويس. اٿلندو پاڻ وحدت جي تبليغ منجهن ڪندو ۽ اسلامي توحيد منجهن جاري ڪندو پئي رهيو.

جي ڀائين ته جوڳي ٿيان سڱ سيئي ڇڏ
اوڏو ٿيءُ الف سين من ميم سين ڳڏ
هتان لاهوتي لڌ ته گرڪي ڳڏجين ڪاپڙي
(رامڪلي)

---

جي ڀائين ته جوڳي ٿيان سڱ سيئي ڇوڙ
جي ڇاپا نه ڇاپندا جئي تنهين سين جوڙ
ته تون ڀڃين توڙ محبت جي ميدان ۾
(رامڪلي)

سندس قناعت به عجيب هئي ڪل ڪم قادر جي حوالي ڪيائين ۽ مٿس ئي محض توڪل ۽ رضا هئي. نورمحمد ڪلهوڙي کيس مست گهوڙو ڏنو جنهنجو لغام ڪڍي سواري ڪري واپس آيو. چيائين ته جڏهين اسانجي واڳ ڌڻيءَ جي هٿ آهي ته ڪا پنهنجي وهٽ جي واڳ به ڪا پئي ڪي ڏيڻ جڳائي! اها مر مالڪ جي هٿ ۾ هجي.

پڇيائونس ته ٻئي آهين ڪ شيعو؟ جواب ڏنائين ته آءٌ ٻنهي جي وچ ۾ آهيان. چيائونس ته ٻنهي جي وچ ۾ ڪي ڪين آهي چيائين ته آءٌ آهيان به ڪي ڪين. کهڙو نه سهڻو حقيقت مطابق جواب ڏنائين. سچ پچ صوفي آهي به ڪي ڪين. هن ڪي ڪا هستي ڪانه آهي ۽ نفي آهي ۽ صرف واحد ڪي ئي اثبات يا هستي آهي، جنهن جي توحيد جو هو طالب آهي ۽ تمام سندس عبادتون، حيات

۽ ممات ان لاشريڪ حق تعاليٰ لاءِ آهن جيئن قرآن مجيد ۾ چيل آهي.

"قل ان صلاتي و نسڪي و محيي و مماتي لله رب العالمين لاشريڪ له"

مٿين آيت شريف ئي تصوف ۽ توحيد جو سرچشمو آهي.

توحيد تو يہ هےکہ خدا حشر مين کهدے
يہ بنده دو عالم مين محض ميرے لئے هے
(جوهر)

**رسالو** سنڌس زنده جاويد شاهڪار "رسالو" توحيد جو هڪ بيش بها خزانو آهي. سنڌس شعر وحدت، ذوق ۽ حقيقت سان سرشار آهي جو عرفان جي اساتلين جي اڄ لاهي کين روحاني پار سان ڏيائي ٿو. مثنوي رومي بابت ملا جامي جو هي چيل بيت شاه جي رسالي سان بہ لاڳو آهي:-

مثنوي مادڪان وحد تست
وحدت اندر وحدت اندر وحد تست

هيٺئر توحيد جا مکيہ اصول سمجهائي تنهن متعلق شاه جا بيت پيش ڪجن ٿا.

(١) فقط الله جي ذات **قديم ۽ واجب الوجود** آهي جنهنکي ئي صرف بقا آهي ٻيا سڀ ممڪنات حادث ۽ فاني آهن. رسالي جي پهرين بيت ۾ چيو اٿس.

اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آه قديم

(٢) الله تعاليٰ جي ذات واحد آهي. هڪ ڪان بلڪل

مٿي نہ آهي ۽ هو بي نياز آهي.

شاه انلاءِ کهڙي نہ سهڻي پر ولي ڏني آهي:-

نکو ڇانو ڇام کي نکو ڇام ويا ۽ نندي وڏي گندري سيني آ ۽
لم يلد ولم يولد نجابت نيا ۽ ڪبريا تخت تماچي ڇام جو
يا وري پيو چوي:-

الف الک من ۾ کيو ڪا پڙين
سي حرف ڏاران هيڪڙي پيو کين پڄهن
فرض فنا في الله جو عين عبادت ان
قل هوالله احد الله منجهان پرت پڙهن
سعادت سپرين گرکي مليا ڪاپڙي

(٣) زمين آسمان جو ڪجهہ تن ۾ آهي انهن جو واحد خالق
آهي جو محض عبادت لائق آهي "ڪري پاڻ ڪريم جوڙون
جوڙ جهان جون."

انا عبد معبود تون ات شرک نہ شک
سو سيوني حق جنهن ۾ پسين پرين کي

(٤) ڪلمو جو اسلامي توحيد جو اهم جزو آهي تنهنجو
کهڙي نہ دلکش پيرايہ ۾ جامع تفسير کيو اٿس.

وحده لاشريک له جاڻنو چئين ايئن
تاميچ محمد ڪارڻي نرتون منجهان نينهن

(ڪلياڻ)

Marfat.com

(٥) اسلامي تبليغ جنهن وسيلي دنيا ۾ توحيد جو پيغام پکڙيو تنهن بابت چوٽهو:-

ائين پهر اپي ويا جوڳي جاءِ بجاءِ
سا پر سامي سکيا جا پر جوڳ جڳاءِ
وير وتار وجود ۾ انکي رهيو آءِ
کنهن جنهن کمائي لاءِ لکا پٽن لوڪ ۾

توحيد جو کمال آهي "انساني صفات وڃائي ذات کي اوڏو ٿيڻ (کمال التوحيد نفي الصفات)." شاه جي اصطلاحن موجب "قلب تانکس کوري، وجود وڃائي، پاٽان پاڙ کڍي، پيائي کي پن وجهي هيکڙائيءَ سان هيکاند ٿي حبيب حاصل کجي. "هيکڙائيءَ وٽ هار هنجون هٿن جون."

شاه وري وري توحيد جي توه ۽ طلب ورجائي ٿو:-

"وحدت کي وجود ۾ نانگا کر نمود"

ساري رسالي ۾ توحيد جي تنوار آهي. ڪٿي تيز ته ڪٿي آهسته. پر سر کلياڻ، سريمن کلياڻ، سر رامکلي، سر آسا ۽ سر کاهوڙي ۾ توحيد جي موکان موک ۽ پلٽان پلٽ آهي. "ويچارا واڊوڙ سدا شاکر سورسين." سندس ساميڙا ۽ جوڳيڙا تن کي تسڻا ڏيئي، کشت کشالا کڍي، خودي وڃائي، نفس کي نابود کري، ناٿ خاطر نکتا هئا. سندن منهن مان کهڙي نه ڏيا ۽ جوت ٿي بکي!

شاه جي قصن ۽ رومانن جا سورما ۽ سورميون به وحدت جي وادي جا طالب، سالک ۽ راهرو آهن جي پنهنجي پنهنجي وٽ آهر منزل

آهي جنهن سان سندس چاڻ پئي سگهي ٿي. انسان ۾ ان الاهي انوار جو هڪ جزو ۽ قطرو آهي ۽ ان ڪل ۾ گم ٿيڻ گهرجي. هو دل آئيني وانگر صفا ڪري ۽ دوئي جا داغ ڌوئي واحد سان وصال جو ورق واري ٿو جنهنکي صوفيانه اصطلاح ۾ عروج ۽ انساني فراق واري حالت کي نزول چئبو آهي.

١- سو ساهڙ سا سهڻي سائر پڻ سوئي
آهي نجوئي ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي

٢- پاڻهي پسي پاڻکي، پاڻهي هو محبوب
پاڻهي پسي خوب پاڻهي طالب تنجو

ان ڦوڙائي بابت ۾ ساڳئي روح واري لات لنوي ٿو:-

وڏيل ٿي وايون ڪري ڪنل ڪوڪاري
هن پڻ پنهنجا سارا هو هنجون هڏ هاري

هو ڪثرت ۾ وحدت جو قائل هو جيئن چوي ٿو.

گل ڦل پسي گودڙيا گهڻا م َ پائيج
سوئي سڻائيج هي هو آهي هيڪڙو

۽ ساڳئي انداز ۾ وري ٿو چوي:-

وحد تان ڪثرت ٿي ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقت هيڪڙو وائي ٻي م َ ڀل
هو هلاچو هل، بالله سند و سڄڻين

سندس شعر تي قرآن مجيد، مثنوي مولانا روم ۽ شاه ڪريم جي رسالي جو گهرو اثر آهي جي ڪتاب شاه سان هميشه گڏ هوند اهئا

۽ سندن بار بار مطالع ڪندو رهندو هو.

شاه صاحب جي وحدت جو عقيدو صاف اسلامي توحيد هو. ڪيس معلوم هو ته الله تعاليٰ جي هيڪڙائي دين جو بنياد ۽ وڏو رڪن آهي، ڇاڪاڻ ته پالڻهار جي اڳيان نياز ۽ نورت ۽ سندس نيڪ صفتن جي حاصل ڪرڻ جو اهوئي رستو آهي. جيڪڏهن توحيد صحيح هوندي ته سڀ ڪم صحيح ۽ درست ٿيندا ۽ جيڪڏهن اها غلط ته سڀ ڪم خراب. ان ۾ احتياط کان ڪم وٺي اجاين ۽ پيچيده استعارن، ڪناين ۽ رمزن کان ڪنارو پاسو ڪري هن صاف سليس ۽ چٽي طرح وحدت جو فلسفو سمجهايو آهي ته مر عام ماڻهو انکي سمجهي ۽ پروڙي گمراه نه ٿين. سندس توحيد جو نظريو عين اسلامي ۽ سادگي وارو آهي ۽ بعد جي موشگافين کان پاڪ آهي. جيتوڻيڪ هو هڪ صوفي لاکوفي هو ۽ وجود جا ورق ڏوئي واحد جو وصال ماڻيو هئائين تڏهن به هو ظاهري شرع سان پورو هو روزن ۽ نمازن جو پڪو پابند هو ۽ ٻين کي به شريعت تي هلڻ جي تلقين ڪندو ۽ چوندو هو ته انهي ۾ سندن فلاح و بهبودي آهي. خود نما ۽ دين فروش مڪارن لاءِ حقارت هيس "دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا."

ڪڏهين به جذبي ۽ سڪر جي حالت ۾ خدائي دعويٰ يا "انا الحق" جو ڪوڙو دم نه هنيائين. انڪساري ۽ بندگي جو پتلو هو ۽ انلاءِ آسائتو هو ته "شل پرين ڪرينم پنهنجو" تحقيق جنهن الله کي سڃاتو تنهنجي زبان گونگي هوندي آهي.

"من عرف الله ڪل لسانه". "ناطقه حيران ماند عقل لال"

Marfat.com

اهڙو هو ”لاثاني لطيف“ جنهن جي نوري نظر واحد کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏي ڪين وري ۽ جيڪي ڏٺائين سو انکان ٿي ڏٺائين ۽ ٻنهي جهانن ۾ ڪائنس سواءِ ڪو ڏسڻ لائق نه ٿي سمجهيائين.

دوئي از خود بدر کردم يکي ديدم دو عالم را
يکي جويم يکي دانم يکي بينم يکي خوانم

(رومی)

(بشکريه ريڊيو پاڪستان ڪراچي.)

———

Marfat.com

مولوي عبدالڪريم چشتي

# ڀٽائي صاحب جون ڪي چار دلچسپ ڳالهيون

اسان جي سنڌ جي شاعرن جو سرتاج، نامور درويش، صاحبدل صوفي بزرگ ڀٽائي گهوٽ سيد عبداللطيف جون عجيب عجيب ڳالهيون جن کي پڙهڻ ۽ منهن غور ڪرڻ سان دل تي ڏاڍو اثر ٿو پوي، اچ پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. قادر جي قدرت ڏسو ته الله وارن جو هر وقت ڌڻي پاڪ ڏي توجهه ٿو رهي. سندن دل ۾ سدائين انهي حقيقي محبوب جي سڪ ۽ اڪير ٿي رهي هنن کي هميشه ان تي ئي ڀروسو ۽ آسرو ٿو رهي. هنن جو يقين ڪيڏو نه محڪم ۽ مضبوط ٿو رهي؟ هي هر وقت سچائي ۽ نصيحت جو سبق حاصل ڪندا ٿا رهن. هنن جي هرهڪ ڳالهه هرهڪ ٻول اسان لاءِ هدايت جو درس آهي.

(١) روايت آهي ته حضرت ڀٽائي گهوٽ هڪ جهنگل ۾ الله سائين جي عبادت ۾ مشغول هوندو هو. دنيا جي ڌنڌن کان آجو ٿي اڪيلائي ۾ رياضتون ۽ مجاهدا ڪندو هو. هڪ ڪرار روزانو کيس ڏسندو هو. پريان پريان سندس درشن ڪندي کيس سلام ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن ڪرار آيو ڏٺائين ته ڪو ماڻهو اچ جهنگ کي باهه ڏئي ويو آهي، جهنگ پيو ٻري. هن درد مان دانهون ڪيون ۽ روئڻ لڳو ته هاءِ هاءِ سيد فقير الله جو عابد ۽ عاشق عبداللطيف سڙي ويو هوندو. شاه صاحب جو سندس چيخون ۽ چلاٽ، دانهون ۽ آهون ٻڌيون

ڏسيم ڏونگر ڏار، متان هلڻ هيري ٿئين
ڪي مجازاڙيون موٽيون سٽي پنڌ پچار
پويون پائج پرين، ڪي حقيقي هار
سگهي لهندي سار آريچا عنايت چئي

جناب شاهه صاحب ان وقت سلوڪ جي معاملي ۾ قبض ۽ بسط جي ڇڪتاڻ ۽ ڪشمڪش ۾ گرفتار هو ۽ پريشان رهندو هو.

صوفي صاحب کيس مٿين بيتن ۾ سمجهايو ته طريقت جي منزلن طئي ڪندي جيڪي مشڪلاتون اچن ته انهن ڪري ماڻهو پوئتي نه هٽي مرد ٿي منهن ڏي. تڏهن ئي طالب ڪامياب ٿيندو. صوفي صاحب جو نوجوان شاه ارشاد ٻڌي کيس جواب ۾ چيو ته بيشڪ صاحب سچ ٿا چئو!! پوءِ شاه صاحب به اعتراضي طور هي بيت عرض رکيو.

پسي ڏونگر ڏار متان هلڻ ۾ هيري ٿئين
پڇي پورج سسئي مهندا بلوچاڻي ٻاه
ان وڙائتي ور جو آسرو هڏ ملاه
اکين اوڏو آه پرين، پراهون مڇوين.

(٦) روايت آهي ته سائين عبداللطيف گهمندي گهمندي جدا جدا درويشن ۽ ولين، عالمن ۽ بزرگن سان ملاقاتيون ڪندي هڪ ڏينهن لواري شريف جي بزرگ نقشبندي طريقه جي شيخ مشهور ولي خواجه محمد زمان صاحب وٽ اچي نڪتو. خواجه صاحب موصوف حضرت صديق اڪبر سيدنا ابا بڪر جي اولاد مان هو. شاهه صاحب کيس ڏسي هي بيت پڙهيو :—

سامي سفر هليا کو ڀروڙي پنڌ
جن هيٺيان ڪنڌ آئون نہ جيئندس انري ۾.

خواجہ صاحب فرمايس تہ :—

ڪين آهين، ڪين ٿئين، وڃي ڪين ڪماءِ !
لاڳاپا لوڪ جا، لاسين سڀ لهراءِ
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.

شاهہ صاحب ان جي جواب ۾ چيو تہ :—

قلم وهي ويو ڪانهہ - سرتيون ڪنهن سهاڳ لئہ
انگ اڳيئي لکيو، ات نہ، پهچي ٻانهہ
ڪنهن کي ڏيان دانهہ، تہ پرين مان سين هيئن ڪيو؟

وري خواجہ صاحب فرمايو تہ :—

ويهہ وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾
ميٽيو انگ اڳيون، واري ٻيو لکن
پنو سو پاڙهين، جنهن مان پسن پرين کي.

(٧) مخدوم ولهاري صابر صاحب پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم، عامل، عارف ۽ پير طريقت هو. شاهہ صاحب وٽس آيو. شاهہ صاحب وڏي بزرگ ۽ معزز خاندان جو ماڻهو هو. پر ڪيس پوشاڪ ٿلهي ڪتي جي پيل هئي، حالت فقيرائي هيس. هڪ تارڪ دنيا ۽ دنيا جي معاملات ۽ مزن کان يڪسر پالهو. جنهن تي مخدوم صاحب جي هڪ شاگرد شاهہ صاحب کي عرض ڪيو تہ بادشاهہ هي ڇا ڪيو ٿي؟ ڇو اهڙا حال اٿي؟ ڏٺي جي نعمتن کان محروم ڇو ٿو رهين؟

شاهہ صاحب فرمايس ٿا:-

پنوهارڪي پاهي، جي هوند چڪيائين
تہ ميهارڪي مهي ساڄهر ڇڏيائين.

پاهي ڇنبو آهي ڇڏي لسي ۽ پتري جهڻ کي ۽ مهي گهاٽو ڏڌ. مطلب تہ سادگي ۽ درويشي اختيار ڪرڻ الله لاءِ عيش ڇڏڻ عجب ڳالهہ آهي. پنوهارن جي ٻڪرين جي ڇڏي لسي ميهارڪيءَ جي گهاٽي مهي کان وڌيڪ لذيذ آهي. جنهن کي فقيري جو مزو آيو اهو اميري ويس وڳا ڇا ڪندو؟ ان لاءِ عيش عشرت ۾ ڇا رکيو آهي؟

رشيد احمد لاشاري

# شاهه جو سارنگ ۽ اسلامي فتوحات

ڪنهن به برپٽ يا واريا سي ملڪ ۾ جڏهن مينهن نه پوندو آهي، گرمي پنهنجو پورو پورو زور ڏيکاريندي آهي، جهنگن ۽ ٻوٽن ۾ ڪک ۽ ڪانا سڪي ويندا آهن، وڻن پنن جون ٽاريون به بالڪل ٺوٺ ڏسڻ ۾ ايندي يون آهن ۽ هر جاءِ تي ڏڪر اچي منهن ڪڍندو آهي، تڏهن نه رڳو ماڻهو پر هرڻ، ڍور ڍڳا ۽ اڙيون بدڪون به مينهن جي انتظار ۾ بيقرار نظر اينديون آهن. شاهه صاحب انهن سڀني حقيقتن جو مشاهدو ڪري، اسلام کان اڳ ۽ پوءِ جي حالت کي "سر سارنگ" سان ڀيٽيو آهي، ڇاڪاڻ ته جهڙيءَ طرح مندائتو مينهن سڄي ملڪ لاءِ رحمت ۽ برڪت جو سبب هوندو آهي، تهڙيءَ طرح ٻنهي جهانن جو سردار حضور صلي الله عليه وسلم به سڀني جهانن لاءِ رحمت ۽ شفاعت جو ڪارڻ آهي.

حضور جن جي تشريف آوريءَ کان پوءِ نه رڳو عربستان مگر سڄي دنيا جون حالتون هڪدم تبديل ٿي ويون. هر هنڌ امن، آزادي، صلح ۽ خوشيءَ جو پيغام پهچي چڪو. حضور جي رحمت ۽ عنايت جا ڪڪر مشرق کان مغرب تائين وسڻ شروع ٿي ويا ۽ اسلام جي مبلغن ۽ فاتحن الله جي دين، عالمگير دوستي ۽ انسانيت جو پيغام، مڪي ۽ مديني مان کڻي، ساري دنيا ۾ پکيڙڻ شروع ڪري ڏنو، جنهن لاءِ شاهه صاحب فرمائي ٿو:—

مکي مٿان موٽيون، آئيون تي عرفات
روضي پاڪ رسول جي رنگ ڪيائون رات
وڃڙيون پريات، موٽي مصر آئيون.

اهڙيءَ طرح اسلامي مبلغ سلسليوار دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جن جن هنڌن تائين پهتا هئا، تن سڀنيءَ جو ذڪر شاه صاحب پنهنجي "سر سارنگ" ۾ نهايت چٽائيءَ سان پيش ڪيو آهي، جنهن جو مختصر بيان هن هيٺ ڏجي ٿو:—

حضور جن جي ولادت جا ڏينهن جڏهن ويجها ٿين ٿا، ۽ هر طرف سندن تشريف آوريءَ جا آثار نظر اچن ٿا، تڏهن ڪن بزرگن کي الله تعاليٰ وٽان خاص خوشخبري پهچي ٿي ته عنقريب مڪي ۾ ٻنهيءَ جهانن جو سردار اچڻ وارو آهي جو پنهنجي وڏڙي يعني "خلق عظيم" جي شان سان سڄي دنيا کي سرسبز ڪري ڇڏيندو. تنهن ڪري توهان پنهنجن يارن دوستن ۽ مٽن مائٽن جا ٽولا، اوڏانهن وٺي هلو. الله مان آسرو لاهي، ڪڏهن به نه ويهو، ڇاڪاڻ ته اهو الله جو محبوب، توهان سڀني جي ڏکن ڏولاون دور ڪرڻ لاءِ اجهو آيو ڪي آيو:—

آگميو آهي، لڳو پس: لطيف چئي
آئو مينهن وڏڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي
جن ڇڏي پٽ پٿو، سمر سنباهي
وهوم لاهي، آسرو الله مان.

جيئن ته عربستان جو ملڪ دنيا جي ايشيا کنڊ ۾ اوڀرندي طرف آهي، تنهن ڪري شاه صاحب به حضور جن جي تشريف

آوري ۽ سندن رحمت کي اوپر جي مينهن سان ڀيٽيو آهي، جنهن جو ظاهري طرح هن ملڪ جي چئوماسي سان به ڪافي تعلق آهي.

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن جي هن دنيا ۾ تشريف آوريءَ کان پوءِ غريبن ۽ مظلومن جي جيڪا حالت درست ٿي آهي ۽ آهي ڪفر ۽ جهالت سان ڀريل ملڪ ۽ فتنہ ۽ فساد وارا شهر جيڪي الله جي ياد کان سواءِ برباد ۽ سڃا نظر ٿي آيا، تن سڀنيءَ تي حضور جن جي رحمت جو وڏڙو مينهن وسڻ لڳو ۽ الله جو نالو وٺندڙ نيڪ بندا اوچتوئي اوچتو ائين ظاهر ٿي پيا، جيئن پٽن تي گاهه ڦٽندا آهن. ڇو ته حضور جن جو وجود مسعود ٻلر جي ٻالوٽ وانگر خدا جي نور ۽ رحمت جي ٻالوٽ هو، سو نہ رڳو عربستان جي بيابانن ۾ وڏڙي وانگر وسڻ لڳو، مگر خود الله جي توحيد جا اهي گس ۽ پيچرا، جن سان اڳين نبين هن دنيا لاءِ امن ۽ آزاديءَ جو پيغام آندو هو ۽ ڪيتري وقت کان وٺي غير آباد ۽ بند پيا هئا، تن کي به وري آباد ڪري ڇڏيائين ۽ حضور جن جا اصحاب سڳورا اهي ساڳيا گس وٺي، اسلام جي مبلغن جي حيثيت ۾ سڄي دنيا ۾ پکڙجي پيا ۽ سڀڪنهن غريب غربي تي الله جي رحمت ۽ برڪت حد کان وڌيڪ وسڻ لڳي، جنهن جو ذڪر شاه صاحب هنن لفظن ۾ ٿو ڪري :-

آگم ڪيا الله، لڳھ پس، لطيف چئي،
ٻلر جي ٻالوٽ پسن پٽن جهليا پاه،
واحد وڏائي ڪيا، مٿي گسن گاه،
سانگين وريا ساه، آئن آب آگوندرو.

صوفين جي عقيدي موجب حضور جن جو نور عرش الاهيءَ

چاڪاڻ ته، انهيءَ موچاري محبوب ۽ الله جي رحمت جي ڪڪر، حضرت محمد مصطفيٰ هن دنيا تي رحمت جي مينهن وسائڻ جا ويس ڏيکڻ شروع ڪري ڏنا آهن ۽ بس اجهو ٿا ظهور فرمائين :-

آڄ پڻ آتر پار ڏي، تاڙي ڪئي تنوار
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
آڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

شاه صاحب اڳتي هلي، مڪي جي فتح ڏانهن اشارو ڪري ٿو جا ۱۰ رمضان سنه ۸ هجري، مطابق ۱ جنوري سنه ۶۳۰ع ۾ ٿي، ۽ حضور جن پنهنجن ڏهن هزارن صحابين سان گڏ مڪي ۾ داخل ٿيا. اهي مومن مسلمان ۽ نيڪ دل انسان، جيڪي ڪفار جي ظلم ڪان مديني هليا ويا هئا يا اتي مڪي ۾ ئي پريشان حالت ۾ ٿي رهيا، سي تمام گهڻو سرها ٿيا ۽ خوشي وچان ٻهڪڻ لڳا. حضور جن نه رڳو مسلمانن کي بلڪ دين جي دشمنن کي به پنهنجي احسان ۽ رحمت سان نوازيو ۽ فرمايائون ته :- ”وڃو، توهان تي ڪو به الزام ڪونهي ۽ توهين سڀ آزاد آهيو.“ اهڙيءَ طرح مڪي جا اصلي رهاڪو، جي مجبوراً مديني ڏانهن هجرت ڪري ويا هئا، سي رحمت للعالمين جي رحمت جي مينهن ۾ پچندا وري پنهنجن وٿاڻن تي مڪي معظم ۾ موٽي آيا. جنهن جو ذڪر شاه صاحب ڪناي جي وسيلي هيٺين بيت ۾ ٿو ڪري :-

آڄ پڻ آتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿهڪن ٿيون ٿاريون
لٿيون لڪ لطيف چئي، ڏايون ٿا ساريون
پچنديون پناريون، وري وٿاڻ آئيون.

سنڌ جي شاعرن جي سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائي مڪي

جي مظلوم ۽ مديني وارن کان وچڙيل مسلمانن جي دل جي ترجماني به دل کولي فرمائي آهي ۽ بيان ٿو ڪري ته اڄ مڪي جي فتح ٿي ۽ آهو رحمت جو ڪکر حضور صلي الله عليه و سلم پنهنجي بي انتها فياضين سان فاتحانه انداز ۾ مڪي ۾ داخل ٿيا ۽ پنهنجي فياضانه سلوڪ جو دنيا جي تاريخ ۾ هڪ نادر نمونو پيش ڪري ڏيکاريائون. يعني مديني جي هجرت کان پوءِ مڪي جا مشرڪ، مهاجرن جي جائداد تي قبضو ڪري چڪا هئا ۽ مسلمانن جو جائز حق هو ته هو پنهنجون جائدادون واپس وٺن. مگر حضور جن جي فرمان مطابق مسلمان فاتحن انهن تان به هٿ کڻي ڇڏيو ۽ اهي مجاهد مسلمان جن جا ڪپڙا شهادت جي خون سان رڱيا ڳاڙها ٿيا بيٺا هئا، سي به وڃن وانگر پنهنجي سهڻي سخاوت جو مينهن وسائڻ لڳا ۽ جنهن وقت مڪي جا وڇڙيل مسلمان، مديني جي وڇڙيل مائٽن سان مليا تنهن وقت خوش ٿي چوڻ لڳا ته "هيءُ حضور صلي الله عليه وسلم جي رحمت جو ٿي مينهن آهي، جنهن اسان سان پنهنجا وڇڙيل پرديسي پرين ملايا آهن!" :-

آڄ پڻ آتر پار ڏي، ڪارا ڪکر ڪيس
وچون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس
پرين جي پرديس، مون مينهن ميڙيا.

حضور جن جي ولادت ۽ نبوت جي ڪارنامن بيان ڪرڻ کان پوءِ، شاه صاحب، پاڻ سڳورن جي وفات يعني "خطبة الوداع" ڏانهن به اشارو ڪري ٿو.

جڏهن ته ٩ ذوالحج سنه ١٠ هجريءَ ۾ حضور جن عرفات

جي ميدان ۾، هڪ ڏاچيءَ تي سوار ٿي ۽ سڀ کان مٿاهين جڳهه تي بيهي، سڄي دنيا جي مسلمانن کي فرمائڻ لڳا ته "اي انسانو، بيشڪ توهان جو رب هڪڙو آهي ۽ توهان جو پيءُ به هڪڙو آهي. (توهان سڀ آدم جو اولاد آهيو) عربيءَ کي عجميءَ تي، عجميءَ کي عربيءَ تي. ڳاڙهي کي ڪاري تي ۽ ڪاري کي ڳاڙهي تي ڪابه فضيلت ڪانهي. فضيلت رڳو پرهيزگاريءَ جي سبب آهي ۽ هر مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي. غلامن سان پورو پورو برتاءُ ڪريو، جهڙي ڀاڄ کائو، سو انهن کي کارايو ۽ جهڙي پاڻ ڍڪيو، سو انهن کي ڍڪايو."

شاه صاحب انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو ته اڄ وري اهو نور هڪ بلند جڳهه تان چمڪڻ شروع ٿيو آهي ۽ انهيءَ نه رڳو الله جي ٻانهن کي سنئين واٽ ڏيکاري آهي، پر دنيا جي ڪيترن ملڪن کي اسلام جي بي بها نعمت سان مالا مال ڪري ڇڏيو اٿس. شل اهو نور مبارڪ اسان دنيا وارن وٽ هميشه موجود هجي ۽ اهو محبوب اسان کي جدائيءَ جو داغ ڏيئي، هميشه لاءِ پرديس يعني آخرت جي سفر تي نه هليو وڃي:-

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪکر ٿو ڪري
وسايو واڙن تي، ٿو خالق ڪنهن پري
ڀاساريان پري، سانگ م وڃن سپرين.

اهڙيءَ طرح شاه جي "سر سارنگ" جي هر هڪ بيت ۾ قديم سنڌ جي جاگرافيءَ سان گڏ اسلامي فتوحات جي باري ۾ به ڪونه ڪو تاريخي واقعو ضرور سمايل آهي ۽ ان تي تاريخي نقطه نگاه کان ڪافي تحقيق ۽ تدقيق جي ضرورت آهي. شاه صاحب هر هڪ شهر جو منظر ڪڪرن جي ڪناري ۾ اهڙيءَ ته

خوبيءَ سان بيان ڪري جو ڇڻ ته ماڻهو ڪڪرن سان گڏ هوا ۾ اڏامندو ۽ انهن سڀني شهرن جو سير ڪندو ٿو اچي: جيئن ته اسلامي فتوحات کي عربي سمنڊ جي چوماسي سان ڀيٽيندي فرمائي ٿو:—

سوني ماندائن جي واري ڪيائين وار
وچون وسڻ آئيون چوڏس ٿي چوڌار
ڪي آئي هليون استنبول ڏي، ڪن مٽيا مغرب پار
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قندار
ڪي دلي ڪي دکن تي، ڪي گڙن مٿي گرنار
ڪي جنبي جيسلمير تان ڪيا بيڪا نير بڪار
ڪنين پڇ پڄائيو، ڪنين ڍٽ مٿي ڍار
ڪنين اچي عمرڪوٽ تان، وسايا ولهار
سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

نيٺ اهو اسلام، جنهن کو عربستان مان شروع ٿيو هو، سو برسات وانگر خوشيءَ منجهان وسندو پٽ شاهه ۽ ان جي قريب هالا ۾ اچي حاضر ٿيو، جتان مخدوم نوح رحمة الله عليه جهڙا اسلامي مبلغ پيدا ٿيا ۽ اهڙيءَ طرح پيا به ڪيترا بزرگ ۽ درويش جيڪي اتر جي طرف يعني بخارا ۽ هرات کان اچي، سنڌ ۾ سانڍي ٿيا ۽ ڪنڌهار جي گل وانگر خدا جي وحدانيت جي خوشبوءِ پکيڙڻ شروع ڪيائون ۽ ڪيترين مئل دلين جي اندر صداقت جا سلا اهڙي طرح پيدا ٿيا، جيئن واريءَ سان پوکن ۽ پڻ تي ڊامڻ جو گاهه ڦٽندو آهي. شاهه صاحب مخدوم نوح رحمة الله

عليءَ جي خاندان سان ڳنڍ اهو اشارو پنهنجن بزرگن ۽ متعلوي ساداتن ڏانهن به ڪري ٿو ۽ فرمائي ٿو :-

پري پٽ تي آئيو، سارنگ سهج منجها
ڪڙيون ڪنٺهار جيئن، وچون اتريا
سرها سبزا ٿيا، ڍامڻ ڍپ ڪيا
ڀري پڌريا، پرياڻين ڪن ڪراڙ جا.

اهڙيءَ طرح اڳتي هلي، شاه صاحب سنڌ جي ٻين شهرن لاءِ ڪنايا پيش ڪندي فرمائي ٿو ته اهو رحمة للعالمين جو ٿي فيض هو، جنهن جي ڪري ڪراڙ جا ڪن پرجي ويا يعني انهيءَ هنڌ علم ۽ معرفت جا پرپور وهڪرا وهڻ لڳا ۽ سنڌ جي ريگستان واري حصي ۾ به انهيءَ دور جا وڏا وڏا عالم ۽ ولي الله پيدا ٿيا، جن جي فيض ۽ برڪت منڊ تي وسندڙ ڪنوڻ وانگر، معرفت جي منڊائتي مينهن جو چڱو وسڪارو ڪيو ۽ انهن بزرگن جي شاگردن ۽ فيض يافته انسانن "پٻ جبل" جي آس پاس "ماڪاٽيءَ" جي مڪان کان پلٽو کائي، وري سنڌ ڏانهن رخ رکڻ شروع ڪيو. يعني شاه صاحب جي چوڻ مطابق انهيءَ پٻ ۽ ڪيرٿر واري حصي ۾ خدا جي ڪيترن پيارن ۽ برگزيده انسانن جو نالو نشان ملي ٿو، جهڙيئن ته لڪيءَ جا بزرگ. مخدوم محمد بلاول ۽ قلندر شهباز وغيره. اهڙيءَ طرح چڪي ڍنڍ ۽ ان جي آس پاس وارن ڪيترن عالمن ۽ بزرگن ڏانهن به اشارو آهي. جيئن ته فرمائي ٿو :-

پر پائين کن کراڙ جا وٽو واريا سو
ڪٽيتي ڪنوڻ ڪيو، ڇگو ڇوماسو
ماڪاٽيءَ تان موٽيو، ڏيئي پيٽ پاسو
خالق ڪيو خاصو، ڇيهو ڇڪي ڪنديون.

اهڙيءَ طرح شاه جي "سر سارنگ" جي هر هڪ بيت ۾ ڪم آندل ڪناين کي تاريخ جي روشنيءَ سان پيٽڻ جي ڪري نه رکيو اسلام، مگر سنڌ جي قديم بزرگن ۽ عالمن جي به هڪ مڪمل تاريخ مرتب ٿي سگهي ٿي، مگر ان لاءِ اڃا ڪافي تحقيق ۽ محنت جي ضرورت آهي.

مولائي رحيمداد خان شيدائي

# شاهه جو پنيور

کوهيارو ڪام هٿي چوري چت ويو،
جنهين جت نيو، تن آئن گهوري آهيان.
(شاهه)

## شاعر جاد و بيان

سڀاڳي سنڌ جي عالم باعمل ۽ ڪامل ولي درويش، سدا جيئري انقلابي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه رسالي ۾ جيڪي رومان آفرين آکاڻيون بيان ڪيون آهن، تن جي پڙهڻ سان، سنڌي ٻوليءَ جي تونگري، همه گيري، فصاحت ۽ بلاغت کان سواءِ سنڌ جي طبعي حالت ۽ مهراڻ جي موجن ۽ مستين جي خبر پوي ٿي. سنڌ تي نالو سنڌو (مهراڻ) ڪري پيو، جنهن جي وجود تي هن صوبي جي رهاڪن جو جياپو منحصر آهي. علاوه ان جي سنڌين جي تمدن، ثقافت، زراعت، صنعت ۽ حرفت، وڻج ۽ واپار، شهرن ۽ ڳوٺن، بندرن ۽ بازارين، حسن ۽ اخلاق، سادگي، آسودگي ۽ مهمانوازي ۽ بهادري جا اهڃاڻ اکين آڏو اچن ٿا. وطن دوست شاهه سائين رسالي جي بيتن کي اهڙي سوز ۽ گداز، چاهه ۽ چوج سان توحيد جي تند تنواري ته، جو ٻڌڻ ۽ پڙهڻ سان اهل ـ نظر جي دلين ۾ سائينءَ جي سڪ اجاگر ٿئي ٿي. حقيقت ۾ اهي روماني افسانا سنڌي ساهت جو روح آهن ۽ انهن آکاڻين جي آڌار تي سنڌ جي جهوني اتهاس کي

ٿئين سر جنم ڏيئي جاويد زندگي بخشي ٿو. وطن عزيز جي اتهاس ۾ شاهه جي ڀنڀور کي جيڪا اهميت حاصل آهي، تنهن جو بيان هن صحبت ۾ قارئين ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو.

## ڀنڀور

ڀنڀور سنڌ جو جهونو شهر تاريخي نقطه نگاه کان ڪنهن زماني ۾ بين المملڪت ۽ بين الاقوامي شهرت رکندڙ هو. شاهه سائين هن جو بيان "سر سسئي" (آبري) ۾ ڏنو آهي. هي شهر راجا ڀنڀو راءِ تعمير ڪرايو هو ان ڪري سندس نالي تي "ڀنڀور" سڏبو هو. (١) الور، بهمن آباد، سدوسانيا (سيوهڻ)، پٽالا (نيرن ڪوٽ)، هالڪنڊي (هالا)، سمانگر (قديم ساموئي)، اسڪلنده (اُچ)، ڪسايا پورا (ملتان)، اجودن (پاڪپٽن)، سڪالا (سيالڪوٽ)، تڪشلا (ٽئڪسلا)، پشڪاوتي (پشاور)، ياونا نگرا (جهونا ڳڙه)، سوپارڪا (سورت)، برڪي (دوارڪا)، بروص (ڀڙوچ)، ڪيز (ڪيچ)، سنڌ و ماتري جي جهونن شهرن جو همعصر هو.

ڀنڀور هاٽوڪي تعلقي مير پور ساڪره ۾ سنڌو ندي جي الهندي شاخ گهارو ۽ گهارو ڪاڙيءَ جي آترين ڪپ تي وسندڙ شهر هو. هاٽوڪي گهاري ڳوٺ کان جو دابيجي سٽيشن کان ستن ميلن تي آهي، ان کان ٽن ميلن جي فاصلي تي، حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ رستي جي کاٻي پاسي کان سڏ پنڌ تي هو. شاهه سائين جي زباني معلوم ٿئي ٿو ته ڀنڀور مردم خيز، دولتمند تجارتي شهر هو. منجهس بازاريون، بنگلا، باغ ۽ ماڙيون

---

(١) مير عليشير قانع ٺٽوي: تحفة الڪرام ج ٣ ص ٢٣ - بمبئي.

هيون. شهر جا رهاڪو سکيا ستابا هئا. سسئي به هن شهر ۾ سکن سان ساماڻي هئي. ڀنڀور "انڊو - مسلم" تهذيب کي ياد ڏياري ٿو. سسئي ۽ پنهون سنسڪرت نالا آهن. (۱)

## ڀنڀور جو سامونڊي واپار.

ڀنڀور مهراڻ جي ڊيلٽا جي الهندي ڪنڌ تي مهراڻ جي ماٿريءَ جو وڏو بندر گاه هو، جتي ٻيڙيون (ڊنگيون) ڏيساورن ڏانهن وڻج ڙ مال پهچائينديون هيون ۽ هتان اهو مال سامونڊي غورابن ۾ چڙهندو هو. واپارين کي ڪسٽم ڊيوٽي (گمرگ) ڏيڻي پوندي هئي. ايراني نار، سوراشٽر، ڪوڪن، ملبار، سلون، ڪارومنڊل، مشرقي ٻيٽن ۽ چين، حضرالموت، يمن جا سامونڊي غوراب هتي لنگر انداز ٿيندا هئا. ايري ٿروئن Erythroensea (هنديءَ وڏن سمنڊ) جو وڏو بندر هو. اهڙي بين المملڪت واپار ڪري ڀنڀور مشهور هو. هتان مهراڻ جي ماٿري ۽ ڀر وارن ملڪن جون پيدا واريون جهڙوڪ مشڪ، ٻيد، لاک، نير، سوٽي سنهين تار واريون ململيون، ريشمي ۽ اوني ڪپڙا، سنڌو جا گهوڙا مغربي ۽ مشرقي ملڪن ڏانهن برآمد ٿيندا هئا. نير، لاک ۽ ململن جي مصرين کي بيحد ضرورت هئي. اهي شيون مصري لوڪ لاشن کي ممين ٺاهڻ

---

(۱) سسئي (شاشين) معنيٰ چنڊ، پنهون (پنون) معنيٰ سج ڏسو:—

The Journal of the Sind Historical Society, Vol. I. "Studies in Indo-Muslim History" PP. 2-3 Janaury 1941, Karachi.

ڪري هن واپاري شهر ۾ فنيقيا، يهودي، عرب، ايراني ۽ مصري سوداگرن جون ڪوٺيون هيون، جن اصطخر، حيره، بابل، انطاڪيه، تدمر، پيٽرا، صور، سيدان ۽ هلياپالس (مصر) ۾ ڀنڀڪون ۽ واپار لاءِ ڪوٺيون ڪوليون هيون. (۱) ۳۲۵ ق - م اسڪندر مقدوني ڀنڀور پهتو. ڪي گهوڙا سمنڊ جي ڪپ تي قرباني ڪري پنهنجي سپه سالار نير ڪوس کي جهازن جي دستي سان مڪران ڏانهن روانو ڪيائين. حقيقت ۾ اسڪندر مقدوني مشرق ۽ مغرب جي واپار تي قبضي ڪرڻ لاءِ سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي. (۲) ڀنڀور منصوره کان پنجن منزلن ۽ پٽالا کان ڇهن منزلن جي پنڌ تي هو. يونانين ڀنڀور کان وٺي حب ندي تائين علائقي تي "اربتائي" Arabitae ۽ حب کان هنگلاز تائين علائقي (لس ٻيلي) تي "اورٽي" Oritae ۽ سونمياڻي تي "رهمبيڪيا" Rhambacia نالا رکيا هئا.

## ڀنڀور جي خشڪي جو واپار.

ڀنڀور جو خشڪي جو واپار ڪيچ Kiz جي هوت بلوچن جي قافلن وسيلي قلات سيوا، قنڌار، سيستان، خراسان، ڪرمان ۽ فارس سان هلندو هو. حجاج جي ڏينهن ۾ مڪران جو والي محمد بن هارون نمري هو. ڪانئس پوءِ سندس فرزند مير جلال خان مڪران جو حاڪم هو. مير جلال خان کي ٻه زالون هيون. پهرين مرزا جهان بيگ جي ڌيءَ جنهن مان ڪيس

۱- Frozer. R.W: British India, Cities of Mediterranean P. 11, London, 1911.

۲- The Cambridge History of India, Vol. I. Aexander the Great, P. 379, 1922.

٣- بر مڙوئي بوءِ، ڇپر ڇانون مکيون،
ﻫﻪ ﭘﻪ ني پنهور ۾، هند مڙيئي هوءِ؛
راڻين وري روءِ، گوندر لتا گولئين.

هوتن جا مهري ۽ لاڏو آٺ "ليڙا" مڪران جي آٺن جو بهترين قسم آهي، جيڪي ٽرن، برن، لکن ۽ پيچرن کي لتاڙڻ ۾ مضبوطي ڪري مشهور آهن. (١) ڪيچي آٺن متعلق شاهه چوي ٿو :—

١- ڪرڙا ڏونگر، ڪه گهٽي، جت جبل گونا گون،
ليڙن جون لطيف چئي، تنگ تنوارون پون.

٢- ڪيچان آيو قافلو طرح سوچاريءَ تو ڏ،
سينگاريا سيد چئي، ڪر منجهان ڪوڏ،
لک لهي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي.

## پنهور جو هندوستان تي اثر.

هندوستان ۾ پڙهڻ جو رواج هو پر لکڻ جو اجا رواج ڪونه پيو هو. تڪشلا ۽ نالندا يونيورسٽيون هيون جن ۾ زباني تعليم ڏني ويندي هئي. ميگسٿنيز جو سيليوڪس پاران چندرگپت جي دربار پتاليپترا (پاٽنا) ۾ سفير هو، سو ڄاڻائيٿو ته حڪومت جي ڪاتن جو ڪاروبار سمورو زباني هلندو هو-

---

(١) بلوچستان جي آٺن جا گهڻائي قسم آهن: ليڙو، دستل، سعيد، لوڙي، خر و انهن مان ليڙو مسافري، بار کڻڻ ۽ مضبوطي ڪري مشهور آهي. (ليکڪ)

Marfat.com


باب در سر و كليان و اين باب ٻه فصل ابتدا
بسم الله الرحمن الرحيم بيت اول الله عليم
اعليٰ عالم جو ڌڻي قادر پنهنجي قدرت سين قائم
آهه قديم والي واحد وحده رازق رب رحيم
سو ساراهه سچو ڌڻي حمد حكيم كري بيان

احمد پٽي واري قلمي نسخي، شاه جي رسالي جي پهرئين صفحي جو عڪس. هي نسخو مولوي دين محمد سانوڻي، حافظ محمد عمر کان ١٣٢٢ هجري ڌاري خريد ڪيو.

Marfat.com

Marfat.com

مرحوم محمد واصل "واصل" ٺٽوي.
(متوفي ۱۹۲ ع)

# ذڪر لطيف

۱- ڪريان ڳالهه شه عارفن جي سندي
جنهنجي بحر توحيد جي ۾ ٽٻي.

۲- وڏو شاهه شاهن سندو سو شريف
ڀٽائي ڀلو پير عبداللطيف.

۳- عشاقن سندي سونهن پڻ عارفن
نڪو سنڌ عاشق مثل تنهن لکن.

۴- سو سيد سونهارو خدا ۾ فناء
فنا مان لڌي تنهن ڀلاري بقاء.

۵- وڏا وصف ۾ تنهن سندي اوليا
ولي پڻ هزارين تنهين کان ٿيا.

۶- هزارين ولي پڻ هزارين فقير
ڪڙيا بحر عرفان جي ۾ سڌ ير.

۷- مونکي پڻ ڏنو فيض فياض هي
سبب جنهن ڪلي جيپ اشعار جي.

۸- وڏو وجد سيد سندوئي ڪلام
سندي ۾ مثل جنهن نه ڪوئي ڪلام.

Marfat.com

٩- رسيا فيض سهسين هزارين جهجها
جنين لفظ تورا رسالي پڌا.

١٠- آهي جو سچو خاص لئہ ذوق ذوق
۽ پڻ عام لئہ سو نجو شوق شوق

١١- نجو خاص لئہ رهنما راڳ آهہ
دلين درد سين عام جون، روز ڳاءِ.

١٢- دلين درد آتش وڌڻ ۾ لڳي
جبل بحر پون ۾ جيئي ٿي آئي.

١٣- سڀڻ سين فناڪي فنا ڪان حيات
ويچارا پڌي ڪي، ويا ٿي ممات.

١٤- اٿيو سند سڀ منجهہ آواز شوق
دلين منجهہ دردن سندا ذوق ذوق.

١٥- سوا درد دل جي دري بند آهہ
اهو عارفن ڪاملن رند آهہ.

١٦- ڇيو تنهن سونهاري سڳوري سچي
پاسي رهنما رهہ هدايت سندي.

١٧- سهڪي ڪين سڪ سڀ شهادت ٿئي
نظر ناز پرين عبادت ٿئي.

(مثنوي گلزار واصل)

تصنيف ١٢٩٩هہ.

Marfat.com

مير عبدالحسين خان ٽالپر
"سانگي" مرحوم

# مرشد پنائي

هز هائنيس مير عبدالحسين خان "سانگي" (١٨٥٠-١٩٢٤ع) سنڌ جي آخري ٽالپر حڪمران مير نصيرخان جو پوٽو هو. جيتوڻيڪ کيس ظاهري عزو جاه حاصل هو پر تنهن هوندي به درويشانه، عالمانه ۽ شاعرانه زندگي بسر ڪيائين. شاه پنائي جو روحاني مريد هو ۽ ساڻس والهانه عقيدت هيس. پاڻ به بلند پايه شاعر هو ۽ سندس قديم رنگ جي شعر تي شاه جو گهرو اثر پيل آهي. نهايت محنت ۽ ڪوشش سان شاه جي مفصل ۽ معتبر سوانح حيات "لطائف لطيفي" (تصنيف ١٨٨٨ع) لکيائين جا بعد جي مصنفن لاءِ هن سلسلي ۾ اهم ماخذ رهي آهي. شاه جي رسالي جا ڪيترائي قديم نسخا جمع ڪيائين ۽ خوشخط نسخا لکارايائين جن مان ڪي اڄ به مختلف هنڌن تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سندس لاش وصيعت مطابق ڀٽ شاه تي دفنايو ويو.

سندس ديوان مان شاه پنائي سان عقيدت متعلق انتخاب ڏجي ٿو. (اوج).

لطف ـ لطيف شامل حالم اگر نه هو،
تو شاهراهه عشق مين ميرا گذر نه هو.

---

قرب درگاهه ـ لطيفي ٿئي نصيب عبدالحسين
هي سوال آهي سدائين حيدر ـ ڪرار کي.

موں کي مرشد کان تيو خدا حاصل
گل سان بلبل کيو آشنا مون کي .

---

ڪين ڪفني مڙ ساڻ پايان ڪڏهن دنيا کي آءٌ
ڪين مستي سان مٽايان شوڪت دنيا کي آءٌ .

مون کي اعليٰ سان تعلق ناهه نه ادنيٰ سان ڪار
يڪ نظر سان ٿو ڏسان اعليٰ کي ۽ ادنيٰ کي آءٌ
هادي ۽ راهه هديٰ آهي "يٿائي" پر جهلو
ياد ٿو هر دم ڪريان تنهن مرشد و مولا کي آءٌ
جنهن سان ٿئي واحد وجودي جنهن سان ٿئي يڪتادلي
هي رموز عشقبازي ڪئن چوان جهلا کي آءٌ .

( ديوان سانگي ج ۱ . )

مير حسن علي خان ٽالپر
"حسن" مرحوم

# رومي سنڌ

هز هائنيس مير حاجي حسن علي خان المتخلص به حسن (ولادت ٢٦- ذوالعقد سنه ١٢٤٠ هجري ۽ وفات ١٠- ذوالحج سنه ١٣٢٤ هجري) سال ١٢٥٩ھ ۾ قيد ٿي ڪلڪتي ويو، ۽ سال ١٢٧٩ھ ۾ موٽي سنڌ آيو. مير صاحب مرحوم سال ١٣١٨ھ ۾ مثنوي "حمله حيدري" ٻن جلدن ۾ لکي آهي جنهن ۾ مير صاحب فقط سنڌ جي ٻن شاعرن سيد ثابت علي شاه (ولادت ١١٥٣ھ وفات ٢٧ جمادالثاني ١٢٢٠) ۽ شاه عبداللطيف جي تعريف ڪئي آهي.
انهن مان هڪ آهي سنڌي جديد شاعري جو باني ۽ بلند پايه شاعر ۽ ٻيو هو سنڌي قديم شاعري جو بهترين شاعر. مير موصوف جي مثنوي مان انتخاب ڏجي ٿو. (احسن ڪربلائي)

## ثابت

چئي جيڪي ثابت علي شاه ويو
ٻيو سنڌي ۾ ڪنهن شعر اهڙو نه چيو.
ڪلام انجو مون غور سان جڏ ڏٺو
ڏٺم ڇڻ ڪنهن قالب مان پلٽي ڪڍيو.
هو هسن فن ۾ سيد اوستاد ڪار
خدا جون مٿس رحمتون بي شمار.
نه هو شعر هوئي تازگي روح جي
سخن اهڙو ٻيو ڇاڪو سگهندو چئي.

" تنهنکي غلط جو پڙهن ٿا مدام
سو پڙهندڙ جو، نه ڪي نقص صاحب ڪلام.

شاه

پيو جيڪي ويو چئي شاه عبداللطيف
ڪري وصف انجي هي ڪهڙي نحيف.
ڪلام انجوهو گوهر شاهوار
هو هن فن ۾ شاه بحر ذخار،
سراسر مگر رمز هوئي مختفي
نه سگهندو پيو انطرح سان ڪو چئي.
چو ان آنکي سنڌي جي تو مثنوي
مشابه ڪلام آهي با مولوي.
جزا خير جي ڏي پنهين کي الله
چئي دلچسپ ويا شعر بي اشتباه.
(حمل حيدري)

آخوند محمد بچل مرحوم متعلوي

# سخي شاه عبداللطيف

آخوند محمد بچل مرحوم مير محمد نصير خان آخري سلطان سنڌ( ولادت ۱۴- محرم سنه ۱۲۱۹ ھ وفات سنه ۱۲۶۱ ھ ) جو نه رڳو مالي وزير هو بلڪ استاد به هو. آخوند مرحوم جو فارسي ۾ انور تخلص هو ۽ سنڌي ۾ بچل سندس هٿ جو لکيل بياض مون وٽ آهي جنهنمان شاه صاحب جو منقبت ڏجي ٿو.

( احسن ڪربلائي )

هي مداح به پنهنجي سنڌي مداحن جهڙو ڪ سرفراز ڪلهوڙه ، جمن چارڻ ، عنايت چوڏي وغيره جـي مداحن وانگر چيل آهي ۽ ڪن هنڌن تي مٿس غلو ۽ اغراق جو پهلو غالب آهي. پر جيئن ته اها هڪ صدي جهوني سنڌي شعر جـو نمونو آهي ۽ وطن جي هڪ مشهور اديب ۽ شاعر جي چيل آهي تنهن ڪري ڏني وڃي ٿي.

( اوج علوي )

آيـا شاهه شايان شـان شريـف
تـون آل نبي ضامـن هـر ضعيف
تـون حيدرجو هـمراز همدم حريف
آئـ تـو در تـي آيس نزارو نحيف
ڪـرم ڪـر سخي شاه عبداللطيف

تـــون شمس الضحيٰ شاه بدرالدجيٰ
تون نجم العلا ۽ تـون نور الهديٰ

تونهين قطب ڪامل تون ڪهف الوريٰ
تـون مـــرشد مڪمل متـــو مقتدا
ڪرم ڪر سخي شاه عبداللطيف

سپهر ڪرامت جـــو تـــون آفتاب
تون بـرج ولايت سندو ماهتاب

تون ڪامل ڪريم النسب ڪامياب
ٺٺائـــي ڀـــلا ڀـــير عاليٰ جناب
ڪرم ڪر سخي شاه عبداللطيف

تون خيرالبشر جـــو گرامي گوهر
شهه اوليا جو تـــون پيارو پسر

حسين و حسن جو تون جاني جگر
تون خاتون جنت جـو نـورالبصر
ڪرم ڪر سخي شاه عبداللطيف

تونهين ذره پرور تـون مهر منير
تون ماهه منور تون مولا تون مير

تون سڀ جو ڌڻي بادشهه بي نظير
تون داروي درماندگـان دستگير
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف

فلڪ تي ملڪ ٿيا سنڌءِ مدح خوان
ڪرن ڪورنشون ڪوڙين ڪرو بيان
بهشت بـرين مـير تنهنجو مڪان
جي آيا اگهيا ٿيو مريدن جو مان
ڪرم ڪر سخي شاه عبداللطيف

تـون بـزم - شريعت جـو شمع - ضيا
طريقت جو تـون مهدي و مقتدا
حقيقت ڪي حق توکي الحق عطا
سبي معرفت جـي سنڌءِ قد قبا
ڪرم ڪر سخي شاه عبداللطيف

ڪرامت ڪرامت ڪي توکي ڪريم
عنايت عنايت ڪئي ايـزد عليم
رکي حڪم ۾ تنهنجي حڪمت حڪيم
جي تنهنجا سلامي سي سقمون سليم
ڪرم ڪر سخي شاه عبداللطيف

تـون بـيوارثـن جـو وسيلو اي ويـر
سخي پـير ڏي دل کي سيد سڌيـر
۽ غمگين جـو دست وٺ دستگيـر
متان تون ڇڏين مونکي اي منهنجا مير
ڪرم ڪر سخي شاه عبداللطيف

خدا جو ولي ۽ نبي جو تـون نور
علي جي تـون سيني جو سيد سرور

جي آيا تو وٽ تن کي حاصل حضور
ڪرين مدعي منهنجو ضايع ضرور
ڪرم ڪر سخي شاهہ عبداللطيف

ارادت سان جو تنهنجي در تي اچي
سو تو لال لائق جي رنگ مون رچي
توري غفلتي غرق ڪرتين ڪچي
بلا تنهنجي برڪت بدن ڪون پچي
ڪرم ڪر سخي شاهہ عبداللطيف

اي پالين پلا ڪر پلائي جو پال
مٺئي سڀ ڪين معلوم حال و حوال
آءٌ وسائل سندءِ تونهين لڄ پال لال
خدا لڳ مڃج منهنجو سيد سوال
ڪرم ڪر سخي شاهہ عبداللطيف

ڪرين منهنجي حاصل مڙيئي مدعا
الله لڳ سڄ منهنجي هي التجا
آءٌ پينار تنهنجو تون صاحب سخا
نہ خالي ڇڏين ڪوبہ پنهنجو گدا
ڪرم ڪر سخي شاهہ عبداللطيف

حبيباڻي تيو هوت حاجب روا
ڪرين درد منهنجي جہ هردم دوا

ويلو نه ڪو پيو سجهي تو سوا
تونهين بادشهه آءُ سنڌ بينوا
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف

خدا لڳ سندم خانو آباد ڪر
۽ ابنا و اولاد امداد ڪر
خوشون بخشي دل کي شها شاد ڪر
غم و درد اندوه کون آزاد ڪر
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف

سنڌ درجو سائل آهيان سيدا
نبي لڳ سڄ ننگ پرور ندا
عيان آهي منهنجي مٿي ماجرا
مريدن جو تون مير مشڪل ڪشا
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف

آءُ تو در تي آيس ٿي اميدوار
مڪج خلق جي نزد مونکي خوار
زياده ڪرين عزت و اعتبار
سنڌ فضل جو ناه شاها شمار
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف

زمانو زبون ٿيو رکين شرم شاه
پرم ڪر پڌائي پلا بادشاه

Marfat.com

ڪرين ستر جي نور نافع نگاه
رهج پير پاجي جو پشت و پناه
ڪرم ڪر سخي شاه عبداللطيف

ڪرين امن دوران جي دور ڪون
نگهبان ٿيو شر ۽ شور ڪون
ڇڏائين ڇهي جبر ۽ جور ڪون
رکين حفظ ۾ ظلم ۽ زور ڪون
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف

شهاديـن ايمان جو بخش دان
سنڌ ۽ درڪون مشڪل ڪشائي ڪي مان
خدا تهنجو اعليٰ ڪيو عز و شان
بچل چا ڪري سگهندو آن جو بيان
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف

Marfat.com

غلام احمد نظامي مرحوم.

# سنڌ جي شاعرن جو سرتاج.

سنڌ ساريءَ جو حقيقي شان شهه عبداللطيف
۽ طريقت جو گل- عرفان شهه عبداللطيف
معرفت جو خاص جسم و جان شهه عبداللطيف
پڻ شريعت تان رهيو قربان شهه عبداللطيف
شاعران- سنڌ جو سلطان شهه عبداللطيف

---

جنهن رياضت سان ڪيو راضي سدا رحمان کي
پنهنجو رهبر جنهن بنايو فخر سان فرقان کي
۽ وساريو ڪين عربي ڄام جي فرمان کي
تي تصوف جي ڏني، تعليم هر انسان کي
سو سچو هو عاشق- سبحان شهه عبداللطيف

---

هيج مان سڀ حق جو پڙهندي سبق ٿي ويا حبيب
هند و مسلم قرب سان ٿيندا ويا بلڪل قريب
وحده جي ورد سان هڪ ٿي ويا سڀ خوش نصيب
بيت جن کي تا چئون سي آيتون. آهن عجيب
پيش سنڌي ۾ ڪيو قرآن شهه عبداللطيف

خوب پيارو ۽ نيارو آهي نالو شاهہ جو
ٿيو سخن سنڌي مگر بلڪل نرالو شاهہ جو
مٺي محبت جو ٿيو گويا پيالو شاهہ جو
روح لئي راحت ٿيو سارو رسالو شاهہ جو
هو حقيقي صاحب - ايمان شهہ عبداللطيف

---

ڪي شريعت جي فروعي مسئلن ۾ ويا ڳري
ڪن طريقت کي سدا سمجهيو فقط جلوه گري
معرفت جي منزلن تي ڪئي مسافر پيا مري
۽ حقيقي بحر مان مشڪل سان نڪتو ڪو تري
سر نظامي ويو ڪري ميدان شهہ عبداللطيف

Marfat.com

رشيد احمد لاشاري

# لطف ۾ پريون لاتيون

۱- لک ٿيون لهن لطف ۾ پريون، لاتيون پنهنجي گهوٽ جون
ڪن ٻره وارن ڪان پڇو باتيون پنهنجي گهوٽ جون.

۲- جئن تون رسالي کي پڙهين، تئن عشق جي چاڙهي چڙهين
تو سان ٿين هر دم ملاقاتون پنهنجي گهوٽ جون.

۳- وچ ماءِ ۾ آن جي مري، هڪدم کلي دل جي دري
هر هر ڏسين جهاتين پنيان جهاتيون پنهنجي گهوٽ جون.

۴- پٽ تي اچي من ٿو ٺري، دنيا سلامي تي پري
وه وابياباڻن ۾ برساتيون پنهنجي گهوٽ جون.

۵- دک درد ۾ ديرو ڪري، پٽ ڏانهن وچ پيرو ڪري
پل قرب مان توکي ڪهن ڪاتيون پنهنجي گهوٽ جون.

۶- دلڙي لڳائي ديس ۾، پڌرو ٿيو پرديس ۾
الفت ۾ اکڙيون ٿي چڪيون آتيون پنهنجي گهوٽ جون.

۷- آقا ٿيو ايمان جو، سونهون ٿيو سبحان جو
گذري ويون سڀ راز ۾ راتيون پنهنجي گهوٽ جون.

۸- منزل ويون اکتي مٿي، ڏونگر ڏري، لڪڙا لٿي
سڪ مان اڏيون، پوڙيون، گنگيون ٻاتيون پنهنجي گهوٽ جون.

٩- هڪ فقير جو اک ۾ درد ٿيو هو، جنهن ڪري ڳالهيون ڪريون
ظاهر ٿيون هڪ ڏاڏي ۾، ڏاڏيون ٻڌايون پڙهيءَ گهوٽ جون.

١٠- جنهن جي فڪر ۾ ڦاٿل ٿيا، الفت ۾ اوسا ٿيا.
تن تي حڪايتون قربن جون ٻڌايون پڙهيءَ گهوٽ جون.

١١- طالب طريقت جو آهي، حامي حقيقت جو آهو
ڏس تنهن جي سال اظهار، ٻڌايون پڙهيءَ گهوٽ جون.

١٢- آهي نعرو جنهن جي صدا، "مولا علي مشڪل ڪشا"
ٻڌايون جو ڳالهيون ٿيا، ٻڌايون پڙهيءَ گهوٽ جون.

١٣- هو تاج ترقيءَ جو ڏني، سال آڻ جي نعرن جي پٺي
ڳالهيون "رشيد احمد" سکيون ڄاڻايون پڙهيءَ گهوٽ جون.

Marfat.com

عبدالله "خواب"

# نذر عقيدت شاهه ڀٽائي.

هن ڏيهه جي ڪارن ڪڪرن مان هڪ ماهه مبين جو ظهور ٿيو،
ظلمت جي پردي کي چيري جنهن مان پيدا نور ٿيو،
جنهن عارف جو دنيائي ادب ۾ اهڙو سبق منشور ٿيو،
جو سنڌ جي علم و ادب جو نالو ملڪن ۾ مشهور ٿيو،
ٿي سنڌي ٻاجهاري ٻولي ٻي جنهن جي واتان وائي آهه،
استاد ادب سرتاج سخن او سنڌ ۾ شاهه ڀٽائي آهه.

(٢)

جو آل نبي اولاد علي جو عارف شرع جو هو عامل،
جو ذڪر و فڪر ۾ پنهنجي خدا جي هر دم رهندو هو شامل،
اغيار کي پنهنجو بڻائڻ ۾ جو هوندو هو مرشد ڪامل،
جو آهي گنج معاني جو ۽ صبر و رضا جو پڻ حامل،
جنهنجي واين جنهن جي نغمن ملڪ ۾ ڌوم مچائي آهه،
استاد ادب سرتاج سخن او سنڌ ۾ شاهه ڀٽائي آهه.

(٣)

سج چنڊ ستارن مثل درخشان جيڪو اهل شريعت جو،
اسرار معاني راز حقيقت طالب طور طريقت جو،
جو عشق جي دريا جو تارون ۽ تو ٻو بحر حقيقت جو،
هر بيت ۾ معنيٰ آيت جي جنهن دفتر آهه هدايت جو،
عرفان جي اعليٰ منزل تي جنهن رهبر رمز رچائي آهه،
استاد ادب سرتاج سخن او سنڌ ۾ شاهه ڀٽائي آهه.

غواص آهي بحر حقيقت جو بيگمان
درياءِ معرفت جو شناور لطيف هو
لاريب آهي راز طريقت جو رازدان
رازو رمز شرع جو مظهر لطيف هو.
آئينہ سخن سندو جوهر لطيف هو
شعر جي عروس جو زيور لطيف هو
روشن ٿي جنهنجي تاب کان دنيائي شاعري
سو آسمان شعر جو نير لطيف هو
زير نگين جنهن ڪئي اقليم شاعري
سو ڪشور سخن سندو افسر لطيف هو
عالم هو واسجي ويو بوئي ڪلام کان
گلزار شعر جو تہ گل تر لطيف هو

احسن پسائي وات تہ هن خوب حق سندي
عشق خدا جي راه جو رهبر لطيف هو.

Marfat.com

اللہ بخش عقیلي سرشار

# لطيفي بهار

١- اڄ پيش ميڪش وٽ ڪري ٿي هڪ نئون ساغر بهار
آنـــدو لطيـفي لال وارو بـــادهء احمر بهار.

٢- آهي اديبن جي توجهہ جو ٿيو مـــرڪز لطيف
سنڌي ادب جي باغ ۾ آئي وري پيهر بـهار.

٣- ڇا هن بهاري جي ڪندو ڪو بي بهاريءَ ساڻ پيٽ
جو هن خزان جي سٽ جهلي ۽ بي خزان آور بهار.

٤- جت تت گهرن ۾، محفلن ۾، غير جا قصا هوا
هاڻي رسالو شاهہ جو آيو تہ ٿي گهر گهر بهار.

٥- ماحول پنهنجو، باغ پنهنجو، لات پنهنجي، پنهنجو گل
اهڙي فضا ڪان وڌ ڀلا ڪهڙي ٿئي بهتر بهار.

٦- سهڻي لطيفي لال تان سرشار گهوريان سڀ سخن
جنهنجو ڪلام - خوش بيان آهي زبان پرور بهار.

محمد خان غني

# شاهه جي مدح ۾ مخمس

١- شاهه ڀٽائي گهوٽ اي آل عليءَ جا نيڪ آل
سڀ ولايت ۽ ڪرامت جا سريا توکي ڪمال
جنکي احسن ٿا چون سي شاهه سڀ سريئي خصال
سنڌ ۾ توکي چون ٿا "آهين تون لالن جو لال"
ٿيو خدا جي حڪم سان تنهنجو برابر اتصال

٢- معرفت جي ماڻڪن جي وٽ وراهيندڙ لطيف
راز بي انداز قدرت جا سڻائيندڙ لطيف
گمرهن کي ره هدايت جي ڏيکائيندڙ لطيف
من کي نيئي پار پرين جي پڄائيندڙ لطيف
تنهنجي نڪتن جو ملڻ مشڪل ٿيو آهي مثال

٣- شاعران سنڌ جو تون آهين افسر خوب خوب
نقش پا تنهنجو اسان لئي آه رهبر خوب خوب
تنهنجو ٿيو رمز و معانيءَ ۾ تہ دفتر خوب خوب
ٿيو عروس سنڌ وٽ هي واه زيور خوب خوب
ڇا سندس جگمگ جلا ۽ ڇا سندس جوت ۽ جمال

٤- مرتبو حاصل وڏو ٿيو حافظِ شيراز کي
هر ڏسي هاڪاش تنهنجي شعر جي انداز کي
سوز تنهنجي کي سچائي ها ڀروڙي راز کي
تنهنجي ڦدمن ۾ ڦٽو پنهنجي ڪري هاناز کي
تنهنجي زهدو اتقا جو آهه هي حاصل مآل

٥- دفتر معنيٰ چوان يا آهي شربت انگبين
شعر تنهنجو ٿيو شريعت جي امانت جو امين
جيسين قائم آسمان ۽ آهي گردش ۾ زمين
تيسين اڇون ناه ٿيو سنڌي زبان تي ڪو زوال

٦- گنج تنهنجو، شاه ٿيو قرآن جو تفسير آهه
جنهن کان ٿئي روشن جهان گويا آها تنوير آهه
ڇا معانيءَ ۾ مڪمل ڇا سندس تطهير آهه
ويئي وڌي جنهن کان زبان - سنڌ جي توقير آهه
شعر تنهنجي جي سچائي کنهن نه ڪا حد ڪمال

٧- تنهنجي هر هڪ بيت جو هر لفظ ٿيو الهام آهه
معرفت جو ۽ حقيقت جو منجهس پيغام آهه
الف جنهنجي ابتدا ۽ الف تي انجام آهه
يعني اول تا بہ آخر هڪ خدا جو نام آهه
حق جي تعليم ڏاران پيو نہ ان ۾ قيل و قال

٨- واقعن تي تو جڏهين پنهنجو قلم تون وارئين
ڪٿ پنهل تي پاڻ، تون ٿي ڪٿ سسئي ڏيکارئين
يا تہ ليلا ٿي ڪٿي پرورا ڳيان پوڪارئين
يا وطن جي ياد ۾ هر هر هنجون ٿو هارئين
زخم خورده جيڪي دليون تن جو تو ڪيو اندمال

٩- هي وطن تنهنجو رهي شل دائما آزاد ٿي
فرد هنجو شل گذاري دائما دلشاد ٿي
تنهنجا دشمن شل وڃن اي شاه سڀ برباد ٿي
اتحاد باهمي ان ڳالهہ جو بنياد ٿي

گنج تنهنجي ﻫﺎن ڪڍيو سون ڪالھ آهي نيڪ فال
١٠- سنڌين ڪي شال اهڙي ڪا سعادت اچ سري
تنهنجي نسخي ڪي آئن هٿ ۾ ڪٿي رهبر ڪري
آھ هيئن لا ريب تن تان هر مصيبت ڪر ٽري
باليقين هر دو جهان ۾ تن جي جيڪر پت پري
تنهنجي در تي ملتجي آهي "غني" ٿيو خستہ حال

---

علي محمد مجروح

# اي ڀٽائي گھوٽ، اي سھڻا لطيف

شاعر- آتش نـوا، جاد و بيان
سر زمين- سنڌ جو تـون آسمان
تنھنجو نالو، تنھنجي عظمت جاودان

اي ڀٽائي گھوٽ، اي سھڻا لطيف

مئي بہ تون، ساقي بہ تون، مينا بہ تون
معرفت جو موجزن دريا بہ تون
عاشقن جي عشق جي دنيا بہ تون

اي ڀٽائي گھوٽ اي سھڻا لطيف

دور تنھنجي ھر ڪامشڪل ٿي وڃي
علم جڳ ۾ تنھنجو ڪامل ٿي وڃي
تنھنجو عرفان جنھنکي حاصل ٿي وڃي

اي ڀٽائي گھوٽ اي سھڻا لطيف

روح کي توکان مليون سڀ راحتون
تنھنجي لفظن ۾ قيامت جو فسون
بند بيتن ۾ ڪيون تـو آيتـون

اي ڀٽائي گھـوٽ اي سھڻا لطيف

Marfat.com

"جي مرڻ کان اڳ مئا ٿيندا نه مات
جي جيئڻ کان اڳ جئا هوندا حيات"
ڪيئن وساريان تنهنجي هي لاهوتي لات

اي ڀٽائي گهوٽ اي سهڻا لطيف

دور سارنگ جا وري تنهنجي ورن
وڏ ڦڙو وه وه وسي سانگي ٽرن
شل ڏڪاريا ڏيهه مان موذي مرن

اي ڀٽائي گهوٽ اي سهڻا لطيف

پرسرام "ضيا"

# پٽ ڌڻي

١- ياد آهي ياد، شعر و شاعريءَ جو بادشاه
سنڌ کي ڏيئي ويو دولت سخن جي بي پناه
نڪتہ نڪتہ جنهنجو گمراهن کي ڏيکاري ٿو راه
هر سخن رهبر بڻيو، منزل تي پهچي ويا اٿاه
معرفت جا ۽ حقيقت جا سليمانئين راز جام
پير هن جا فرش تي هئا، عرش تي دل جي اڏام.

٢- ڀاڳ واري ڪلڪ جي، جا لکي ٿي داستان
شاه جي ڳائي ثنا ٿي، خوش نصيب آهي زبان
بخت وارو ڇپيو ڪاغذ، جنهن تي لکجي ٿو بيان
خوش نصيبيءَ سان ڪريان ٿو پنهنجي جذبي کي عيان
پٽ ڌڻي بڻيو، فقيريءَ ۾ اميرن جو امير
خوبين ۾، علم ۾ ۽ شان ۾ هو بي نظير.

٣- ڀاڳ ان پٽ جا ڀلا، جنهن کي وسايو پٽ ڌڻي
رشڪ - جنت هڪ بيابان کي بڻايو پٽ ڌڻي
شاعريءَ جو باغ بر پٽ ۾ لڳايو پٽ ڌڻي
چپي چپي کي سڳنڌيءَ سان سجايو پٽ ڌڻي
معرفت جي مي جا آيو مٽ ڪٽي عبداللطيف
عشق جي ميخاني جو ساقي بڻي عبداللطيف

٤- شاه کي حاصل ٿيو هو عرش عليٰ جو وقار
هن جي عزت تي هزارين عزتون ٿيون ٿي نثار
هن مٽائي پاڻ، هستيءَ کي ڪيو هو آشڪار
شاه جي آهي اڃا تائين سا هستي برقرار
هنجي هر وائي محبت جي سچي تصوير آ
گفتي گفتي ۾ سمايل هڪ عجيب تاثير آ

٥- شاه صاحب جا سڀئي بيت ٿي پيا آيتون
غمزدن جي واسطي بڻجي پيا سي راحتون
پست همت جي هئا، تن لاءِ ٿيا سي همتون
شاه جي بيتن سڌاريون ڪيترن جون حالتون
شاه صاحب علم جا ٻاري ويو روشن ڏيا
اي ضيا اڄ پڻ ڏسو ٿا جا بجا انجي ضيا.

Marfat.com

حافظ محمد احسن "احسن"

## اي شاهه ڀٽائي! (مستزاد)

اڄ سنڌ ۾ ڏسجن ٿا لکين تنهنجا فدائي   اي شاهه ڀٽائي
هر ڪنهن کي هينئر آهي اها وات ۾ وائي   اي شاهه ڀٽائي
صوفي تون صفا سالڪ و عاشق ٻه سچو تون   الفت ۾ يڪو تون -
هر قول ۾ تنهنجي ٿي نصيحت جي نماءُ   اي شاهه ڀٽائي
تو عاشق و معشوق جا سڀ راز سڻايا   ڪولي سي ٻڌايا
جا رمز هئي حق جي سا ڪولي ٻڌائي   اي شاهه ڀٽائي
تو راهه شريعت کان قدم ڪين هٽايو   پر اڳتي وڌايو
۽ راهه طريقت تو هٿي سڀ کي ٻتائي   اي شاهه ڀٽائي
تو حرف الف جو پڙهيو واري ٻيا ورق سڀ   حاصل ٿيا سبق سڀ
تو عشق حقيقي ۾ ڪئي عمر سڄائي   اي شاهه ڀٽائي
تون طالب مولي ٻه هئين عارف مولي   ۽ شان ٻه اعلي
دربار ۾ مالڪ جي سدا تنهنجي رسائي   اي شاهه ڀٽائي
تون واقف اسرار حقيقت جو ۽ عرفان   ڇا تنهنجو چوان شان
تون نفس کي ماري ۽ ڏئي انکي فنائي   اي شاهه ڀٽائي
تو عشق حقيقي جو ڏنو درس وصالي   موٽيو نه ڪو خالي
روحاني سدا روح ۾ تو رمز رچائي   اي شاهه ڀٽائي

تو وٽ تہ پرين ڀارجي هر چيز مٺائي  ڪانهي ڪا ڪڙائي
دل ۾ نہ هُئي تنهنجي دوئي يا ڪا ٻيائي  اي شاه ڀٽائي
سلطان بلا شڪ تون ٿئين ملڪ سخن جو ۽ فخر وطن جو
تون پنهنجي زبان سنڌي جي ڪئي خوب ڀلائي  اي شاه ڀٽائي
غواص ٿي تو بحر سخن مان ڪڍي ٻاهر  اظهر ڪيا گوهر
ابيات رسالي جو ٿيو هر ڪو ثنائي  اي شاه ڀٽائي
قرآن جو تفسير ٿيو سارو رسالو  مضمون نرالو
تشريح ۽ تفسير جي "احسن" ٿي ادائي  اي شاه ڀٽائي

جيئن تو توهو سماڻي سياه

مه ڏيئي سن آيو رنگا رنگي سماه

پهر ڏيڏا پاڌ پلو رنگندا رنگ

جيئن آءُ او راه سيڙ و نجم اگلڻ

تڪي گئي ترنم ياڪا هو ياه

درد جي واهه من ما پيڏي موتئن

جيئن آءُ او راه سيڙ و نجم پي پري

من ڏئي من وسهو ورچي تانه نو مهي

ڏاڙامڏ مري اڏلي جي ڏيگا ري

يئن آءُ او راه سيڙ پڙي و نجمي

موتمر نديئن جيئن تن جيا وجي

باهتمام مسٽر - ايم - اي - صديقي ”انٽر نيشنل پريس“
ميڪلوڊ روڊ ڪراچي ڇپيو ۽ ڊائريڪٽر آف انفرميشن،
مغربي پاڪستان ڪراچي طرفان شايع ٿيو.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي

محڪمهء اطلاعات مغربي پاڪستان

شايع ڪيو

Marfat.com

# نذرِ لطيف

محڪمہ اطلاعات مغربي پاڪستان

شايع ڪيو

L (IV) 642—A

شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽه

# وحدة الوجود جو مسئلو

## (شاه لطيف جي ڪلام ۾)

وحدة الوجود يا همه اوست (سڀ ڪجهه اهوئي آهي) تصوف جو روح ۽ روان آهي. اڪثر صوفي عارف انهيءَ متي تي هليا آهن. پر انهيءَ تعبير ڪرڻ اهڙو ته نازڪ آهي، جو هڪ قدم هيڏانهن يا هوڏانهن الحاد ۽ اشراڪ جي اوڙاهه ۾ اڇلايو ڇڏي - جتي

گهنگهريا گهڻ جاڻ، موڙهي مت مهائيين (شاه)

اُتي هن اڻاڄاڻ پنهنجي تنن پيلي پراڻي پاڪڙي اڄيڪار ۾ اوهري آهي - ياالاهي امن سان پار اُڪارج!

جت ساڄي تڙ پيڙ تڪ، پيڙو اُتي تيلهي وڏوم
لهر لوڏي ڳان الاهي، امن سان پهچاءِ پار.

ان ڪپيريءَ ۾ پير پائڻ ئي آهي سرتان سانگو لاهڻ. يا الله تون ئي پر جو پورائو ۽ راه جو رهبر آهين، تنهنجي ئي توهه جي طلب آهي، تون ئي دستگيري ڪري هن بيراه مان پاهر ڪڍ!

ڪائنات ۾ ڪا به شيءِ مفرد ناهي، ۽ نه ڪنهن مفرد شيءِ جو تصور انساني ذهن ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو. جيستائين ڪ شيءِ ڪي صورت ناهي، تيستائين انجو خيال ۾ اچڻ محال آهي. انهيڪري جيڪڏهن باريتعاليٰ جي ذات پاڪ ڪائنات جي شيئن وانگي هجي ها، ته هوند انهن وانگر اسان جي تصور جي دائري اندر اچي سگهي

ھا. اھا ھڪ مجرد حقيقت آھي، جا اسان جي عقل ۽ فھم، قياس ۽ وھم کان بالاتر آھي:

اے برتر از خيال و قياس و گمان و وهم
و از هرچه گفته‌اند شنيديم و خوانده ايم
دفتر تمام گشت و باخر رسيد عمر
ما همچنان در اول وصف تو مانده ايم

صوفي سڳورا جو چوندا آھن تہ ذات پاڪ ھڪ مجرد حقيقت آھي، سا ھڪ وجداني ۽ بديھي ڪيفيت آھي، روحاني ڪشف آھي، اندر جو آواز آھي. سڀ شيءِ انجي احديت ۽ وحدانيت جي گواھي ڏيئي رھي آھي:

وفي كل شيء له آية تدل علي أنه واحد.

۽ حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان (رح) لنواري واري فرمايو آھي تہ:

پل پل پوءِ پچار، ملڪ ۾ ميثاق جي،
ڪڪ، ٻن ڪن اقرار، اسين پانھا تون ڏٺي.

خالق ۽ مخلوق، عبد ۽ معبود ظاھر ۾ ٻہ نياريون شيون آھن. انھن مان ڪابہ ٻيءَ ۾ مدغم نٿي ٿي سگھي:

”آنا عبد“، ”معبود تون“، اِت نڪو شرڪ نہ شڪ،
پچارون پرين جون، محبتين مرڪ،
سو سڀوئي حق، جنھن ۾ پسڻ پرين کي.

تنھن ۽ سٽ جي رمز تي پوءِ ايندا سين. حال في الحال ھيءَ ڳالھہ ذھن ۾ رکجي تہ خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ ظاھراً وڏو سنڌو

Marfat.com

"هو" پڻ ڪونهي "هن" ري "هي" نہ "هن" ڏانَ ڏار
الانسان سري و انا سره : پرروڙ ج پچار،
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي. (شاه)

ايتري قدر تہ سڀئي صوفي مڃين ٿا، ليڪن انهن جي تعبير
۾ گهڻو تفاوت آهي، ڪن وٽ الله تعاليٰ هڪ مطلق وجود يا
مطلق هستيءَ جو نالو آهي، جو جڏهن تعينات يا مظاهر جي صورت
۾ جلوه گر ٿئي ٿو، تڏهن ئي سڀ ممڪن شيون پيدا ٿين ٿيون.
جيئن تہ سٽ اصل ۾ ڪپاه آهي.

سڙتيون سٽ ڪپاه، مارهو ۾ منصور کي
ٿي ترڪيب تباه، وحدت وائي هيڪڙي.
(خواجہ محمد زمان)

۽ سمنڊ جون هزارين لهرون جدا جدا آهن، پر حقيقت ۾ پاڻي
هڪ ئي آهي:

لهرون لک لباس، پاڻيءَ وهڻ هيڪڙو
ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون، لکن لک هزار،
جيءَ پنهنجي جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا جئي ڪهڙا چوان.
(شاه لطيف)

مظاهرن جي ڪثرت ڪري وحدت ۾ ڪا بہ ڪمي ڪا نہ
ٿي ٿئي، جيئن ڏاگي ۾ گنڍيون ڏسڻ آهن، پوءِ اگرچہ اهي
گنڍيون جدا ڏسڻ ۾ ايندڙ آهن، تہ بہ ڏاگي کانسواءِ گنڍيون
ڪا زائد شيءِ نہ آهي، رڳو الاجي صورت بدلي آهي. پيا صوفي

Marfat.com

کان مٿي هوا، ۽ ڪيترن ئي جي گمراهيءَ جو باعث بڻيا. مثلاً شيخ جنيد بغدادي (المتوفي ٢٩٧ هه) جنهن کي سيد الطائفه يا صوفين جو سردار چوندا آهن، انهن معتدل صوفين مان هو، جي ”اهل الصحو“ (بيداريءَ جا صاحب، جي مدهوشيءَ کان پري رهن ۽ جلان فلان نه ڳالهائين) جي نالي مشهور آهن، تنهن جا ڪي قول پڙهو:

١. خدا تعاليٰ سچا سارا ٽيهه سال جنيد سان جنيد جي زبان ۾ ڳالهايو، حالانڪ نه جنيد وچ ۾ هو ۽ نه خلق کي ڪا خبر هئي.

٢. هڪ ڏينهن منهنجي دل گم ٿي ويئي. چيم: الاهي، منهنجي دل موٽائي ڏي. سڏ پيم ته: اي جنيد، تنهنجي دل انهيڪري کسي اٿئون ته تون اسان وٽ رهين، ڇا تون گهرين ٿو ته غير وٽ رهين؟

هيٺيان فقرا وحدت الوجود تي دلالت ڪن ٿا:

١. ڪنهن رات هڪڙي مريد سان پئي ويو. وات ئي ڪتي جي ڀونڪ ٻڌندي چيائين ”لبيڪ لبيڪ“. مريد پڇيس ته هي ڪهڙو حال آهي. جواب ڏنائين: ڪتي جو زور سان ڀونڪڻ ۽ ٻهڻ، حق تعاليٰ جي قهر ۽ قدرت جي نشاني آهي. ڪتو وچ ۾ نڪتو، تنهن ڪري چيم ”لبيڪ“.

٢. تصوف اهو آهي جو خدا توکي توکان ماري ۽ پاڻ ۾ جيئرو ڪري.

٣. جو شخص سواءِ مشاهدي جي ”الله“ چوي سو ڪوڙو آهي.

٢. سبحاني ما اعظم شاني يعني پاڪائي جڳائي مونکي، ڪيڏو نہ وڏو آهي شان منھنجو.

٣. لا الٰہ الا انا فاعبدون - يعني ڪوئي بہ الاھہ ڪونھي سواءِ منھنجي، سو منھنجي عبادت ڪريو (يا مونکي سڃاڻو).

ڇاڪاڻ تہ عبادت جي معنيٰ معرفت يا سڃاڻپ بہ آهي. جيئن مولي تعاليٰ فرمايو آهي: وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون: نہ خلقيو آهي مون جنن ۽ ماڻھن کي مگر انھيلاءِ تہ مونکي پوڄين يا سڃاڻن. شيخ محي الدين ابن العربي چوي ٿو:

فيحمدني و احمده        و يعبدني و اعبده

[يعني: هو مونکي ساراهي ٿو ۽ آءٌ هنکي ساراهيان ٿو، ۽ هو مونکي پوڄي (سڃاڻي) ٿو ۽ آءٌ کيس پوڄيان (سڃاڻان) ٿو].

حلاج تہ انا الحق جا نعرا ظاهر ظهور لڳائي ڏنا، جنھنڪري سوريءَ جو منھن ڏٺائين، ۽ چوڻ لڳو تہ:

انا من اهوي و من اهوي انا        نحن روحان حللنا بدنا

[يعني: آءٌ اهوئي آهيان جنھنکي آءٌ پيار ڪريان ٿو، ۽ جنھنکي آءٌ پيار ڪريان سوئي آءٌ آهيان. اسين بہ روح آهيون جي هڪ بدن ۾ حل ٿيا آهيون].

مطلب تہ حلاج نهايت مرتب نموني ۾ خدا ۽ انسان جي اتحاد بابت سخن گوئي ڪري ٿو، ۽ اهي حلاج جا سخن ئي آهن جي پوءِ ابن العربي ۽ سندس پوءِ لڳن جو مدار ٿيا. تنھنڪري

Marfat.com

گويا پنهنجي خودي ڏيکاري ۽ خدا سان شرڪت ڪيائين.
حلاج ائين جئي پنهنجي دوئي ماري، ۽ خدا تعاليٰ ۾ ڀاڱي ڪيو
ايتري قدر گم ڪيائين، جو انڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيس.
فريدالدين عطار جو حلاج جو شيدائي آهي، سو چوي ٿو ته "قم باذني"
۽ "قم باذن الله" ٻئي محبوب جي واتان نڪتا آهن ۽ جيڪو
"انا الحق" جو نعرو نه هڻندو سو ڪافرن جي جماعت ۾ آهي:

قم باذنی وقم باذن الله
هر دو یک نغمه آمد از لب یار
هر که ازوی نزد اناالحق سر
او بود از جماعت کفار

۽ محمود شبستري چوي ٿو ته جيڪڏهن ٻرندڙ ٻوٽو "انا الله"
چوي ته اهو روا آهي، پر جيڪڏهن ڪو نيڪمرد "انا الحق"
جو نعرو هڻي ته ڇو نه روا آهي؟

روا باشد انا الله از درختی
چرا نبود روا از نیک بختی

۽ شاه صاحب اهو وحدت وجود جو نڪتو نهايت سهڻي نموني
۾ نروار ڪيو آهي:-

جر ٿر تک، تنوار، وحدت وائي هيڪڙي،
سڀيئي شيءِ ٿيا، سوريءِ سزاوار،
همه منصور هزار، ڪهي ڪهندين ڪيترا.

ليڪن انهيءِ تنوار سڻڻ لاءِ به ڪي ڪن گهرجن، فقط
اهل دل انهي معنيٰ کي محسوس ڪري سگهن ٿا، جئن
رومي فرمايو آهي:

Marfat.com

۽ سڀ طرف ميٽجي ويا. شاهه ڪريم انهيءَ مقابلي ۾ هڪ باريڪ نڪتو اٿاريو، جي:

سائو ڏي نه لت، اوچي نيائي سڀڪهين،
نابودي نه ٿيي، اي نا ديدي جهن.

انهيءَ جو مثال ساوڪ وانگر آهي، جا زمين تي اڀري ٿي. اوچتو درياهه زمين تي غلبو ڪري ساوڪ ٻوڙي نابيد ڪيو ڇڏي، اهڙيطرح جو ڏسندڙ جي نظر ۾ نه اچي. حقيقت ۾ انکي نابود نه ڇڏيو، اُنکي هستي آهي، پر درياهه جي غلبي ڪري گم ٿي وئي آهي. ساڳيءَ طرح روميءَ وري باهه ۽ لوهه جو مثال ڏنو آهي، ۽ قاضي قاضن وانگي مغالطي ۾ پيو آهي. چوي ٿو ته جڏهن لوهه آگ ۾ تپائجي ٿو ته سرخ ٿي باهه سان همرنگ ٿيو پوي. پوءِ جيڪڏهن نس پس باهه نٿو ٿئي، ته به باهه جون سڀئي خاصيتون ان ۾ لڀن ٿيون، ايترو جو ماڻهون جون ته باهه ٿي ويو. ”فنا في الله“ جي مقام ۾ پڻ انسان جي اها حالت ٿئي ٿي:

رنگ آهن محو رنگ آتش است
ز آتشی میلافد و خامش وش است

چون به سرخی گشت همچو زر کان
پس ”انا النار،، است لافش بی زبان

شد ز رنگ طبع آتش محتشم
گوید او ”من آتشم من آتشم،،

آتشم من، گر ترا شک است و ظن
آزمون کن دست را بر من بزن



روضي جي ڀرواري مسجد جو ٻيروني منظر.

Marfat.com

Marfat.com

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز،
سڀ وڃائي ساز، ٿهائيوءِ تڪبير چئو.
(شاهه)

باوجود قاضي قاضن سان ٽڪري کائڻ جي، شاهه ڪريم صريح وجودي هو، جنهن سندس ڪيترن ئي بيتن مان پڌرو آهي:

١. مروئان موران، پڪڙان، واڳي ئي م ڀل
هو هلا چو هل، پالله سندو سڄڻين.

٢. سوئي هيڏان، سوئي هوڏان، سوئي من وسي،
تيهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.

٣. پاڻهي سلطان، پاڻهي ڏي سنيهڙا
پاڻ ڪر پاڻ لهي، پاڻ سڃائي پاڻ.

٤. اسين سڪئون جن کي، تان سي اسين پاڻ،
هاڻي وڃ گمان، سهي سڃاتا سپرين.

لطف الله قادري جو شاهه ڪريم سان لڳ، لڳ، ۽ شاهه لطيف کان گهڻو اڳيرو زنده رهيو آهي، سو ''اسم ذاتي'' جي وصف ۾ هيئن ٿو فرمائي:

چيائون الله، هادي جو حق
او پاڻان وڻا پيڙا، تين ذات مطلق،
فلا هو الا انا: ات نڪو شبهه نه شڪ،
حاصل جنين حق، سي واصل ٿيا وصال ۾.

ميون عيسو جو شاهه لطيف کان عمر ۾ وڏو پر سندس همعصر هو، هڪ متشرع عالم ۽ عامل ٿي گذريو آهي، سو وحدت الوجود کي هنطرح ٿو نباهي:-



Marfat.com

لطيف سائين فرمائي ٿو:-

"ڀاڻ" پردو ڀاڻ کي، سٽي ڪر سنڀال،
وڃان جو وصال، سو تان هئڻ "هن" جو.

حافظ فرمائي ٿو:-

ميان- عاشق و معشوق، هيچ حائل نيست،
تو خود حجاب- خودي، حافظ از ميان برخيز.

نه فقط هيترو، پر جيڪو به خيال پائين ته حجاب (پردو) کي پري ڪندو، سو خود حجاب آهي: ان کي اڇلائي ڇڏ. خود عشق جو خيال ڪن پڻ عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ حجاب آهي: "العشق حجاب بين العاشق والمعشوق": رومي فرمائي ٿو:-

تو هر خيال که کشف - حجاب پنداري،
بيفگنش که ترا خود همان حجاب شود.

شاه لطيف وري هيئن ٿو چوي:-

عين شرڪ اي، جيئن ٻي شرڪ پائين ڀاڻ کي،
وڃائي وجود کي، ڀاڻان ڀاسي ٿيءُ،
هڏ نهن ڪونهي "هيءُ"، "هو" پڻ ڪونهي "هن" ري.

شاه لطيف محض "وجودي" هو، پر سندس "وحدت الوجود" جو متو اهڙي سنهڙي نموني ۾ سنواريل آهي، جو ڪو به اهل ظاهر مٿس اعتراض ڪري نه سگهندو. اهو زمانو ئي هو وحدت الوجودي خيالن جو. شاه ولي الله دهلوي جو پڻ اهو وقت ڏاري ٿي گذريو آهي (١١١٤-١١٧٦ هه) سو به وحدت الوجود جو قائل هو- ۽ ڪوشش ڪري ڏيکاريو اٿس ته امام رباني واري وحدت الشهود ۽ وحدت الوجود

١. پيس اي پرياڻ، ته ڪريان پاڻ پڌرو،
نڪو ڳولي تڪيو، نڪو ڳولي پاڻ.

٢. خالق خلقي خلق کي، ٻاريءَ ڪيو بيان،
چئي ڪن فيڪون کي، جوڙيائين جهان،
سج چنڊ تارا ڪنيون، ارض آسمان،
ساراهي سبحان، پوءِ مڙني محمد مڃيو.

عام اعتقاد موجب الله تعاليٰ پهرائين حضرت محمد (صلعم) جو نور خلقيو، جنهن مان پوءِ ٻي ڪائنات پيدا ٿي. هي وڏو وستار آهي، هتي هي اشارو ڪافي آهي. هي بيان ”همه از اوست“ جي مٿي مطابق آهي. پر انهي مان ٻه ٻه مرادون نڪري سگهن ٿيون: (١) جيڪي آهي سو سندس طرفان آهي، وٽائس آهي، ۽ منجهائنس صدور پاتو اٿس. انهيءَ مان صوفين تعينات ۽ تنزلات جو نظريو قائم ڪيو آهي، جو اصل ۾ جديد فلاطوني فلسفي جو مکيه جزو آهي ۽ صريح اسلامي نقطه نظر جي ابتڙ آهي. (٢) جيڪي آهي، سو ڪائنس آهي ۽ مٿس ئي مدار رکي ٿو. عارضي ۽ فاني آهي، فقط ذات پاڪ کي بقا آهي. اها مراد قرآني آيت ”ڪل من عندالله“ جي مطابق آهي. ڪن صوفي بزرگن ۽ شاعرن هڪڙيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي، ته ڪن ٻيءَ ڳالهه جي پٽ پرائي ڪئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ فريدالدين عطار تمام پري وڃي پيو آهي، ۽ سندس ڪلام جي جهلڪ سچل فقير ۽ سندس سالڪن بيدل ۽ بيڪس جي شعر ۾ ملي ٿي. جي خدا خود آدم جي صورت اختيار ڪري جدا جدا رنگن ۽ روپن ۾ انسان ذات جي هدايت لاءِ اوتار ٿي آيو آهي. اهو نظريو اسلامي تعليم جي خلاف آهي. عطار جي هيٺين قطعي تي غور ڪريو:-

ای روی در کشیده ببازار آمده
خلقی بدان طلسم گرفتار آمده

غیر تو هر چه هست سراب و نمایش است
کانجانه اندک است و نه بسیار آمده

آنجا حلول کفر بود اتحاد هم
این وحدت است لیک بتکرار آمده

یک عین متفق که جز او ذره ای نبود
چون گشت ظاهر این همه انوار آمده

گر هردو کون موج بر آرند صد هزار
جمله یکی است لیک بصد بار آمده

ڪثرت حقيقت ۾ وحدت آهي، جنھن وري ھاڻي ڪي پئي دھرايو آهي. سمنڊ مان لڪين لهرون اُڀرن ٿيون، پر حقيقت ۾ اهي سڀئي هڪڙي لھر آهي، جا بار بار پئي اڀري وڃي. سؤ صوف ۽ انبون ڌار ڌار جدا جدا آهن، پر جيڪڏهن سڀني کي نپوڙي گڏ ڪنديون ته رس هڪڙيئي ٿي پوندي، جئن رومي چيو آهي:

گر تو صد سیب و صد آبی بشمری
جمله یک گردد چه آنرا بفشری

در معانی قسمت و اعداد نیست
در معانی تجزیهٔ افراد نیست

يا جئن شاه لطيف چيو آهي:

سو پڙا ڏو سو سڏ، ور وائي ۽ جو جي لهين.
هوا اڳهين گڏ، پر پڌڙ ۾ پئي ٿيا.

ڪثرت آهيئي ڪان، وحدت اندر وحدت است. عارف ۽ معروف، عاشق ۽ معشوق ٻئي هڪ آهن، ٻلڪ:

جمله معشوقست و عاشق پرده ای
زنده معشوقست و عاشق مرده ای

ذڪر، ذاڪر ۽ مذڪور ٽئي هڪ آهن، جيئن ابن العربيءَ فرمايو آهي:

تو همت قدما قبل ان يڪشف الغطا
اخالي ڪاني ذاڪر لڪ شاڪر
فلما تجلي الصباح اصبحت عارفا
بانڪ مذڪور و ذڪرو ذاڪر

[ يعني، ٻردي کڄڻ کان اڳ، ائين ڀائيندو هوس تہ مان تنهنجو ذڪر ۽ شڪر ڪندڙ آهيان، پر جڏهن روز روشن ٿيو تہ خبر پيم تہ تون ئي ذاڪر، مذڪور ۽ ذڪر آهين ].

سرو، ساغر ۽ ساقي ٽيئي هيڪ آهن، ساهڙ، سهڻي ۽ سائر ٽئي هڪ ٻئي کان جدا ناهن:

سو ساهڙ، ساسهڻي، سائر ٻڻ سوئي،
آهي نجوئي، گجهہ گجهاندر ڳالهڙي.

سپ پنهون آهي، سسئي ۽ سور عارضي ۽ لاڀا آهن:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

جي پاڻ ۾ پتيندا ويا. اهو پنهنجو پاڻ آهي، جو عجيبن جي آڏو ڦري ٿو.

سو پکي، سو پاڃرو، سو سر، سوئي هنجهه،
پيهي جان پروڙيو، مون پنهنجو منجهه،
ته ڏيل جنهنجو ڏانجهه، سو ماري پيو منجهه ڦري.

حاصل ڪلام ته وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جو بحث تمام وڏو آهي، دفتر گهرجن، ته به انجو بيان پورو ٿيڻو ناهي. الفناء في الله انسان جي روحاني ترقي جو فقط پهريون ڏاڪو، ۽ البقاء بالله جو پيش خيمو آهي. جئن الله تعاليٰ جي ذات بي ابتداء ۽ بي انتهاء آهي، تئن انساني روح جي ترقي به لا انتها آهي. وڌيڪ جڀن تي مهر آهي:

نڪا ابتدا عبد جي، ڪا انتها،
جن سڃاتو سپرين، سي وڃڻ ڪي ويا.



Marfat.com

# شاه عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمة جو ڪلام ڇو مقبول خاص و عام آهي؟

(جناب سيد ميران محمد شاه)

ابتداءِ آفرينش کان هر ملڪ جي هر هڪ دور ۾ ڪئين اصحاب فيض و ڪمال پيدا ٿيا آهن، جن مان هڪ گروه کي شاعر سڏيو ويو آهي. عام فهم عقيدي موجب شاعر اهو آهي جو لفظن کي بحر و وزن جي قالب ۾ وجهي ڪو بيت، ڪافي، غزل، قصيدو يا مرثيو جوڙي وجهي، جنهن کي سر ۽ آلاپ سان ڳائي سگهجي، يا گهٽ از گهٽ روان پڙهي سامعين کي محظوظ ڪجي. هر هڪ دور ۾ ڪي ڏاڍا ڀلا، ڪي بلند پايه، ڪي پست ۽ وري ڪي متوسط درجي جا شاعر پيدا ٿيا آهن جن شعر و سخن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. بهرحال هن مضمون جو مول مقصد اهو آهي ته ڇو شاه صاحب جو ڪلام متقدمين توڙي متاخرين شاعرن جي صف ۾ ممتاز ۽ مقبول آهي؟ انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته هن موضوع تي وقتاً فوقتاً اديبن ۽ مبصرن مضمون نگاري به ڪئي آهي ۽ شاه صاحب جي ڪلام جي بحر عميق ۾ غوطه زني ڪري مختلف سپون سوجهي ماڻڪ موتي به نمودار ڪيا آهن، جيئن پاڻ فرمائي ٿو ته:-

"ويا جي عميق ڏي، مٿن ڪانؤ ڏيئي،
تنين سپون سوجهي ڪڍيون پاتاران پيهي،
پسندا سيئي، املهه اکڙين سين"

اهڙي شعر لاءِ مولانا رومي به فرمائي ٿو ته :-

شاعري جزويست، از پيغمبري،
جاهلانش کفر دانند از خري.

شاه صاحب سنڌ جي هر هڪ ڀاڱي جهڙوڪ سري، لاڙ، ڪوهستان ريگستان جو سير ڪيو. ازانسواءِ جند ٻين ملڪن جهڙوڪ لس، لاهوت، ڪڇ، ڪيچ مڪران، جيسلمير، جهونا ڳڙهه، کنڀات ۽ پوربندر وغيره جو به پيرين پيادو، سواريءَ يا درياهي ٻيڙن ذريعي سفر ڪيو ٿو ڏسجي، جنهن ڪري سنڌس معلومات ۽ لغت ۾ اڪيچار اضافو ۽ واڌارو ٿيو. انهيءَ ڪري ايئن ڏسڻ ۾ ايندو ته جنهن به خيال، احساس يا واقعي يا منظر کي هن پيش ڪيو آهي ان جي هو بهو تصوير تربيو نيڻن اڳيان اچي ٿي ۽ شعر ۾ ڪابه هٻڪ يا مصنوعيت معلوم نه ٿي ٿئي.

هر هڪ گروهه ۽ طبقي جي انسان لاءِ سنڌس شعر ۾ ڪافي ڪشش جو اسباب موجود آهي. مثلاً طبقئه خواص ڏانهن توجه ڪريو، جنهن ۾ عالم ۽ فاضل، شاعر ۽ فيلسوف، واعظ ۽ اديب، استاد ۽ شاگرد، سياستدان ۽ قومي ڪارڪن، عاشق ۽ معشوق، سالڪ ۽ صوفي وغيره اچي وڃن ٿا. وري عوام ڏانهن نظر ڦيرائبي ته ان ۾ زميندار ۽ هاري، ڪمي ۽ ڪاسبي، ڏنار ۽ ڳاهار، مهر مهاڻان پيڙهائتا ۽ پيلائي، جت ۽ جهانگي، وڻجارا ۽ واپاري وغيره وغيره اچي ويندا- ازانسواءِ مرد ۽ عورت جي فطري لاڳاپي ۽ رحجان خصوصي متعلق به ڪافي ڪلام چيل اٿس جنهن ڪري هر هڪ طبقو پنهنجي پنهنجي علم ۽ سمجهه، احساس ۽ امنگ مطابق، شاه صاحب جي شعر مان روح جي راحت، قلب جي قوت، دل جو سڪون ۽

دماغ جي طراوت حاصل ڪري سگهي ٿو. هيٺين مختلف سرن جي شعرن مان مٿين حجت جي تصديق ملندي:-

(١) عالم فاضل ۽ واعظ کي اُن ڪلام مان لذت ايندي جنهن ۾ الله ۽ رسول جو ذڪر، قرآن ڪريم جون آيتون ۽ فرمودا، شرع شريف جي قانونن جي پابندي جي ترغيب، ۽ نماز روزي جي تاڪيد جي تلقين ڪيل هوندي. انهيءَ ڏس ۾ شاه صاحب هيئن ٿو فرمائي:-

(الف) جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلق ۾، محمد مڪائين،
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چئو چايائين،
"انا مولاڪ وانت محبوبي" ائين اتائين،
ڏکي ڏنائين، هئي سرائون سيد چئي!

(ب) وحده لا شريڪ له، جو چوندو آءُ،
فرض واجب سنتون، تنهن ترڪ م ڪاءِ،
توبه سندي تسبيح، پڙهي سا پچاءِ،
نگا پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راه سونهاءِ،
سيريان جي ڳالهڙي، هيءَ هيٺئين سين لاءِ،
ته سندي دوزخ باه، تو اوڏيائي نه وڃي.

(٢) فيلسوف کي فلسفي جي پيچيدن اصولن، منطق جي منجهائيندڙن مسئلن ۽ ڪائنات جي آفرينش قوام ۽ دوام جي دقيق نقطن جي سمجهڻ جو به ڪافي مواد ملندو. شاه صاحب فرمايو آهي ته:-

(١) ساهڙ جا سينگار، مون اڻ ڏٺا اڳي هوا،
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا هي پچار،

Marfat.com

ملڪئان مهند مٿي، توڏيءَ جي تنوار.
محبت ساڻ مهار، لايائين لطيف چئي.

(٢) الست ارواحن کي، جڏهن امر ڪيو احد،
هو من ڪاڏو ميهارڙي، سهڻي سڪڻ سَڌ،
دلو دور درياه جي، ڪيو ارادي اڌ،
جيڪي آيس ڏانهن عهد، سو پاري منڌ پاتارِ ۾.

(٣) سهسين سائر پوڙيون، منڌ ۾ ڙيو مهراڻ،
وه وڃايو ڀاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.

(٤) پڙاڏو سو سَڏ، ور وائيءَ جو جي اهين،
هوا اصل گڏ، پڌرڻ ۾ ٻه ٿيا.

(٣) شاعر ۽ اديب لاءِ ته شاه صاحب جي ڪلام ۾ اڻ کٽ خزانا پيريا پيا آهن- جيئن جيئن هو اُن کي مطالع ڪري تو تيئن تيئن کيس انهر بي انتها شاعرانيون خوبيون ۽ ادبي صلاحيتون نت نت نون نمونن جو ن ظ اچن تيون، جن کي ڏسي پنهنجي هو ڪمزوري ۽ ڪم مايگي تسليم تو ڪري- چند بيتن مان شاه صاحب جو شاعرانه شعور برق جاويدار جيئن تجلي ڪري نڪري نروار تو ٿئي- ڇا سندس تشبيهون ڇا استعارا، ڇا تجنيسون ڇا لفظي نماوزون، ڇا محاڪات ڇا مجاز مرسل! جيتوڻيڪ هن عربي علم عروض جي اها پابندي ڪانه ڪئي، جا ٻين شاعرن ڪئي، مگر هن هرهڪ بيت يا وائيءَ کي ڪنهن نه ڪنهن تسليم شده راڳ جي قالب ۾ ڍاري ڇڏيو، جنهن ڪري انکي سرسان ڳائڻ ۾ بدرجها زياده

قلباي حظ حاصل ٿيندو. مثلاً هيٺين چند بيتن مان مٿين راءِ جي تصديق ملندي :-

(۱) ماڪ منهن هڻان، پيچيءَ ۾ پرزا ٿيو،
سڄو تان سيد چوي، لهي لڪ سوا،
پڳي پڇاڙان، پر مان پري ٿيو.

(۲) جاهڙ اندر جيءَ، ساهڙ ڏني ساهه کي،
ساهڙ چڙي نه ساهه جي، ساهڙ ساهڙ سيڻئن،
ساهڙ ميڙ سميع، ته ساهڙ چڙي ساهه جي.

(۳) سر جو سڌايو سڄڻين پيهر پاڻ پري،
سو جهڪيو چوه مان، ڪڙڪڙڪان ڪري،
جيرا، جگر، ڪيون، لنگهي پيو پري،
جو لڳو جيءَ جڙي، تاڻيان تير نه نڪري.

(۴) گاجر کي گجميل جون، تارن ۾ تبرون،
هٺي حاڪمن کي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنديءَ قبرون، پسو پر ڏيهن جون.

(۵) گهڙي گهڙ وهت ڪري، ڪري الاهي تهار،
جهنگڙ جرڪي وات ۾، سسي کي سيسار،
چوڙا پيڙا جڪ ۾ اڙ ۾ اڙهيس وار،
لڪين جهنيس اوهٽيون، ٿيلهيون ٽرئون ڏار
مڙئا مڇ مزار، پاڳا ٿيندي سهٽي.

(۶) اج پرٽ اتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وٺو ميهن وڏ ڦڙو، نهڪن ٿيون ڏاريون،



سماع جي هڪ محفل.

هڪ فقير شاه جو رندي ڪلام يڪتاري تي ڳائي رهيو آهي.

Marfat.com

Marfat.com

لڳين لڪ لطيف چئي، ڏاڍيون تا ساريون،
پڇنديون پناريون، وري وٺاڻ آيون.

(٤) اُستاد کي شاهه صاحب جي ڪلام مان درس تدريس لاءِ ڪافي مواد ملندو. جيڪڏهن اُستاد شاعر آهي يا اديب، عالم آهي يا فيلسوف، مطلب ته علم حيوانات، نباتات، معدنيات، علم هيئت علم فطرت وغيره تي جيڪو به سبق شاگرد کي سيکارڻو هوندس يا هن جي ذهني ترقي يا اخلاقي استحڪام مقصد هوندس ته سيکڻهن معبر لاءِ شاهه مان ڪافي ذخيرو ميسر ٿي سگهندس. ساڳيءَ طرح شاگرد جي دل تي جو شاهه صاحب جي لفظن، نصيحتن ۽ پندن جو اثر ٿيندو اهو "ڪنز" "قدوري" "ڪافيه" پڙهڻ سان نه ٿيندو. شاهه صاحب فرمائي ٿو:-

(١) جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن،
فڪر فرهي هٿ ۾، مات مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ جو.

(٢) جو مون پڙهيو پاڻ لئي، سبق سابق جو،
پهرين سڃاتم پنهنجو نفس جو نهو،
جت عرفان اصل ۾ ٿي روح روز ڪيو،
وري ورق پيو، گڏيم وڃي وصال جو.

(٣) ڪوهه تو ڪاغذ ڪورئين، ويٺو وڃائين مس،
ڏوري تيان ڏس، اکر جيان آئيو.

(٤) ملائڪ هنئين ۾، الف سندي اوڙ،
ته ڪتابن جي ڪوڙ، منجهائين معلوم ٿئي.

I. (IV) 642—6

Marfat.com

(٥) سياستدان ۽ قومي ڪارڪن جي قلب ۾ شاه صاحب جي ڪلام پڙهڻ سان جا قوت ۽ استقامت، عزم ۽ استقلال، جذبو ۽ جوش جاڳي ٿو سو هنجي حوصلي کي باوجود ظاهري مشڪلاتن جي پنهنجي منزل مقصود ڏانهن گامزن ٿيڻ لاءِ مضبوط ۽ محڪم بنائي ٿو. هن جي من جي مرغزار ۾ حب الوطنيءَ جو ٻج پوکي ان جي نشو و نما جا اسباب مهيا ٿو ڪري ۽ سندس مطمئن نظر کي دل جي آئيني جي آڏو صيقل هڻي صاف ۽ شفاف ٿو ڪري جنهن ڪري عارضي الجهڻن جي ڪابہ پرواه نہ ڪري، ذاتي نفعي ۽ نقصان بلڪ ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي بہ في الحال پرواه نہ ڪري پنهنجي وطن جي آزاديءَ، خوش حالي ۽ فارغ الباليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو. ان سلسلہ ۾ شاهہ فرمائي ٿو:-

(١) وليو وڃ وات، ڪنڌ نہ ڦيرڄ ڪيڏهين،
ماڇڻ اوڙي پاس لپات، اڳيڏي لطيف چوي.

(٢) ٽڪائي ٽر ٽيلهہ، چڙهہ چڪيائي ڇوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پو ميڙيندي پيل،
اٿي رائو ريل، ويڻن تان واري وري.

(٣) ڪي ڏرتتي ماڻ، ڪي جرسندي سڄڻين،
هلي ۽ واجهاءِ، پنهي جيرن وچہ.

(٤) جئان وهي تئان وات، ڪپر لاهين ڪوڙيون،
جن کي سڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ نہ لاهين گهات،
جن کي عشق جي اسات، سي واهڙ پائئين وڪڙي.

(٥) سوري آهي سينگار، اصل عاشقن جو،
مرڻ موٽڻ ميٺڙو، ٿيا نظاري نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو،

(٦) عاشق ۽ معشوق لاءِ شاه صاحب جو ڪلام هڪ ٻره جو باب ۽ قرب جو ڪتاب آهي، جنهن جي مطالع سان ڪين محبت جي مفهوم ۽ منزلن ۽ الفت جي الجهڻ ۽ امنگن جي پوري پوري پروڙ پئجي سگهي ٿي - حقيقت ۾ شاه صاحب جو ڪلام عاشق ۽ معشوق لاءِ هڪ آئينو آهي جنهن ۾ هو پنهنجي صورت ۽ سيرت، انداز ۽ ادا، وفا ۽ جفا، فراق ۽ وصال، جلال ۽ جمال جو پاڇو ڏسي ان کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جي به معيار ۽ ڪسوٽيون پاڻ نکيڙي نروار ڪيون اٿس تن تي جيڪو به معشوق يا عاشق پورو نڪتو ته سمجهو ته هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ۽ جا دلي مسرت ۽ قلبي اطمينان هن کي اهڙي ڪلام پڙهڻ سان حاصل ٿئي ٿو، سو ٻي ڪنهن به طريقي اختيار ڪرڻ سان ميسر ٿي نه سگهندس.

فرض ڪريو ته هڪ معشوق مه جبين پنهنجي حسن ۽ زيبائيءَ جو عڪس ڏسڻ ٿو گهري ته هن کي ضرور هيٺين بيتن مان حظ حاصل ٿيندو.

(١) ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پند،
پون پڙ بسم الله چئي راه چمي ٿي رند.

(٢) ڪٽي نيڻ خمار مان، ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،

Marfat.com

٣- ڪي جو ڪهين پار، اکيون پسي آئيون،
ٿيون ديوانيون دل ۾، اپر لڳيون آر،
تهان پوءِ قرار، سٽيون ڪين سيد چئي.

٤- اکين ۾ ٿي ويهه، ته آءٌ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه ڏسان ڪو ٻيو.

٥- ٻائي ڪانُ ڪمان ۾، ميان مارم مون،
مون ۾ آهين تون، مٿان تنهنجوئي توکي لڳي،

عاشق جا اهڃاڻ :-

١- سڪڻ ايءَ نه سڌ، جيئن اکيو لياڪا پائين،
پٺي پريان جي نه ٿئين مٿي اگهڻ اڌ،
ايءَ پڻ ڪوڙي سڌ، جيئن ڪليو ڪايو سمهين.

٢- جي اٿيئي سڌ سر ۾، ته وڍو ڪلا لکي هٿ،
لاهي رک، لطيف چئي مٿو ماٿي وٽ،
سر ڏيئي ۾ سٽ، پيچ کي پياليون.

عاشق جي تمنا :-

١- الله ائين م هوءِ، جئن آءٌ مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پاڇنهم ڏينهڙا.

٢- قسمت قيد ڪوي، نا ته ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
لکيئي آهي لوح جي، هند ڏيکاريم هيءَ،

پرچي ڪين پنهوار ريءَ، جان جسوءَ ۽ جيءُ،
راجا راضي ٿيءَ، ته مارن ملي مارئي.

مطلب ته سڄو ڪلام شاهه صاحب جو عشق جي معدن آهي ۽ عاشق اُن جي تهه ۾ لهي ڪئين موتي مرجان ۽ لعل بدخشان ميڙي سگهي ٿو.

(٧) ساڳي طرح سالڪ ۽ صوفيءَ جي ترغيب ۽ تعليم لاءِ توڙي رهنمائي ۽ رهبري لاءِ منجهائس بيشمار هدايتون ۽ ارشادات ميسر ٿي سگهندا. جنهن ڪري سلوڪ جي پيچيدي راهه ۽ زهد و تقويٰ جو طريقو ۽ ارتقا جا منازل ۽ انهن جون اڙانگيون اوتون شاهه صاحب جي ڪلام ۾ جا بجا ڏسي هو ڪمر ڪشي، همت ۽ حوصلو ڌاري اڳتي هلي سگهي ٿو.

مثلاً فرمائي ٿو:-

١- ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ،
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت چاڻ،
هو ڏاهوتي ساڻ، ته پسڻان پالهو رهين.

٢- پيو جو پاتار، سو ڪيئن پسڻ ڪان پالهو رهي،
سالڪ مون سيڪار، ڪو پهه انهيءَ پاند جو،

٣- سپيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾، لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري هاڃ تو.

تصوف جي طالبن لاءِ شاهه صاحب جو ڪلام مشعل - راهه ۽ طريقت ڪار آهي. سڄو ڪلام تصوف جي اصولن، رمزن ۽ رازن سان ڀرپور آهي. ڪوبہ بيت تصوف جي بوءِ کان خالي نہ ليندو. ڪٿي ڪٿي شاهه صاحب نهايت سنگين ۽ ڳوڙهن ڳجهيلن مسئلن جي توضيح ۽ تشريح بہ اونهو ۽ عميق ويو آهي جنهن ڪري سواءِ سلوڪ جي صرافن جي عوام لاءِ سمجهڻ مشڪل ٿيو پوي. جي انهيءَ پند جا پانڌيڙا هوندا، اهي ئي رمزون ۽ راز پروڙي پرائي سگهندا. بهرحال "يڪ مشت نمونهءِ خروار" جي مصداق چند بيت عرض رکجن ٿا:-

١- وحدت جي وڏيا، الا الله سين اورين،
هنيون حقيقت ڳنڍيو طريقت تورين،
معرفت جي مات سين، ڏيساندر ڏورين،
سڪر نہ سعا ڪڏهين، وڃي نہ ووڙين،
ڪلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

٢- سوهي، سوهو، سواجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهه، سو ويري، سو واهرو.

٣- صوفي سالم سي ويا، جي اڪنر سين اڏيار،
بازي بازندن کي، آهي اويسار،
پريان سين پڪار، رنديءَ رساڻي ڪيا،

٤- ڏني ڏکويا، اڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جيئن ڪين نيائون ناڻ سين.



شاهه جا عقيدتمند شاهه جو ڪلام دلچسپي سان سڻي رهيا آهن.

Marfat.com

ڪلام ۾ ڪاشتڪارن ۽ آبادگارن، ڍنارن ۽ ڳاهارن، مهاڻن ۽ ملاحن، ڪاسبين ۽ واپارين، جتن ۽ جهانگين، حاڪمن ۽ محڪومن، جوڳين ۽ سامين، ويڄن ۽ طبيبن، وانڍين ۽ وروارين سڀني جي سيڻي ڪي سرور سرڻ جو سامان موجود آهي جو تمام مختصر مثال طور عرض رکان ٿو:-

١- ڪاشتڪار ۽ آبادگار کي هميشه پاڻيءَ جي ڀوڄ هڻڻ جي پچار رهندي آهي تا ته هو سنڌ جي سر زمين کي سرسبز ۽ شاداب بڻائي ۽ ڍڳه کي ڏوڪار جي ڏولائي کان بچائي، جيئڻ سنگهارن کي ساڙيهه ۾ سڪار جو سڪ سري. انهيءَ ڪري جڏهين ۾ بادل برسي اچن ٿا يا ڪڪرن جي ڪارونڀار ڏسي ٿو تڏهين بي اختيار بالعموم شاه صاحب جو ڪلام جهونگاري ڇوي ٿو:-

(١) مند ٿي منڊل وڄيا، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنڀاهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

(٢) مند ٿي منڊل وڄيا ڪي اوهيڙن اوڪ،
چاچر ٿي چڻن ۾، مينهيون چرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، ڀريو پائن طوق،
ميها، چيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سڀئي ٿوڪ،
لهئين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

(٣) موتي ماندا ڻن هي، ڀري ڪيائين ڀيچ،
وڄون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج،

تنهن نوريون نوازيون ڏيئي ڏوٽا ڏيج،
ٻج ڪٽي ٻٽ هليا، هاري منجهان هيج،
راضي منجهان ريج، عالم سڀ آباد ٿيو.

(۴) حڪم ٿيو بادل کي، ته سارنگ ساٽ ڪجن،
وڄون وسڻ آئيون، ته ته مينهن ٿمن،
جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٽ هڻن،
پنجهن مان پند رهن ٿيا، ايئن ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه مان، شال موڏي سڀ مرن،
وري وڏيءَ وس جون ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چوي سڄڻ، آه تنهنجو آسرو.

ڪاشتڪار ۽ آبادگار طبقي ۾ ڏنار ۽ ڳاهار به اچي وڃن ٿا. جئن ته سنڌ ن مال جي چراهي جو دارو مدار به ساوڻ ۽ مينهن تي آهي تنهن ڪري انهيءَ گروه جي ماڻهن کي به سارنگ جي سر آلاپڻ سان روح جي راحت حاصل ٿيندي آهي.

٢. سنڌ جي سر زمين کي هڪ ته سنڌو درياهه ٻه جر جال وهي ٿو ۽ ٻيو ته ڏکڻ کان وري سناٽي سمنڊ جو ڪنارو اٿس تنهن ڪري ڪي ڪامل ڪشيٽبان درياهه جون ڏهلون ۽ ڏڪا برداشت ڪندا رهن ٿا ته ڪي معلم ۽ ملاح مڪڙا ۽ ٻيڙا سمنڊ جي سير ۾ هلائين ٿا. انهن کي هميشه پنهنجي مڪڙي جي سلامتيءَ، طوفان کان پناهه ۽ ڪنن کان ڪناره ڪشيءَ وارو ڪلام موزون ۽ موافق لڳندو آهي. جهڙيطرح شاهه صاحب سر سهڻي ۽ سر سامونڊي

Marfat.com

۾ مختلف جاين تي دهشت ڏوم درياه جي ۽ سمنڊ جي سناٽي سفر جو نقشو چٽيو آهي. مثال طور ڏسو هيٺيان بيت:-

۱. دهشت ڏوم درياه ۾ جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سير جو مَپ نه ملاحن،
دِرندا درياه ۾ واڪا ڪيو ورن،
سچا ٻيڙا ٻار ۾ هليا هيٺ وڃن،
ٻرزو پيدا نه ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو ڦهر ڪنن ۾ ويا ڪين ورن،
اُتي اُٺ تارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

۲. لڙ لهريون لس ليٽ، جت انت نه ليي آب جو،
الله اول ۾ ان جا ٻيڙا مٿي ٻيٽ،
جوڪو ٿئي ۾ جهاز کي ڦرهي اچي ۾ ڦيٽ،
لڳي ڪام لپيٽ، هن غاريبي غراب کي.

۳. سنڌ جي ڪاسبين، جهڙوڪ ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، ڪاتارن، ڪلالن، صرافن، واپارين سڀني جو ذڪر خير شاه صاحب جي ڪلام ۾ جابجا ملندو جنهن ڪري انهي گروه جا ماڻهون سياويڪ اهڙي ڪلام کي پسند ڪندا جو سنڌن ماحول جي موافق هوندو. مثلاً فرمائي ٿو:-

۱. ڪنڀار (۱) ٻڪا رچ ڪنڀار جا، ٻڪي نهائين،
مون کي تئائين، ٻيلو ٻاڳي آئيو.
(۲) ڪنڀا جي ڪنڀار سي ٻسي خوش ٿيئن،
ٻاٽيءَ جت ٻسائيا، ڏاءِ نه جهلي ڏمال،

سپڪ پائيو سنڌڙي جوئن سين جمال،
آڳي جا احوال، معلوم ٿيا مهراڻ ۾.

٢. لوهار:- (١) سر ساندارڻ ڪري، ٻچ گهر لهار جو،
ڏڪن هيٺ ڏري، مان گڏيندي رڪ سين.

(٢) اي ٻر اڱارن، ٻه ڏاهين ٻرن جي،
هڪ ڪوري ڪانئيا پئو ڏوڏي منجهه ڏڳن،
ٻاڏان لهارن، ميڙي رکيا مچ تي.

٣. صراف:- (١) ڪوجوهه ڪاپائين، ڪتن ۾ ڪنبن،
ڪارڻ سوڊ سواريون، آنڙ منجهه اچن،
ان جي سونهن سيد چئي ٿا صراف سڪن،
اگهيا ست سنڌن، پائي ترازيءَ نه توريا.

(٢) ست انهيءَ جو سڱرو، جي ٻر ۾ ٻچائين،
آواز ارت جو، ساهه نه سٽائين،
اڪايو لطيف چئي، ڪنبيو ڪٽائين،
جي ماڻڪ موٽائين، ته ٻه ملهه مهانگو اُن جو.

٤. وڻجارا واپاري (١) وت ويمي جو جي لهين پي ڪار نه ڪرين ڪا،
سا ٻروڙج ڳالهڙي وڻجارن وتان،
موتي جن هٿان، آندءِ گهڻي ادب سين.

(٢) جي نه سڃاڻن سچ کي، وهم تني وٽ،
امل کي اڏ ڪري، ٻاڏان هڻندا ٻٽ،
وڃي مهر تني وٽ مٽ، جي پارکو پارس جا.

(٣) اڄ ٻڌ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
ھلڻ ھارا سپرين، رئان تان نه رھن،
آءُ جھليندي س ڪيترو، آيل سامونڊين،
ٻگھه جوڙي جن وڏا ٻيڙا پلو ۾.

٤. سنڌ ۾ اُٺ نهايت ڪار آمد جانور آهي. سفر ۽ خضر ۾ سنڌين جو ساٿي آهي. آبادگاري، بار برداري، توڻي سواريءَ لاءِ هي ته ٻه جو ٻانڪو سر جي بازي لڳائيندڙ آهي، تنهن ڪري شاه صاحب اُن ۽ سنڌن سنڀاليندڙ جتن جو جا ٻجا ذڪر ڪيو آهي خصوصاً سر ڪنڀات ۽ سر سسئي ۾. مثلاً اُٺ بابت فرمائي ٿو:-

ڪسر چڙ ڪنوات، وکون وجهه وڏنديون،
چڙ سنئين سپيرين جي، ونگي ٻانءِ ۾ وات،
چڙ جهوري ڏي جهات، ته هونديءَ رات هٿ مڙون.

وڏي سفر ۾ بار لڏي اڪثر جت شاه صاحب جا بيت جهونگاريندا رهندا آهن، خصوصاً رات جي پنڌ ۾ جڏهن هو ڪن تي هٿ رکي لطيف جا لوڙائو ڏيندا آهن تڏهين پري کان ٻڌندڙن جي دل ۾ ٻه هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي. مثلاً

ٻه وڏو بار گهڻو ويجهو نه وڻڪار،
ليڙن جو لطيف چئي ڪنيو منڌ مدار،
وڻندن ته وڙڪندا، نه ته اڳين جي اختيار،
ڪاڏي ٿيو ڪوهيار، ڪاڏي ٿي هٿ ڪڻي.

(٢) ميا مڃ مڏت اڄ مهنجي ڪرها،
جهاڳيندي جر ٻتيون متان ڪرين ڪٽ،
سپيريان جي سٽ، مون کي نيٺي ميڙئين.

(٣) ٻسي ڏونگر ڏاهه، جر هلڻ ۾ هيڻين وهين،
لاتي اڪ لطيف چئي، ڪياچين ٻني ڪاهه،
ٻچي ٻورج سسئي بلوچاڻي باهه،
ان وڙائتي ور جي، آسر هڏ ۾ لاهه،
جو اڪنئون اوڏو آهه، سو پرين پرانهون ۾ جوءِ.

(٤) واقف نه وڪار جي، ٻاري سڄڻ ٻر،
ور وسيلا سپرين، ڏکيس ڏوري ڏر،
لهج لعل لطيف چئي ڪانڌ مئي جي ڪر،
ولهي ڪري ور، مُڇڻ مارڳ، چڙئين.

سنڌ ۾ شاه صاحب جي زماني ۾ ته طبيب هوا مگر هن زماني ۾ ٻ، باوجود ڊاڪٽرن جي اڪثريت، خصوصاً ٻهراڙيءَ ۾ اڃان ٻ وڏڄن جي آهي، جن ۾ ڪي سڌوان سڌا آهن ته ڪي اونڌا اونڌا آهن، جئن شاه صاحب فرمائي ٿو:-

(١) جان ڪي ڪري طبيب، دارون هن درد جا،
هٿيو سي حبيب، اکوڙيو اڏ ڪري.

(٢) جت حبيب هٿن، ناڪ پري فينهن جي،
تني طبيبن، وڃا وڃي وسري.

(٣) سرن سڙيا پاند، اتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون.

(٤) ڪٽڪن ڪانڌ چت ڪيو جهڙ پسيو جهڄن،
ور ري وانڍين اڏيا پکا سي م پسن،
اُتر ڏاهي اُن جا ته ڪنهنکي ڪارون ڪن،
وارث وري تن، اچي شال اولون ڪري.

مٿين مختصر حوالن ۽ بيتن مان معلوم ٿيندو ته شاهه صاحب سنڌ جي باشندن جي هرهڪ طبقي جي زندگيءَ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو نقشو نروار ڪري ڏيکاريو آهي ۽ پڻ هرهڪ انسان تي جيڪي سرديون يا گرميون، ڏک يا ڏاڪڙا، خوشيءَ يا خوشحاليءَ جا ڏور گذرن ٿا تن جو جٽ چٽي، انهيءَ مان روحاني يا اخلاقي سبق ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. اهوئي سبب آهي جو هرهڪ طبقي جو سنڌي، شاهه صاحب جي ڪلام جي مصحف ۾ پنهنجي من جي مورت ڏسي انکي سيني سان سانڍي ٿو. اهڙو ڪلام بيشڪ باڪمال ۽ لازوال آهي ۽ هميشه مقبول ۽ محبوب رهندو.

Marfat.com



فقيرن جي هڪ ٽولي شاهه جو ڪلام ڳائي ماڻهن کي مسرور ڪري رهي آهي

Marfat.com

Marfat.com

## شاهه صاحب جي عقيدت مندي.

(جناب سيد غلام مرتضيٰ.)

ڪجهه وقت کان سنڌ ۾ باوجود گهڻن شاعرن، درويشن ۽ بزرگن جي هوندي سنڌ جي اديبن ۽ سياستدانن شاهه صاحب طرف عقيدتمندي جو گهٽو اظهار ٿي ڪيو آهي، انجا اسباب ڳولي لهڻ دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو. جيتري قدر مون انجي وجوهات تي غور ڪيو آهي ته مونکي انجو ڪارڻ صرف هي ڏسڻ ۾ آيو آهي.

سنڌ ملڪ ۽ انجا رهاڪو هن وقت نهايت نازڪ دور مان گذري رهيا آهن. ڪين ٻهن جي ملڪ، قوميت، ثقافت ۽ اقتصادي مفاد کي خطرو محسوس ٿئي ٿو، بلڪ ڪن گروهن طرفان مورڳو انهي جي مٽائڻ جي منصوبن کي معلوم ڪري هو سمجهن ٿا ته:-

مڙيا مچ هزار ٻاڳا ٿيندي سنڌڙي

فطرت جو اهو قانون آهي ته هر جاندار شيءِ خطري جي وقت ۾ پاڻ بچائڻ لاءِ گڏ تي بچاءُ ڪرڻ جون تدبيرون سوچيندي آهي. منهن جي نظر ۾ سنڌين جو هن وقت شاهه صاحب ۾ عقيدت مينديءَ جو اظهار ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هنن سندس ارشادات ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون ڏٺيون آهن جي ڪين انهي مشڪلات جي حل

اقتدار جي هوس اسانجي اکين تي پڙدا چاڙهي ڇڏيا آهن جنهن ڪري قوم ۽ ملڪ اسان جي نظر ۾ اچي نٿا سگهن. ان لاءِ شاهه صاحب فرمائي ٿو:-

”ڪڏهين ڪا نه سئي، ته سگهي گڏي سڄڻين“
”ائين هوند مئي، ته پڏيءَ جا پيهٽا ٿيا“

(٣) ٽين ڳالهه آهي پاڻ سڃاڻڻ جي. جڏهين قطرو قلزم ۾ يا فرد قوم ۾ سمائجي وڃي ٿو ته هو پاڻ کي قلزم يا قوم کان جدا نٿو سمجهي. اهل تصوف وارن فنا ۽ بقا جون ٻه منزلون انسان جي ترقيءَ لاءِ لازمي ٺهرايون آهن. پهرين منزل شخص جي قوم ۾ فنا ٿيڻ جي آهي ۽ ٻي منزل پنهنجي شخصيت کي قوم کان جدا نه سمجهڻ جي آهي. بدقسمتي سان اسان جا سنڌي پنهنجي قومي هستي سڃاڻي نه سگهيا آهن جنهنڪري ڪين ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا آهن. ان لاءِ ته شاهه صاحب جو ڪلام سارو ڀريو پيو آهي.

”پنهون ٿيس پاڻ سسئي تان سور ٿيا“

# دنيا جي "درد جو دارون"

## لعلن لطيف جا ڏس

(سرڳواسي چيتمل پرسرام)

ساري عالم ۾ هن وقت ڄڻ ڪهرام پيو بپا آهي. جڏهن فرش ۽ عرش مٿي، ماڻهن پڻ ملڪن جون اوچنگارون پيون اچن، تڏهن سمي، اسان لعلن لطيف جي عقيدتمندن جي هر دل ۾ اٿل سپاويک آهي، ۽ لاچون پيا ته هن سنڌ جي روحاني رهبر انسان ذات جي درد جو ڪهڙو دارون ٻڌايو آهي؟ منهنجي ناقص سمجهه ۾ اچي ٿو ته پنائي گهوٽ دارون ۾ هڪ ٽڪ ٻڌايو آهي، اهڙو جو زماني جي عالمن ۽ سياست دانن وٽ نه آهي. پنائي گهوٽ جهڙا روحي رهبر، رشي مني ۽ پيغمبر اندر جي عظيم لوچ مان لنگهيا آهن. هن جهان جو دک محسوس ڪيو آهي. هنجي نيڻن "سور پرائي سات" جا وهايا آهن، هنجي دل منش جاتي سان گهاتي گهل آهي، هو سچ لاءِ رات ڏينهن دکايل دنيا لاءِ "سور ڏٺي" وٽ ٿي پاڏائين پيا.

شاه انهي دک منهجان چيو:-

"پهر انهي ڳالهه جي جي آ ظاهر ڪريان ذري
لڳي ماٺ مرن ڪي ڏونگر پون ڏري"
وڻ پڻ وڃن پري، اوير اپري ڪانه ڪا"!

(شاه)

## شاه

# سنڌ جي مجمع البحرين جو خضر رهنما

از الحاج الله بخش سرشار عقيلي ٺٽوي

الله جي پيغمبر حضرت موسيٰ عليه السلام کي جنهن "علم لدني" جي صاحب سان ملاقات ڪرڻ جو حڪم مليو هو تنهن لاءِ قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته اهو "مجمع البحرين" واري جاءِ تي حضرت موسيٰ کي هٿ آيو- قرآن شريف ۾ ارشاد آهي :-

واذ قال موسيٰ لفتاه لا ابرح حتيٰ ابلغ
مجمع البحرين او امضي حقبا (سوره ڪهف)

"۽ جڏهين چيو موسيٰ پنهنجي جوان ساٿي کي ته آءٌ هميشه هلندو رهندس ايتري تائين جو آءٌ پهچي وڃان ٻن درياهن جي ملڻ واري جاءِ تي، يا هلندو رهندس ورهن جا ورهه"

هن مان ظاهر آهي ته "مجمع البحرين" ٻن درياهن جي ميلاپ جو هنڌ يا ٻن زمانن جي ميلاپ وارو وقت ٿي سگهي ٿو. انهي "علم لدني" واري صاحب جو نالو حديث شريف ۾ حضرت سعيد بن جبير جي روايت سان صحيحين ۾ "حضرت خضر" ڄاڻايل آهي. حضرت خضر جو ڪم ڀليل ڀٽڪيل جي رهنمائي



روضي جي صحن ۾ زيارتين جو هجوم.

Marfat.com

Marfat.com

جي سهڻي لال لطيف جو زمانو آهي. شاهه سائين جي ولادت جو سال ١٦٨٩ ۽ وفات جو سال ١٧٥٢ عيسوي آهي ۽ "جارج برڪلي" اُن کان فقط ٤ سال اڳ، ١٦٨٥ ۾ ڄائو ۽ شاهه جي وفات کان هڪ سال پوءِ ١٧٥٣ ۾ فوت ٿيو. جارج برڪلي جا سوانح نگار انهي عهد جو مختصر خاڪو هنن لفظن ۾ پيش ڪن ٿا:-

"اُن وقت زندگي جا سڀ پهلو ۽ شعبا، اصلاح ۽ تجديد لاءِ بيقرار هوا. اهي مذهب، سياست، تمدن ۽ علمن جي پراڻي لباس کي تار تار ڪري پنهنجي جسم کان جدا ڪري رهيا هوا سائنس جون بيشمار نيون شاخون پيدا ٿي رهيون هيون ۽ قديم حڪمت جي اڪثر مسئلن ۽ نظرين ۾ زمين آسمان جو فرق اچي ويو هو. علم هيئت جي مشاهدن سج جي بدران خود زمين کي متحرڪ ثابت ڪيو هو. ڪشش ثقل جو عالمگير قانون جو تاريخ حڪمت جو سڀ کان عظيم الشان اڪتشاف يقين ڪيو ويو آهي سو انهي صدي ۾ تحقيق ٿي چڪو هو. برقي ۽ مقناطيسي ڪوجنائن سبب عنقريب سارو جهان جڳمڳائڻ وارو هو. انقلاب انگيزي جي انهي همه گير طوفان کان فلسفه ۽ الاهيات جي فضا جو غير متاثر رهڻ پڻ ممڪن نه هو. طاليس ملطي کان ارسطو تائين، ارسطو کان ڊيڪارٽ تائين ۽ ڊيڪارٽ کان لاڪ تائين، سڀ فلسفي جنهن ڏگر تي هلي چڪا هوا، اُهو سمورو گهاڙو رستو اوچتو ئي اوچتو دنيا جي پيرن هيٺان نڪري ويو."

شاهه سائين جي زماني جي هن پهلو تي گهڻي تفصيل سان لکي سگهجي ٿو، پر مختصر لفظن ۾ هي واضع ڪرڻ مقصود آهي

تہ سچ پچ اھو زمانو ھر لحاظ کان "مجمع القرنين" يعني ٻن زمانن جي ميلاپ جو نقطو ھو. قرآن شريف جي لفظن "او امضي حقبا" ۾ "مجمع البحرين" جو اشارو "مجمع القرنين" ڏانھن بہ ٿي سگھي ٿو.

مٿي ذڪر ڪيل آيت شريف ۾ خضر رھنما جي لاءِ ٽي اھڃاڻ ملن ٿا:-

(١) "مجمع البحرين" جي موقعہ تي ھن جو موجود ھجڻ.

(٢) ھن جو "علم لدني" جو صاحب ھجڻ.

(٣) ھن جو رھنما ثابت ٿيڻ.

انھن اھڃاڻن مان ٻھرئين اھڃاڻ جو جيتريقدر شاھہ صاحب سان تعلق آھي مٿي واضح ڪيو ويو آھي.

"علم لدني"

ٻيو اھڃاڻ آھي "علم لدني"- شاھہ سائين کي صحيح معنيٰ ۾ "علم" ھو ۽ اھو سندس علم "علم لدني" ھو، انھن ٻنھي ڳالھين کان انڪار ڪري نٿو سگھجي. ھڪ طرف سندس ڪلام جي تشريح ڪندڙن جي لفظن ۾ ھي ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ:-

"شاھہ صاحب ڀنھنجي ڪلام ۾ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ سؤ کان ٻہ وڌيڪ قرآن جون آيتون تلميح يا تضمين طور ڪم آنديون آھن."

"عربي ۽ فارسي جو عالم ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڀنھنجي مادري زبان تي تہ ڪيس ڪلي ضابطو ھو. نہ فقط ائين، ٻہ ٻين ٻولين

هوندا هوا جي اجان تائين رکيل آهن. قرآن مجيد، مثنوي مولانا جلال الدين رومي ۽ شاهه ڪريم بلڙي واري جو رسالو. انهن ڪتابن تي ڪنهن هنڌ ته حاشيه وغيره تي ڪي ته لکيل نه آهي جنهن کي شاهه صاحب جا دستخط چئجن".

آخر تشريح نگار ۽ سوانح نگار هن ڳالهه جا پنهنجي پاسا توري تڪي هن نتيجي تي پهتا آهن ته:-

"شاهه ابتدائي استاد وٽ فقط الف جو اکر پڙهيو هيو. باقي جو ڪجهه هن حاصل ڪيو سو ڪرامت آهي يا الاهي ڏات آهي".

"ولين ڪاملن کي لدني جي تحصيل آهي جنهنجي عام کي خبر نه آهي".

"جذب الاهي سان استاد ازلي جي سبق ڏي پاڻ سڃوئي واريائين ۽ باطني لدني علم جي قوت قوي عطا ڪيس".

هي اقتباس هن ڳالهه جي ثبوت لاءِ ڪافي آهن ته شاهه سائين عالم هو مگر علم لدني جو.

قرآن ڪريم ۾ حضرت خضر عليه السلام جي باره ۾ ارشاد آهي:-

فوجدا عبداً من عبدنا آتيناه رحمته
من عندنا و علمناه من لدنا علما

ترجمو:-

پوءِ ڏٺائون هڪ ٻانهي کي منهنجي ٻانهن مان،
اسان انکي پنهنجي طرفان رحمت بخشي هئي
۽ انکي پاڻ وٽان علم (علم لدني) سيکاريو هو.

## رهنمائي

جئن ته علم لدني جو صاحب واقعات جي اسرارن کان واقف ٿئي ٿو تنهن ڪري هن جو ڪم ٿئي ٿو رهنمائي ڪرڻ. حضرت موسيٰ ۽ حضرت خضر جي پٺيان هليو ۽ خود حضرت خضر قرآن شريف جي لفظن ۾ هن شرط تي حضرت موسيٰ کي پنهنجي پويان هلڻ جي اجازت ڏني:-

قال فان اتبعتني فلا تسئلني
عن شيء حتيٰ احدث لڪ منه ذڪرا

ترجمو:-

"چيو (حضرت خضر حضرت موسيٰ کي) ته جيڪڏهين منهنجي پٺيان لڳين ته پوءِ مون کان ڪنهن ڳالهه بابت تيستائين سوال نه ڪج جيستائين آءٌ پاڻ اُن بابت توسان بيان ڪريان".

حضرت موسيٰ کيس قرآن شريف جي هنن لفظن ۾ انهيءَ ڳالهه جو يقين ڏياريو هو ته هو سندس نافرماني نه ڪندو:-

قال ستجدني انشاءُ الله صابراً
ولا اعصي لڪ امرا

ترجمو:

"موسيٰ چيو ته جيڪڏهين الله گهريو ته تون مونکي صبر ڪندڙ پائيندين ۽ آءٌ تنهنجي نافرماني نه ڪندس".

مختصر مطلب هي ته علم لدني جي صاحب جي پويان هلڻون آهي ۽ هو جيڪي چوڻ ۽ ڪرڻ گهري ٿو اُن ۾ حڪمت آهي ۽ انهيءَ ڪري اُن ڳالهه ۾ اُنجي نافرماني ڪرڻي نه آهي.

L (IV) 642—10

Marfat.com

راڳ جي ڪفار واري طريقي سان ڪو غرض ڪونهي ۽ انهي رسمي مسلماني سان به غرض ڪونهي جا فروعات جي ڪج بحثي ۾ مبتلا رکي. دوزخ جا ڏڙڪا ڏئي گهڻي عرصي تائين عوام کي مفيد عام طريقن کان ٻري رکيو ويو ۽ هڪ خاص گروه بهشت جو ٺيڪيدار بڻيو رهيو. عوام کي دين جي نالي سان ايترن ڦندڻن ۾ جڪڙيو ويو هو جو نئين زماني ۾ هنن لاءِ ساهه کڻڻ مشڪل ٿي پيو ها. زماني جي هر نئين وڏي ڳالهه کي ڇڪي تاڻي دين جي ماتحت آڻي اُن جي جواز ۽ عدم جواز جي فتويٰ صادر ڪرڻ جو اختيار هڪ خاص صاحب اقتدار گروهه پنهنجي قبضي ۾ رکيو هو. مگر نئين زماني جي نون نظرين جي اڳيان انهن پراڻن طريقن جو بيهڻ مشڪل هو. اهو راز هن علم لدني جي "اُويسي" تاڙي ورتو ۽ فرمايائين:-

ويجهو وڃ ۾ وات کي - ڪهيج ڏانهن ڪوات
اجهي منجهان آت - "اُويسي" ٿي آءُ تون

(۴) اٺارهين صدي عيسوي ۾ ڪائنات جي رازن جو ايترو وڏو انڪشاف ٿيڻو هو جو عقل دنگ رهجي وڃي. اُن کي نه اکوڻي زبان سان بيان ڪري سگهجي، نه اکوڻن ڪنن سان ٻڌي سگهجي ۽ نه اکوڻين اکين سان ڏسي سگهجي. انهن اسرارن ٿي ثابت ڪيو ته ظاهري زبان، ظاهري ڪنن ۽ ظاهري اکين تي اعتبار ڪرڻ اجايو آهي. جو نه اندر جي زبان، اندر جي ڪنن ۽ اندر جي اکين کي پنهنجو رهبر بڻائجي جو پڇتائڻو نه پوي. شاهه سائين ٿو فرمائي:-

وائي وڃيم شال - ڪنن سان ڪين سڻان
پلو ڪري پال - ته اکين کان اند و ٿيان

Marfat.com

هڪل حقيقت جي - ٻوڙو ٿي ٻڌ ٻج
اڏو ٿي پسيج - مشاهد محبوب جو

لڳين گهٽا لڳائيا - تون لڳين کي لڳائي
اٿي آڌي رات کي - پنهنجو تن پچائي
لاهوتي ۾ لچائي - ناڳا تون ناموس کي

"ناموس" جي لفظ ۾ شاهه صاحب سنڌ جي پرعظمت ماضي جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهين عرب جي دور ۾ ۽ عجم جي دور ۾ سنڌ پوئتي نه رهي تڏهين مغرب جي هن دور ۾ ڇو پوئتي رهي. اُن جو علاج آهي "آڌي رات اُٿڻ". پرهه ڦٽيءَ ته هرڪو اٿندو آهي مگر جو سانباهو اگهه ڪري سوئي ڪنڌي.

"آڌي رات اٿڻ" پنهي معنائن ۾ صحيح آهي، يعني آڌي رات هڪ اهل فڪر اٿندا آهن ۽ ٻيا اهل ذڪر. "اهل فڪر" محسوسات جا عالم آهن ۽ هنن جو رهبر "عقل" آهي. "اهل ذڪر" غير محسوسات جا عالم آهن ۽ هنن جو رهبر "عشق" آهي. خواه عقل کي رهبر ڪجي، خواهه عشق کي هر حالت ۾ "آڌي رات اُٿڻ" ضروري آهي. مگر انهي ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي، ۽ شاهه صاحب ۾ انهي نظريه جو همنوا آهي، ته "اهل فڪر" تي "اهل ذڪر" کي فوقيت حاصل آهي، ڇو ته محسوسات تي انتها نٿي ٿئي ۽ "اهل فڪر" محسوسات کان ٻاهر وڃڻ کان عاجز آهن:-

ڪهان تان ڪيچان ٻري - وهان تان وت مون
لي ڏو ريم ٻون - عبث آري جام کي

# شاه صاحب جي رسالي ۾ سندس همعصرن ڏانهن اشارا.

(جناب محبوب علي محمد صالح چنا)

مذڪور عنوان تي قلم آزمائي ڪرڻ کان اڳ، ڀرپائين ڀرپائين هي ڏسڻو آهي ته پتائي گهوٽ جو زمانو ڪهڙو هو؟ پاڻ ١١٠٢ هه ۾ هالا حويلي ۾ تولد ٿيا ۽ ١٤ صفر ١١٦٥ هه پٽ تي پڌارياڻون - انگريزي سن مطابق پاڻ ١٦٨٩ع ۾ جاوا ۽ ١٧٥٢ع ۾ وصال ڪيائون. انهن ڏينهن ۾ مغلن پارن لٺي ۾ گورنر راڄ ڪندا هئا. مغلن پارن ڪل ١٤ صوبدار مقرر ٿيا هئا. شاهه صاحب جي تولد ٿيڻ وقت ايڪيهون نمبر نواب ابو نصرت خان گورنري جي مسند تي مامور هو جو ١١٠١ هه (١٦٨٩ع) ۾ آيو ۽ ٻن سالن کان پوءِ الوداع ڪيائين. ان بعد ويهن گورنرن جي جا لسٽ آهي سا هي آهي:-

١- نواب حفظ الله خان ١١٠٣ هه - ١١١٢ هه (١٦٩١ - ١٧٠٠ع) ٢- سعيد خان عرف خانزاد خان ١١١٣ هه (١٧٠١ع) ٣- نواب مير امين الدين خان حسين ١١١٤ هه (١٧٠٢ع) ٤- نواب يوسف خان ١١١٥ هه (١٧٠٣ع) ٥- نواب احمد يار خان ١١١٥-١١١٨ هه (١٧٠٣ - ١٧٠٦ع) ٦- نواب مظفر خان ١١١٩ هه (١٧٠٧ع) ٧- نواب مهين خان ١١٢١ هه (١٧٠٩ع) ٨- نواب شاڪر خان ١١٢٣ هه (١٧١١ع) ٩- نواب مهين خان ١١٢٤ هه (١٧١٢ع) ١٠- نواب

Marfat.com

| ڏالو سگهڙ جو | سر | فصل | بيت يا وائي |
|---|---|---|---|
| عنايت | سريراڳ | پنجون | ب-١٣-١٥-١٧-١-١ |
| " | " | ڇهون | ب-١٤-١٩ |
| " | معذوري | ڇهون | وائي |
| ٢. پڊو | سريراڳ | پهو | وائي-٢ |
| ٣. ڏوبي | " | ٽيون | "-١ |
| ٤. ڪتي | " | " | "-١ |
| ٥. قاسم | " | پنجون | ب-٨ |
| ٦. لاکو لطف الله | سهڻي | چوٿون | "-٥ |
| ٧. لاکو (فقط) | بسنت بهار | پهريون | "-٦-٧ |
| ٧. قطب | سهڻي | ستون | "-٩ |
| ٨. لکمير | سارنگ | ٽيون | "-٥ |
| ٩. ڪيسر | " | چوٿون | "-٤ |
| ١٠. جوڻيجو | " | " | "-٦ |
| ١١. عيسو | " | " | "-١ |
| ١٢. ايوب | سسئي آبري | " | "-٢٤ |
| ١٣. احسان | ڪيڏارو | ٽيون | "-٢ (١) |
| " | " | چوٿون | "-٥ |

(١) مخدوم محمد صالح انهن بيتن تي تبصره ڪري لکيو آهي ته اکر ”احسان“ جي پٺيان ”سين“ اکر نه آهي مگر اکر ”چوي“ آهي. ادبي تحفه ٣٣-٣٤ ص ٤٢-٤٣.

| ڏالو سگهڙ جو | سر | فصل | بيت يا وائي |
|---|---|---|---|
| ١٤. صدات | سسئي آبري | چوٿون | ,, — ١٢ |
| ب | ,, | ٻيو | ,, — ١ |
| ,, | سهڻي | ستون | ,, — ١٦ |
| ,, | سارنگ | ٽيون | ,, — ١٠ |
| ,, | ديسي | پنجون | ,, — ٥ |
| ,, | کوهياري | ,, | ,, — ١٠ |
| ,, | ,, | چوٿون | ,, — ٣ |
| ,, | سورٺ | پهريون | ,, — ١٩ |
| ١٥. محمود | سسئي آبري | ابيات متفرقه | وائي ٣ |
| ١٦. حبيب — (١) | ديسي | چوٿون | ب — ٢٠ |
| ١٧. مگهل | حسيني | نائون | وائي |
| ١٨. شاهه حسين | سورٺ | ٻيو | وائي |
| — | رامڪلي | نائون | وائي — ٥ |
| ١٩. هلال | ڀروو سنڌي | ٻيو | ب — ٧ |
| ٢٠. طالب — (٢) | مومل راڻو | ستون | ب — ٢٠ |
| — | رامڪلي | نائون | ,, — ٥٣ |

---

(١) شاهه حبيب جو ڪلام آهي. گربخشاڻي شاهه جو رسالو جلد ٢ ص ٤٤٧.

(٢) برٽش ميوزم واري نسخي جي سند موجب طالب جو چيل آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي جلد ٣ ص ٢٣٤.

| ڏالو سگهڙ جو | سر | فصل | بيت يا وائي |
| --- | --- | --- | --- |
| ۲۱. جبير – (۱) | مومل راڻو | ستون | وائي ۲ |
| ۲۲. عطا | بلاول | ٽيون | ب – ۱ |
| ۲۳. وڳنديا ورو فقير | بلاول | چوٿون | " – ۱ – ۱۲ |
| " | " | " | " – ۱۳ |
| ۲۴. ڪريم | ڪاپائتي | پهريون | " – ۳۲ |
| ۲۵. حبيب | ڌناسري | پهريون | " – ۹ |
| ۲۶. صالح | " | " | " – ۲۳ – ۲۴ |

شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جا پنجاهه کن شعر ۽ قاضي قاضن جا چار بيت به شاهه ڀٽائي جي رسالي ۾ درج ٿي ويا آهن جي به ڏاريو ڪلام سمجهڻ گهرجي. (۲)

هاڻي اسان مٿي ڏنل ڏالن بابت ذڪر ڪنداسين جي ٿلهن اکرن ۾ لکيل آهن. هي سڀ شاهه صاحب جا ڪي نام ڪنيا سهيوگي ۽ فقير آهن.

۱. عنايت ۽ عنات:- شاهه صاحب جي رسالي ۾ عنايت جو لفظ لڳ ڀڳ ۹ دفعا ۽ عنات جو لفظ اٺ ڀيرا آيل آهي. جيئن قارئين ڪرام کي مٿين خاڪي مان پڌري پٽ پروڙ پوندي.

(۱) مير عبدالحسين خان ٽالپر مرحوم جي نسخي مان معلوم ٿئي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي جلد ۳ ص ۲۳۴.

(۲) لطف اللطيف ص ۲۰۶

Marfat.com

سال ١٩٤٨ع ۾ جڏهن مان گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ جو سرواڻ هوس ته انٽر آرٽس وارن کي سر سسئي آبري پڙهائيندي مون کي هيٺئين بيت سان اچي پنارو پيو.

عداتا ! اتاهين جاني جڙي پنڌ
آهي گهڻو اڪو فقيرئ جو فنڌ
چڪهن ته چريو ٿيئن ميهاني جو منڌ
ڪين ڪيندو ڪنڌ منجهان سگ سيد چئي

(فصل چوٿون بيت ١٢)

"عداتا" جي لفظ مونکي ڪافي ڪتاب کولارايا ۽ تفتيش جي راه جو پانڌ ئيڙو بڻايو. آخر منهنجو پنڌ گهٽي ياڳي طئي ٿي ويو ۽ مان "ٿي عنايت" جي عنوان سان ڪتاب لکڻ جو اراده ڪيو. مگر هن وچ ۾ "عصرنو" حيدرآباد جي هڪ ادبي رسالي جي اداره مونکان سنڌ ن "شهيد نمبر" لاءِ هڪ مضمون جي گهر ڪئي جو مون "شاه شهيد صوفي" جي عنوان سان لکي انهن جي پيش ڪيو. ان جو ڪجهه حصو پيش خدمت ڪري رهيو آهيان جو هن مونجهاري جو چڱو حل ثابت ٿيندو :- (١)

"عنايت جو نالو گهڻن ئي ادبي سالڪن کي " وادئ حيرت" جا وڻ ڏيکاري ٿو. ڪي هن اسم شريف کي جهوڪ جي صاحب جي نالي منسوب ڪن ٿا. ڪي وري هن کي نصرپور جي ناليري شاه عنايت جو تخلص سمجهن ٿا ۽ ڪي وري هن کي شاه صاحب جو فقير ۽ جاني ڏيري جو پٽ ڪري تصور ڪن ٿا.

---

(١) عصرنو - ماه اپريل ١٩٤٩ع.



Marfat.com

(۱) احمد ـ الله ـ لطيف هڪو ڄاڻج هيڪ
آهي عنايت الله جي عالم منجهه انيڪ
جي نظر ڪرين نيڪ ته پون ۽ مڙيئي پٽ ٿئي.

(۲) اڃيون عبداللطيف سڀ ڄاڳاياس
هيس غافل غير ۾ اتي اٿارياس
قالوا بليٰ قول ڪيئي فائق فرماياس
اتي ڳول الله کي ساڃن سمجهاياس
عنايت الله جي ساڃي سڌ ڏنياس
جاڻب ڄاڳاياس نه ته هيڙس نڌر ننڊ ۾.

مسٽر بدويءَ جو رايو فقير عنايت الله جي مشهور عبدالله خان جي لکئي مطابق آهي جو وڏيڪ محقق آهي. سو مان ان رائي سان متفق آهيان ڇو ته ”جاني“ جي اکر جو مطلب دلي دوست آهي. مگر هن اکر شاه صاحب جي سوانح نگارن کي مونجهاري ۾ وڌو آهي.

۳. ٽيون صاحب هو شاهه عنايت رضوي نصرپوري جو شاهه ڀٽائي جي وڏن همعصرن مان ٿي گذريو آهي ۽ پڪي پاية جو شاعر هو پر شاهه صاحب جهڙي شمس اڳيان هو قمر ٿي دنيا اڳيان ظاهر ٿيو جنهن ڪري ويچاري جو تاب اهڙو ٽڪو نه ٿي سگهيو جو سنڌ واسين جي اکين کي خيره ڪري. سنڌس قلمي رسالو سنڌ جي فاضل اديب شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽه وٽ موجود آهي جنهن مان ڊاڪٽر بلوچ صاحب خواه پروفيسر بدوي صاحب جن مستفيد ٿي پنهنجي رشحات قلم کي شاهه عنايت نصرپوري جي

ڪيترا بيت هن جانڪاهہ واقعي بابت چيل آهن. انهن مان هڪ مشهور بيت هي اچاريو ويندو آهي تہ:-

اڄ نہ اوطاقن ۾ سي طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا ڍڙهيون مون ماريں
جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.

(سر رامڪلي فصل ٨ بيت ٨)

٢. مخدوم محمد زمان صاحب لواريءَ وارو (وفات ١١٨٨هہ):-

مخدوم صاحب جي ملاقات جو احوال پهريائين ڊاڪٽر گربخشاڻي مقدمہ لطيفي ۾ ڏنو آهي جو هن صاحب ١٩٢١ع ۾ شايع ڪيو. دوباره ڊاڪٽر گربخشاڻي اهو احوال "لواريءَ جا لعل" ۾ آندو جو هن صاحب ١٩٣٤ع ۾ ڇپارايو. هن ساڳئي ذڪر کي وري ڊاڪٽر دائود پوٽہ صاحب "ابيات سندي" ۾ تنواريو جو هن صاحب ١٩٣٩ع ۾ ميدان ادب ۾ آندو. جڏهن شاه صاحب خواجہ محمد زمان وٽ آيو تہ هيٺيون بيت اچانڪ اچاريائين:-

"سامي سفر هليا ڪو ٻروڙي ٻند
جن هيدا هان ڪند آءُ نہ جيندي ان ري"

طرز تہ شاهہ جي رسالي جي سر رامڪلي جي فصل ٻوئين جي بيتن جهڙي آهي مگر اهڙي ست سر رامڪلي ۾ ڪانهي- زيارت ڪري وڃڻ کان پوءِ شاه صاحب هميشہ خواجہ صاحب جي شان ۾ هيٺيون بيت پڙهندو هو:-

"سي مون ڏٺا ماءُ! جنين ڏٺو پرينءَ کي
تنهين سندي ڪا- ڪري نہ سگهان ڳالهڙي"

متيون بيت شاھ جي رسالي جي سر ڪاھوڙي جي فصل ٻئين بيت ٻئين ۾ ٿوري تبديلي بعد ھن طرح آيو آھي تہ:-

”مون سي ڏٺا ماءِ جن ڏٺو پرين کي
ڪري نہ سگھان ڪا انھين سندي ڳالھڙي“

ھاڻي وارو آھي شاھ صاحب جي فدا ٿيل فقيرن جو جي ۽ سندس قرب وارا معاصر آھن - مرحوم مرزا قليچ بيگ شاھ صاحب جي مريدن فقيرن ۽ خاص خدمتگارن جي لسٽ ڏني آھي جا ضميمہ طور سندس ڪتاب جي پڇاڙيءَ ڏنل آھي (١) ھن تان مرحوم مولوي وفائي ٿوري گھٽ وڌ ڪري پنھنجي ”لطف اللطيف“ کي سينگاريو آھي (٢) ڊاڪٽر گربخشاڻي بہ ناميارن فقيرن جو ذڪر ڏنو آھي (٣) اسان ھت فقط انھن فقيرن جو ذڪر ڪنداسين جن جا نالا رسالي ۾ آيل آھن:-

١. محمود فقير:- ھي صاحب ميھار وانگر اصل وڏي خاندان جو فرد ھو پر پوءِ پنھنجي سھڻي صورت ۽ سيرت ڪيس موھي ڇڏيو ۽ سڀ ڪجھ فدا ڪري اچي لطيفي شمع جو پروانو ٿيو - شاھ صاحب کي ھن لاءِ ايڏي عزت ھوندي ھئي جو وصيت ڪيائين تہ ”منھنجي تربت ھن جي (محمود جي) پيراندي۽

---

(١) احوال عبداللطيف - از قليچ - صفحہ ١٧٦-١٧٧

(٢) لطف اللطيف صفحہ ٤٢-٤٧

(٣) مقدمہ لطيفي صفحہ ٤٩

Marfat.com

"کان ڪٻجو" هن جو نالو سر سسئي آبري ابيات متفرقه جي وائي
نمبر ٣ ۾ ائين آيل آهي:-

"پاروچا پاڇهائي مون کي نيندا پاڙ سين،
ملي سا محمود چئي ور کي هئن واڇهائي"

۽ سر ڪوهياري جي فصل پهرئين بيت ١٤ ۾ هن طرح
آيل آهي:-

"نندون ڪئن ڪجن هاري منڌ محمود چئي
تو سيئي ساڄڻ ڪيا پهر اوچتا جن
ڪڏهن ڪين سڄن ويسريون ورن سين"

٢. ورو يا وڳند فقير:- هي گويا لطيفي دربار جو
ملا دوپيازو هو- شاه صاحب کي اهڙو ته پسند هو جو هو صاحب هر گهڙي
ساڻس چرچا ڪندو هو- پلي جي فوتي ڪائڻ ڪري شاه صاحب
هئن فرمايو ته "فوتو هو ڦڪرو سو وروء ور پيو"- ازانسواءِ سر بلاول
جي فصل ٢ ۾ پهريان تيرهن بيت وڳند فقير بابت چيل آهن-
سبحان الله! ڏسو لطيفي محبت ۽ مودت جو بيمثال مثال - انهن مان
پهريون هيٺئين طرح شروع ٿو ٿئي:-

"وڳند وري آئيو وسن ڪين وڏوس
ڪندي مائي ماڳ، موچارو پاسي پير ٽيوس"

٣-٤. حبيب ۽ صالح:- سر ڏناسري هنن صاحبن جي
دماغ سوزيءَ جو نتيجو آهي- هن ۾ پنائي گهوٽ، سنڌس مدح
۽ ازانسواءِ سنڌس جا نشين سيد جمال شاه جي ۾ تعريف آهي- هي

Marfat.com

پڻ لطيفي درگاه جا مريد آهن - پاڻهجي ائهن پيو ته سر ڏاسري جا ٻهريان ٢٢ بيت فقير حبيب جا ٺهيل آهن - الين بيت ۾ سندس ڏالو اچي ٿو ۽ ٢٣ کان وٺي فقير صالح جي ڪوشش آهي جو سندس ڏالو بيت ٢٣ ۾ اچي ٿو.

شاه صاحب جي سونهري دور ۾ ڪيترا سارا تارا ادب جي آسمان تي تاب سان چمڪيا هئي - مگر هت انهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جي جوت جو جمال شاه جي رسالي جهڙي منور مصحف ۾ ملي ٿو - مگر هاڻي هن سمي اهو سواد ڪٿان اچي؟ شاه صاحب جي همعصر مدن ڀڳت جو ڪلام خط خاطر ڏئي مضمون کي ختم ڪريان ٿو:-

ڪالهه پڻ ڪالهه هئي - اڄ پڻ ڏينهن پيو
مڙهئي ۾ مدن جوي ويهي ڪانگ ويو
جنهن ۾ ماڻ پيو سا راه رهندي ڪيترو.

———

Marfat.com

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي

## (جناب لطف الله بدوي)

دنيا جي علمي محفلن ۾ سوين دفعا بهار آئي ۽ اُن اهڙا ته گل پيدا ڪيا، جن جي شميم معطر کان اڄ ڏينهن تائين انسان ذات فيضياب ٿي رهي آهي. اهڙيون هستيون واقعي عالم ايجاد جي لاءِ ناز جو سبب آهن. انهن ئي غير فاني هستين جي لازوال ڪارنامن سان اسانجون مجلسون گرم آهن ۽ هر شخصيت پنهنجي پنهنجي جاءِ تي عزت جي مستحق آهي. جيڪڏهن قيس جو نالو عرب جي ريگستاني عشاق جي نبضن ۾ محبت جي حرارت کي پيدا ڪندو رهي ٿو، ته هن کان ڪنهن کي انڪار ٿي سگهي ٿو، ته فرهاد جو نالو ايران جي گلريز زمين جي رهندڙن لاءِ ڪشش ۽ رقت جو باعث نه آهي. قيس عرب هو ۽ فرهاد عجمي، مگر حقيقت آهي، ته سندن نالي ۽ عظمت کي دنيا جي گوشي گوشي بنا ڪنهن تفريق ۽ امتياز جي قبول ڪري ورتو هو. اهو ڪهڙو بي اختياري جو جذبو هو، جنهن کان متاثر ٿي، علامه اقبال، پير رومي جي حيات آفرين ڪلام متعلق فرمايو هو:-

نه اٹھا پھر کوئی رومی عجم کے لالہ زاروں سے
وہی آب و گل ایراں وہی تبریز ہے ساقی

شيڪسپيئر جي غير فاني تصنيفات جي بابت ڪارلائل جي هي راءِ ڪيتري قدر نه وقيع آهي. چوي ٿو:-

انگريزي زبان ۾ لکي، سنڌ وارن تي وڏو احسان ڪيو آهي، هو هن عظيم شاعر کي هيئن ٿو خراج تحسين پيش ڪري :-

"فهم واري قلب جي لاءِ، سيد جي موسيقي
خدا واري دروازي لاءِ شاندار ڪنجي آهي،
أها، جا خدا جي اسرار ۽ رموز جي رهنما آهي.

---

رومي جي نظم جو هتي زور نه آهي
نه جامي جا الفاظ موسيقي جي چادر ۾ ويڙهيل آهن،
نه حافظ جي بلند پرواز ظرافت آهي،
انهن (صفتن) کانسواءِ جڏهن نماڻو چارڻ
تنهنجي نغمن کي ڇيڙي ٿو،
تڏهن أهي عجيب معما بڻجي وڃن ٿا.
سندس شعر جو سادو منڊ، خدا جي خاموش،
جستجو کان ڪنهن به ريت گهٽ نه آهي.

ڊاڪٽر سورلي جي هيءَ راءِ ڪيتري قدر نه حقيقت تي ٻڌل آهي. هاڻي ڏسڻو آهي ته شاهه ڀٽائي جي شعر ۾ اهي ڪهڙيون خصوصيتون آهن، جن جي باعث، سندس ڪلام جيڪڏهن جهنگ ۾ هڪ ريدار کي متاثر ڪري سگهي ٿو ته گلستان ۾ هڪ چمن زاده به أن کان ساڳي ريت مستفيد آهي. سنڌي شاعري جي اولين چمڪندڙ ستاري، شاهه عبدالڪريم، پنهنجي ڪلام ۾ تصوف کي پيش نظر رکيو. شاهه ڀٽائي، پنهنجي پيش رو جي تقليد ۾ تصوف جي روح رهاڻ کي پنهنجي شعر ۾ ورتي آيو ۽ ڪهڙي نه مٿي ۽ سنجيدي طريقي سان دعوا ٿو پيش ڪري:-



شاه جي روضي جو هڪ منظر.

Marfat.com

Marfat.com

جي تون ٻهت پاڻئين، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، ٻريان سنڌي ٻار ڏي.

انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ هو حديث عشق کي اهڙي نموني ۾ پيش ٿو ڪري، جو پڙهندڙ اُن کي پڙهڻ بعد، سنڌس عالي فڪر جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. انساني زندگي جي ساري جدوجهد جو مرڪز فقط ياد الاهي آهي. هن مقصد جي تبليغ هن پنهنجي ڪلام ۾ جا بجا ڪئي هئي. هن تبليغ جو اظهار هڪ هنڌ هيئن ٿو ڪرڻ فرمائي:-

سرمو سياهيءَ جو رنن کي رهاءِ
ڪاني ڪارائيءَ جي مڙس ٿي م پاءِ
اکين ۾ اٽڪاءِ، لالائي لالن جي.

اهل عرفان جي پهرين نشاني هيءَ آهي تہ هو، نفس جي نادانين جي برخلاف جهاد قائم ڪري. نفس سان جهاد ڪا آسان شيءِ نہ آهي. اُن لاءِ صحيح استقلال ۽ مردانگي جي ضرورت آهي. قناعت، لاطمعي ۽ پاڪ دامني جي اوصاف سان ئي نفس امارہ جي حرڪتن تي قبضو ڪري سگهجي ٿو. اولي العزم صوفين جي نظر ۾، دين جي مقدس جنگين ۾ صف آرا ٿيڻ ۾ جهاد اصغر آهي، پر نفس سان مقابلو جهاد اڪبر آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هن مقدس گروهہ جي عارفن، سالن جا سال، سخت رياضتن ۽ محنتن ڪانپوءِ ئي نفس جي مڪارين ۽ تندخوين تي قبضو ٿي ڪيو. تاريخ ۽ تذڪرن پڙهڻ مان، هن حقيقت جي زيادہ وضاحت ٿئي ٿي. جيا سيدنا عبدالقادر جيلاني، چاليهہ سال عراق جي جهنگلن ۾

جنهن نموني سان زندگيءَ جي سلامت رويءَ جو هي نقش چٽيو آهي، اُن جو نظير، دنيا جي مفڪرين ۾ شاذ و نادر نظر اچي ٿو. اڳتي هلي هن سلامت رويءَ جي پروگرام کي هو پنهنجي سامهون رکي، پڌنڌڙ کي تلقين ڪري ٿو، جا ڪامل ۽ بي مثال آهي. فرمائي ٿو:-

سيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم و هم
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج ٿو.

جڏهن آچارا عميق جا او پارا هجن، اُتي، مڪڙي جا موج سهي سگهندي، سبحان کي سيئي ڪم حوالي ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو ئي ڪهڙو آهي. تسليم ۽ توڪل جي هن تلقين کان پوءِ ڪهڙي ريت نه هو صراط المستقيم ڏي وڃي ٿو وڃي. ارشاد ٿئي ٿو:-

سيوئو جن سبحان، وير نه وڙهي تن سين
توبهه جي تاثير سان، تري ويا طوفان،
ڏيئي توڪل تڪيو، آر لنگهيا آسان.

دنيا جي تڪليف ڀريل منزلن تان اُهوئي آساني سان گذري سگهي ٿو، جنهن سبحان کي سدائي سيوئو آهي. شاهه ڀٽائي هن حقيقت جو انڪشاف ٻي هنڌ هيئن ٿو ڪري:-

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
اُنجي عبداللطيف چئي، مٽي لڌو مان،
ڪوڙيين ڪن سلام، آڳهه اچئو اُنجي.

راتين جي اُٺي روئڻ وارن جو مقام، شاھ عبداللطيف سادن لفظن ۾ ڏيکاري ٿو تہ سندن مٽي کي مٽي کانپوءِ بہ عزت ۽ شرف حاصل آھي. قرآن حڪيم اُنهن شخصيتن جو مقام محمود ٿو ٻڌائي. انساني زندگي جو نقش ۽ اُنجي عمل جو صحيح خاڪو، جهڙو ھن سنڌ جي ميڙادار مفڪر وٺي ڪڍيو آھي، اُنجو نشان امام غزالي جي تصنيفات ۾ ٿو ملي يا تہ رومي جي غير فاني تصنيف مثنوي ۾. حقيقت ۾ شاھ ڀٽائي جو سچو ڪلام انسان جي عالي ڪردار جو آئينو آھي. جنهن جي مطالعي سان ۽ زندگي جي شاھراھ ڪشادي ٿي پوي ٿي ۽ اُنجي ھر منزل آسان. شاھ جي شعر تي لکڻ وارا ڪي سندس ڪلام کي شيرين ۽ مٺين ٿا ٻڌائين. ڪي سندس فطرت نگاري جي تعريف ٿا ڪن، تہ ڪي سندس حب الوطني جي، مگر منهنجي نظر ۾ شاھ جو ڪلام سراسر ھدايت آھي. اڪثر بزرگن جو قول آھي تہ 'مثنوي رومي' جي پڙھڻ واري جو قلب زندہ رھي ٿو تہ ھن لکڻ ۾ ڪهڙو مبالغو آھي، تہ شاھ جو ڪلام قلب کي روشن ڪري ٿو. مگر ھن عارفانہ تجلي کي ڪو عارف ئي سمجهي سگهي ٿو. سندس مفڪرانہ بهار ۾ ڪڏھن بہ خزان اچي نہ ٿي سگهي.

حکایت بود بے پایاں بخاموشی ادا کردم

# شاهه لطيف.

## (جناب غلام محمد گرامي)

جيئن ته مون شاهه صاحب لاءِ هي شعر چوان ته غالباً صحيح حقيقت جي ترجماني ٿيندي:-

هزار بار بشويم، دهن زمشک و گلاب
هنوز نام تو گفتن کمال بي ادبي ست

جناب شاهه صاحب، هڪ اهل الله، عارف بالله، اهل دل ۽ اهل نظر هو، ڪيس اڄ ڪلهه شاعر ۽ اديب، مصور فطرت، فلسفي وغيره سڏي، ڪيس صحيح معيار ۽ حقيقي مقام، تان هٽايو وڃي ٿو. دراصل شاهه به انهن چند معزز ۽ بيمثال شخصيتن مان آهي، جن جهڙيون شخصيتون انساني تاريخ ۾ تمام ٿوريون پيدا ٿيون آهن.

شاهه رومي، عطار، محي الدين ابن العربي، شاهه ولي الله، جهڙن ڪاملن جي ساٿ جو ساٿي آهي انهن جي "سوز درون" ۽ "علم باطن" جو امين آهي ۽ هڪ "پيام جو پيغمبر" آهي. سندس لاءِ جيئن سگهجي ٿو ته:-

پيغمبري ڪرد، پيغمبر نه توان گفت

خود فرمائي ٿو ته:-

"راتي وٽان رات مونکي نئون نياهو آئيو"

هي هڪ برگزيده، پاڪباز، داناءِ راز، "معارف لدنيه" جو عارف ۽ "حقائق و بصيرت" جو حامل هئو ۽ هُن جي ماحول کان گهڻو "پاهر ۽ هٿي" وڃي چڪو هو

"وڃي تت پيا جت نهايت ناهه ڪا"

جن چند مفڪرن نظام عالم ۽ رموز زندگي تي غور ڪيو آهي، ماديات جي معاملي کان هٽي "وجداني ۽ روحاني" رنگ ۾ نظام ڪائنات کي مطالع ڪيو آهي، جن انسان جو صحيح مقام ۽ موقف لڌو آهي، تن مان اسان جو سنڌي عارف، لطيف گهوٽ ۾ آهي. لطيف هڪ فقير آهي، پر سندس فقر تان هزار سڪندر قربان!

دارا و سڪندر سے يه مرد فقير اولیٰ
هو جس کی فقیری میں بوئے اسداللهی

شاهه صاحب "اسد اللهي امانت" جو امين ۽ عالم لاهوت جو سياح هو. رسول ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي "علم باطن ۽ سوز درون" جو اويسي مريد هو. سندس ولايت، "ولايت ڪبريٰ" جي حدود تائين منتهي آهي.

شاهه پنهنجي ڪلام ۾ نهايت پڌرو آهي، سندس شخصيت ۽ مقام آفتاب عالمتاب وانگر ظاهر ۽ باهر آهي.

فلسفي عقل سان ۽ عالم علم سان، ڪائنات جو عقدو حل ڪرڻ گهري ٿو، ۽ سائنسدان طبعي تجربات سان ان "معما ۽ دام" کي پروڙڻ گهري ٿو، پر اهي سڀ "ڪاٺ جا پير"

Marfat.com



شاه جي روضه جو اندريون منظر.

Marfat.com

۽ ترڪستان ۾ محمد بن عبدالوهاب پيدا ٿيو، ۽ شام ۽ مصر ۾ ابن تيميه جا اثرات موجود هئا، ۽ سندس شاگرد سخت مذهبي تشدد ۾ مبتلا هئا. ان دور ۾ ايران شهر ۽ سندي فسادات جو مرڪز هو. عين ان زماني ۾ سر زمين سنڌ جو مرشد ڪامل حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ ڇايو!

محبوب ۽ محجوب، سماڄي مورت، "امي ۽ اڻ پڙهيل" سيد زادو، سادي زندگي بسر ڪندي فقر و فاقه ۾ گذاريندي، واريءَ جي ڀٽن ۾ مراقبا ڪندي، اهي عقدا حل ڪيا، ۽ باطني بصيرت سان وهي اهڙا رهاڻ رچائي ۽ پنهنجي شعور باطن سان وهي اهي سوال جواب ڪيا، ۽ اشارات فطرت سان اهي روحاني رهاڻيون رچايون، جن لطيف کي لطيف ڀٽائي ڇڏيو!

ڪتاب زندگي:-

ڪتاب زندگي جي اوراق گرداني، انساني مطالع ڪان مٿي آهي، جو ته ڪتاب زندگي جا پهريان پنا قتل آهن، ۽ پويان پيچ د رپيچ! باقي وچ وارو مضمون، تنهن لاءِ حافظ چيو آهي:-

که کس نه کشود نه کشاید، به حکمت این معمارا

ان ڪتاب کي شاهه صاحب قال جي اکرن سان نه پر "حال جي حرفن" سان پڙهيو آهي ۽ پوءِ وهي "آدون ۽ داڻون" ڪيون اٿس، ۽ مختلف سرن ۾ ۽ مختلف استعارن ۾ بيان ڪيا اٿس- بقول رومي رح

خوشتر آن باشد، که دلبران
گفته آید، در حدیث- دیگران

Marfat.com

وانگر سسئي، سهڻي، سورٺ، ليلان، مارئي کي مستعار ورتو اٿس، ۽ بيان ڪيا اٿس زندگي جا مسائل!

افسوس آهي جو ان نقطهء نظر سان شاهه کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي گهٽ ڪوشش ڪئي ويئي آهي، رڳو سندس ظاهري اکرن تي خلق حيران آهي.

"پر اکران دي وچ جو ئي اڙيا، عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا"! تي نظر آهي ئي ڪانه!

## شاهه جو ماحول ڪهڙو هو؟

اڄ کان پر صديون اڳ سنڌ تي نظر ڪجي، جڏهن نه علوم فنون جي ڪثرت هئي، ۽ نه ايجادات ۽ طبعيات جو زور هئو، ۽ نه سائنس ۽ نيچر اسٽڊي متعلق ايتري معلومات هئي، نه وايرلس جو وجود هو ۽ نه ريڊيو هو، نه ريل هئي ۽ نه موٽر، نه جهاز، نه تار پيڄو، نه پريس، نه ٽائيپ ۽ يونيورسٽي، نه اليڪٽرڪسٽي ۽ نه آبزرويٽري! نه اهڙيون فلڪ پيما عمارتون هيون ۽ نه گردن توڙ بنگلا ۽ ماڙيون!

سادي سودي زندگي، پکن ۽ ڪکن ۾ گذارو هو، لباس ۾ تصنع ۽ تڪلف نه هو:-

ڪلهن ڦاٽو ڪنڌرو متو اگهاڙو
منهن جو ڪڄاڙو پيرن ۾ پيهور ۾.

وارو حال هو، اهڙي ماحول ۾ لطيف جائو ۽ پلي ڪري آيو، سنڌ ۾ هڪ اهو لطيف پيدا ٿيو. اڄ علوم و فنون ۽ ايجادات ۽ سائنس جي ڪثرت آهي، پر وري ڪو شاهه لطيف پيدا ڪونه ٿيو.

Marfat.com

ان سون ورهن ۾، مولانا، مولوي، ملا، پير، شيخ، مشائخ، معلم، فلسفي ۽ مدرس، ماستر ۽ ڊاڪٽر، هزارها پيدا ٿيا آهن پر شاهه لطيف وري ڪونه پيدا ٿيو!

دگر دانائي راز آيد ڪه نه آيد!

## شاهه جو علم

شاهه عارفانه فڪر ۽ بصيرت جي عالم جو اهو در يڪتا هو، جو علوم اللهيه ۽ فيض يزدانيه مان مستفيد هو. هو جي موجوده تعليم ۽ تدريس جي طريقن سان پڙهيل هجي ها، ته هنن ٻن صدين ۾ سوين "شاهه لطيف" پيدا ٿين ها! شاهه ۾ واهه جو چيو آهي:

ساري رات سڄان، جاڳي جن ياد ڪيو
تن جي عبداللطيف چئي، سٿي لڌو مان
ڪوڙئين ڪن سلام، اچي آسڻ تن جي.

شاهه جو علم مڪتبي نه هو، پر وهبي هو، قلمي نه هو پر قلبي هو، ڪتابي نه هو پر لدني هو.

علم اهل - دل نه از مڪتب بود
علم اهل - دل ز خاصه رب بود

اهل دل، جو علم مڪتبن مان نٿو ٿئي، پر انهن کي خاص طور بلا واسطي رب تعالىٰ وٽان عنايت ٿو ٿئي - انهن جو قلب "جامع العلوم" ۽ "مخزن الاسرار" ٿو ٿئي ۽ سندن قلب لوح محفوظ آهي! جنهن ۾ ڪتاب حقيقت محفوظ آهي - في لوح محفوظ!

Marfat.com

اڄ سڀڪو شاهه شاهه ٿيو ڪري، پر ڪا ٿھر ڪانه آهي جا اسان کي ڪن ڪان وٺي "سبق سور" جو پڙهائي، ۽ سمجهائي ته اهو سور ڇو دستور اوهان ۽ اسان کان ٻري آهي.

اڪران دي وچ جوئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا.

عشق اسلام آهي-

عشق اسلام آهي ۽ اسلام عشق آهي. عشق جو دشمن عقل آهي، ۽ اهوئي عقل ڪفر آهي. جيئن اقبال چيو آهي-

اگر ہے عشق تو ہے کفر بھی مسلمانی،
نہ ہو تو مرد مسلمان، بھی کافر و زندیق!

عشق آهي ته ٻوءِ ڪفر به مسلماني آهي. پر عشق نه آهي ته ٻوءِ ڏالي جي مسلماني به ڪفر آهي ۽ الحاد ۽ زندق آهي. اڄ به ڏالي جي مسلمانن ۾ رڳو ڪٿر آهي منجهن عشق الاهي ڪو نه آهي. ٻيا وري غلط علم تي مست ۽ ڏاران آهن ۽ عشق کان ٻري!

علم ڇا آهي-

اهو ظاهري علم ناڳ، آهي، جنهن ڪئين عالم فاضل ڪائي کپائي ڇڏيا آهن.

"علم را برتن زنی مارے بود"

اڄ علم کي هر ڪنهن پنهنجي پيٽ جو ذريعو بڻايو آهي تنهنڪري اهو علم ناڳ، ٿي پيو آهي، جو پيو ٿو ڊنگي ۽ ڪائي!

اڄ تہ الا ماشاءالله ھر ڪنھن کي علم جون "لنڊيون ۽ ڪپڙ" پيا ڏنا ڪائين. پچل تہ ڪو نہ ٿو ڏسجي. اھو علم جنھين عشق جي قبضي ۾ اچي ۽ دل جي بصيرت جي تابع ٿئي، تنھن :

علم را بر دل زني ياري بود

تنھن اھو علم يار ٿو بڻجي. قاضي قاضن چيو آھي تہ :-

سيئي سيلھ ٿيام، پڙھيام جي پاڻان
اکر اڳيان ايري واڳون ٿي ويام

قاضي قاضن "اکرن کي واڳو" سڏيو آھي. جو اھو ۾ تنھن سڏيو اٿس، جنھن عقل جي انڌ ۽ علم ظاھري جي انڌ جون پنبون لٿيون اٿس.

جوڳي ۽ جاڳايوس ستو ھوس ننڊ ۾
تھان ھوءَ ٿيوس سندي پريان پيچري.

اڄ ڪنھن عارف ۽ جوڳي جي زنده صحبت جي ضرورت آھي. رڳو لکين ڪتابن مان ڪجھ نہ ورندو! شاھ صاحب صاف صاف فرمايو آھي :

اکر پڙھ الف جو ٻيا ورق سڀ وسار
اندر تون اجار - پنا پڙھندين ڪيترا.

تمام سھڻو بيت آھي. سچ ۾ اھو آھي. ٻيا سڀ ورق وسارڻا آھن. ۽ ٻين پنن کي پڙھڻ مان پورت ڪا نہ ٿيندي "اندر جو اجر" گھرجي. اھا ساڳي ڳالھ رومي صاحب ڏني آھي :

صد كتاب وصد ورق درنار كن
روئے دل را جانب دلدار كن

L (IV) 642—16

پر اڄڪلهه ته انسان وٽ گهڻا ڍير آهن، دماغي ڏوڪيبازن جا سوين ڪتاب لائبريرين ۽ ڪتبخانن ۾ موجود آهن جي زهر ۽ ڏانگ، آهن. انهن کي هو مذهب سڪرٽ ڪانسواءِ هٿ نه لائجي. ڪنهن جوڳيءَ کان مذهب سکي، پوءِ انهن کي مٿهن ڏجي. اڄ ائين نه آهي، نه مذهب تا چاڙهن ۽ نه دلين ۾ نور آهي، دماغي ڏکن تي ويٺا زندگي صرف ڪن ۽ ڏانگن کان ڏنگجن.

کهڙو قلم گهرجي-

مان علم ۽ قلم ظاهريءَ جي خلاف نه آهيان. تنهن جو مطلب آهي ته اهو قلم جو قلب جي تصرف سان لکي، اهو "قابل مطالعه" آهي ۽ باقي باطل آهي جنهنکي ڇڏي ڏجي. اهڙي قام لاءِ شاهه چيو آهي:

کهڙي ڪاتب تو ڪرين مٿي پنن پيهه،
جي ورق وارين ويهه، ته اکر مڙوئي هڪڙو.

علم غير نافع-

اهو علم جو "غير نافع" آهي، تنهن کان رسول ڪريم صلعم پناهه گهري آهي. چيو آهي:

اللهم اني اعوذ بڪ من علم لا ينفع

غير نفع بخش اهو علم آهي جو "حقائق الاشياء" کان محروم ڪري ۽ الله تعاليٰ جي "محبت ۽ عرفان" کان غافل رکي، مجرد طور "في ذاته علم نه نافع آهي ۽ نه غير نافع،" نافع ۽ غير نافع علم جو نتيجو ۽ اثر آهي. حق تعاليٰ جي معرفت خود "جامع العلوم" ۽ "جامع المعارف" آهي. اهڙي علم

Marfat.com

واري لاءِ جائز آهي، تہ هو ڪتاب بہ پڙهي، ۽ مختلف علوم ۽ فنون بہ مطالع ڪري. درياءَ بہ گهرڻ لاءِ تارو ڪي اجازت آهي باقي اڻ تارو تہ ٻڏي مرندو!

دنيا سڀ درياءُ، ڪوڪو تارو تنهن ۾

تارو مان مطلب آهي، "راسخون في العلم،" يعني اهي جن کي دنيا جي معاملات ۽ تعلقات ۽ ظاهري علوم ۽ فنون، غافل نہ ڪن، ۽ علم حقيقي ۾ راسخ هجن.

باقي رڳو ظاهري علم وارا ڀلي تہ قرآن جا حافظ هجن يا عالم هجن، شارح هجن يا ڪاتب هجن، حق تعاليٰ جي محبت کان دور آهن. انهن مان هڪڙا ڪنز، قدوري ۽ ڪافيا، ۾ "نحو ۽ غرق" آهن تہ ٻيا "جاميٽري ۽ الجبرا" "رياضي، ۽ جاگرافي" ۾ غافل ۽ مدهوش آهن. حقيقت تہ ڪنهن ٽئين هنڌ اچي ٿي!

ڪنز قدوري ڪافيا ڪڏهن ڪو نہ پڙهيوم

۽:- لوڪان نحو صرف مون مطالع سپرين

غم عشق گهرجي-

اڄ دماغي عيش نہ گهرجي، بہ "غم عشق" گهرجي ۽ اها نعمت هر ڪنهن کي ڪانہ ٿي ملي.

سرمد غم عشق بوالهوس رانہ دهند
سوز دل پروانہ، مگس رانہ دهند
عمر بايد کہ يار آيد بہ کنار
اين دولت سرمد، همہ کس رانہ دهند

عشق جو ڦر پرواني لاءِ خاص آهي. اهو مکين کي ڪو نه ٿو ملي! مکيون آهن سڏڙيا ۽ بوالهوس!

سڏڙيا شراب جون ڪوهه پچارون ڪن
جڏهن ڪات ڪلالن ڪڍيا، موٽيو پوءِ وڃن
ڦڪون مي پين، سر جنين جا سٽ ۾.
(شاهه)

آخر ۾ ايترو عرض ڪندس ته اسان جي زندگي اسان کي هلائي رهي آهي. يعني اسان مجبوراً زندگي گذاري رهيا آهيون. اسان کي پنهنجي زندگي کي پنهن جي قبضي ۾ رکڻ گهرجي، جيئن زندگي اسان جي چوڻ تي هلي ۽ نه اسين زندگي جي اشاري تي مجبور ٿي هلون.

لهوارو لوڪ وهي، تون اپو وڃ اوڀار!
اهو آهي، شاهه کي سمجهڻ جو هڪ اصول!

Marfat.com

# شاھ جو شاھاڻو سخن!

## معرفت ۽ حڪمت جو بي بها خزانو!!

(مولوي حڪيم عبدالڪريم چشتي)

اسان جي سنڌ جي شاعرن جو شاهه والا جاهه ڪامل ولي الله، حضرت سيد عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ عليہ الرحمہ اهڙو وجود مسعود آهي ۽ اهڙي محترم ۽ مڪرم شخصيت آهي جنهن تي سنڌ وارن کي بجا طور فخر ۽ ناز آهي. هو نہ رڳو ادب ۽ سخن جو سرتاج آهي پر عملن جي مد نظر پڻ اعليٰ انسان آهي جو نہ رڳو دماغي نقطہ نظر موجب وڏو حڪيم ۽ فيلسوف هو، مگر باطن جي لحاظ کان پڻ صاحب دل و باڪمال ۽ نسورو نور جو ظهور هو، هو نہ رڳو هڪ سچو پڪو پورو دينداراسلام جو معتقد آهي پر انسان ذات جو سچو ۽ محب وطن سياست دان پڻ آهي، جنهن جي ڪلام بلاغت نظام ۾ دين ۽ دنيا جي بهترين تعليم موجود آهي، جنهن ۾ خالق ۽ خلق جي حقن جي تلقين ڪيل آهي، جنهن ۾ معرفت (الاهي) ۽ حڪمت (انساني) جو بي بها ۽ اڻ کٽ ۽ اڻ ڇڙ ۾ وجهندڙ خزانو آهي. سندس سخن هر لحاظ سان فصيح ۽ بليغ، مقبول ۽ معقول، عمده ۽ سنجيده آهي جنهن ۾ ظاهري خوبيون نہ بيحد ڪثرت سان آهن پر باطني ڀلايون ۾ بي شمار آهن. شاهه صاحب سنڌ جو سعدي آهي - جنهن

حضرت مولانا شيخ سعدي عليہ الرحمتہ جو ڪلام نثر خواہ نظم بي نظير آهي ۽ همہ گير حڪمتن جو حامل ۽ هرهڪ انسان کي سندس زندگيءَ جي هرهڪ منزل ۽ دور ۾ رهبري ڪندڙ، تيئن ۽ تهڙي طرح شاہ والا جاہ ڀٽائي گهوٽ عليہ الرحمتہ جو ڪلام ۾ هر انسان جو رهنما ۽ هر مجلس ۾ ڪار آمد ۽ هر وقت مفيد آهي - ڀلا ڇا آهي جو شاہ وٽ نہ آهي؟ سڀ ڪجهہ آهي! هي تہ محال آهي جو ڪنهن هڪ مضمون ۾ خود انکي ڪيترو بہ طويل ڪجي شاہ جي ڪلام تي تبصرہ ڪري سگهجي ۽ جامع طرح سندس نزاڪتون ۽ لطافتون، حسن ۽ جمال، خوبي ۽ ڪمال پيش ڪري سگهجي. تنهن ڪري رڳو چند ڳالهين کي نهايت ئي اختصار سان پيش نظر رکي ڪجهہ لکيو وڃي ٿو:-

## توحيد باري تعاليٰ ۽ شاہ صاحب.

جيتوڻيڪ حضرت شاہ صاحب هرهڪ سر ۾ توحيد رباني ۽ معرفت يزداني تي تمام گهڻو چيو آهي، پر ان ڀنڊار مان ڪي پورڙائي اسان لاءِ ڪافي ۽ شافي آهن! حضرت فرمائي ٿو تہ:-

١- اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم،
والي واحد وحدہ رازق رب رحيم،
سو ساراہ سچو ڌڻي چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

Marfat.com

٢- الله جيئن نالو، تيئن مون وڏو آسرو،
خالق تنهنجي ڪاڻ جو، پرو پاند نه ڪوءِ،
نالو رب سندوءِ، رهيو آهيم روح ۾.

٣- ڏاتار ته تون، پيا مڙئي منگتا،
ميهن مدائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهرا ڄين مون، ته ميرايئين مان لهان.

٤- تون حبيب تون طبيب، تون ڏُکن جو ڏيپ،
تون ڏئين تون لاهين تون هين هادي رب،
آهم اي عجب، جن وارئو ويڄ وهارين.

٥- تون حبيب تون طبيب، تون دارون ڪي دردن،
تون ڏئين تون لاهين ڏاتر ڪي ڏکندن،
تڏهن ڏکيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪريو انڪي.

٦- جيڪي منجهه جهان، سو تارئي تڳي تهجي،
لطف جي لطيف چوي تووٽ ڪي ڪانه،
عدل جتان نه آءُ ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

٢- شاه صاحب ڌڻي جي دربار ۾ ڪهڙيءَ ريت پاڏائي
تو ۽ پنهنجي مالڪ کي ريجهائي ٿو! سندس مناجات ۽ دعا
جو طريقو ڏسو! سندس آه و زاري پڙو!

١- پائي پاند ڳچيءَ ۾، اڳڻ جي اچن،
اوڳڻ، عيب، ڪچايون ڍڪڻ تي ڍڪجن،
تو ڏي لڪر هجن، ته ٻه معاف ڪجن ميندرا.

٢- مٺو جيئن ڌاڳو، تيئن مون وڏو آسرو،
ڪو ڌر ناهه ڇهوءِ، مون پيا ڌر گهڻا نهاريا.

٣- جيڏو تنهنجو نانءُ، پاڄهه ۾ اوڏيائي مڱان،
رتيءَ ڏهين رهيءَ ڏوڙهين، تون ڇپر تون ڄاڻ،
کڄاڙو کاڻو، توکي معلوم سڀ ڪا.

٤- ڄاڻ تون جيڏو، آهين شان شعور سان،
مون تي ڪر مهنجا پرين، توهه تسي تيڏو،
اِيءُ ڪامل ڪم ڪيڏو، جيئن نواز پڻم نگاهه سان.

٥- ۾ ڪر ڏول ڏلو، ڦالو نماڻين سين،
ڪوڻهي ڪميڻين جو، بڪر تو بلو،
تنهنجو نانءُ نلو، وڻيو ويٺي آهيان.

٦- ستر ڪر ستار، آءٌ اگهاڙي آهيان،
ڏکين ڏکوڙهار، ڏيئي پاند پناهه جو.

٣- پڇائي گهوٽ اعتماد ۽ اعتقاد ۾ پهاڙ جهڙو پختو آهي. سندس مضبوط ارادو، سندس پالڻهار ۾ آسون ۽ اميدون ته ڏسو! سندس استقلال تي ته نظر ڪريو!! رضا ۽ تسليم جي ڪيڏي نه بلند مقام تي شاهه سرفراز آهي! سبحان الله!!

١- سپيئي سپحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ٿئي تحقيق تسليم ۾، لاهي غم و هم،
ڪادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري هاڃ تو.

Marfat.com



محفل سماع جو هڪ ٻيو منظر.

Marfat.com

Marfat.com

٢- جي ايلائي نہ لهين، تہ ٻڙ ايلائيج،
آسرو م لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

٣- اي دل مڃان ماندي ٿئين، الله ٻي آهي،
سون و رهن جا سورڙا، هڪ لهڻي ۾ لاهي،
اهڙوئي آهي، صاحب منهنجو سپرين.

٤- شاه صاحب جو رسالت محمدي ۾ ايمان ڏسو! سندس
حضور انور رسول اڪرم تاجدار مدينہ صلي الله عليہ وسلم سان عقيدت
مندي ڏسو! ڏسو شاه صاحب ڪيڏي حب مان حضرت حبيب
حق جو ذڪر ٿو ڪري!

(١) جوڙي جوڙ جهان جي جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، محمد مڪائين،
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چئو چايائين،
"انا مولاڪ انت محبوبي"، ايهہ اتائين،
ڏکي ڏنائين، ٻئي سرائون سيد چئي.

(٢) جوڙي جوڙ جهان جي، ٻارڻ ڪيائين پروار،
حامي - هادي - هاشمي سردارين سردار،
سونهين صحابن سٿ ۾، منجهہ مسجد مٽيا دار،
جاري جڳا جوڏار، هوا هيڪاندا حبيب سين.

(٣) وحده لا شريڪ لہ، جڏهن چيو جن!
تن محمد ڪارڻي هيجان ساڻ هنئين،
تڏهن منجهان تن، اوتڙ ڪونہ اوليو.



Marfat.com

٥. شاھ صاحب انسان کي الله ۽ رسول جي اطاعت ۽ فرمان برداري بابت ڪهڙي نہ سهڻي نموني هدايت ڪري رهيو آهي ۽ ڪيس عمل جو پيغام ڏئي رهيو آهي؟

(١) وحده لا شريڪ لہ چؤ چوندو آءٌ
فرض، واجب، سنتون، تنئون ترڪ م پاءِ،
توبہ سندي تسبيح، پڙهي سا پچاءِ،
نـڱا پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راھ سونهاءِ،
سپيرين جي ڳالهڙي، هئي هنئين سين لاءِ،
تہ سندي دوزخ باھ، تو اوڏيائي نہ اچي.

(٢) وحده لا شريڪ لہ، اي وهائج ويءُ،
گڏين جي هارائين، تہ هنڌ تنهنجو هيءُ،
پاڻ چوندءِ پيءُ، پري جام جنت جو.

(٣) جا سنهون ڪتڻ نہ سڪي،
سا مر رنبائي روڙي،
صراف ان سٽ کي پڻ نيندا توري،
ٿهلي ۽ ٿوري، ويچارئي وڙ ڪندا.

(٤) جي پائين جوڳي ٿيان تہ سڳ سيپئي ڇڏ،
اوڏو ٿيءُ الف کي، من ميم سين گڏ،
هتان لاهوتي لڏ، تہ گرسان گڏجين ڪاپڙي.

(٥) پوڪٽي ٿي تہ پوکر، نہ تہ مند وينديءِ گذري،
جڏهن لڻندو سڀ ڪو، تڏهن سڪنديءُ سنگ ڪاڻ.

Marfat.com

٦. جيئن عرض ڪري چڪو آهيان ته شاه صاحب جو ڪلام اڻ کٽ حڪمتن جو خزانو آهي ۽ ان ۾ سڀ ڪجهه آهي ۽ شاه صاحب جي ڪلام تي هن مضمون جي ذريعه ڪيترو تبصره ڪري سگهبو؟ رڳو سعادت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ۽ ڀاڳ ڪي حضرت ڀٽائي جي عقيدت مندن ۾ ڳڻائڻ خاطر هي ٿورڙو بيان لکي رهيو آهيان، تنهن ڪري هيٺئن مان اعلي حضرت شاه عبداللطيف جي ڪلام مان رڳو اهي ڪي مصرع ڳولي عرض رکان ٿو جي هروقت ۽ روز مره محفلن ۽ مجلسن ۾ ڀهاڪن ۽ ضرب المثال طور ڪم اچن ٿا. اوهان انهن جي چستي، بندش، عمدگي، شگفتگي، حسن ڪشش ۽ حڪمت تي نظر ڪريو! هڪ هڪ مصرع ڪهڙو نه دلچسپ ۽ روح پرور آهي؟

(١) جن کي حب هنئين ۾ آه، ساهڙ ساڻي تن جو.

(٢) ڪين ماڻيندا من ۾ خودي ۽ خدا.

(٣) پاڻي مٿان جهوپڙا مورک اچ مرن.

(٤) پيرين پند وسار، هل هنئين سين هوت ڏي.

(٥) هوت توکان هڏ پرين پراهون ڪينڪي.

(٦) اڳهي جن لوري ڏونگر سي ڏوريندئون.

(٧) جي مٿان هوت مرن، هوت تنهين جي هنج ۾.

(٨) ور پنهون سان ٻلڪ، ٻن ٻارنهه ماه ٻين سين.

(٩) مري جيئين ته ماڻئين جانب جو جمال.

(١٠) مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات.

(١١) سمر جن نه ساڻ، هوت حمائتي تن جو.

(١٢) واکا منهنجي وس، پڌر ڪم پروچ جو.

(١٣) ڏکن پنيان سک-، سگهو ملندء سسئي.

(١٤) تيڏي پسي تي، هوت آهي هڪڙو.

(١٥) واريء سندو ڪوٽ، اڏي اڏ پيندي ڪيترو.

(١٦) ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سولهي.

(١٧) سي ڪيئن پرين پسن، ڪنڌ جن اکين ۾.

(١٨) سوکي پائي سپ کي، اوڪئ تون هين تون.

(١٩) تو جنهين جي تات، تن پڻ آهي تنهن جي.

(٢٠) ماڻهو گهرن مال، آءَ سپ ڏيڻهن گهران سپرين.

٧. آخر ۾ مضمون کي حسرت سان ختم ڪندي عرض ڪندس تہ بيشڪ ڀٽائي صاحب جي ملڪ ۽ ملت ۾ عزت ۽ توقير جهجهي آهي، پر جيئن عام طرح خلق، اصلي شئي کي وساري ويندي آهي ۽ رڳو رسم، رواج جي پرسش ڪيندي رهندي آهي، تيئن شاه جو ڪلام جيو ۽ پڙو تہ گهڻوئي ٿو وڃي، پر ان جي حقيقت کان عام طرح خلق پري پيل آهي. "ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهہ يار". ڪاڏي شاه عبداللطيف ۽ ڪاڏي عام خلق جو خيال! شال الله پاڪ اسان کي حق شناس ۽ حقيقت آگاه بنائي.

(آمين)

Marfat.com

# شاه جي رسالي جي تصحيح.

(جناب سيد لطف علي شاهه منظور)

تحقيق جي تقاضا آهي ته جنهن شيءِ جي تحقيق ڪئي وڃي ان کي هر زاويءِ نظر کان چڱيءَ طرح ڏٺو وڃي، تاڪ سندس ڪو اهڙو جزو رهجي نه وڃي، جيڪو ظاهر نه ٿيو هجي. ان تحقيقي نظر سان ڏسبو ته سنڌ جي بلند پايه شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شايع ٿيل ڪلام جڙ ته هزارن غلطين جو مجموعو آهي. ائين هرگز نه آهي ته ڪو اهي غلطيون شاه صاحب جن کان سرزد ٿيون آهن، بلڪ اهي غلطيون شاه صاحب جن جي ڪلام کي غلط پڙهڻ وارن ۽ غلط شايع ڪرائڻ وارن جون لغزشون آهن. انهن ۾ مولفن جي وڏي ۾ وڏي غلطي هي آهي جو ڪين جيڪي ڪجهه گنج مان مليو آهي سو بي ڪم و ڪاست يا معموليءَ ڪميءَ سان شايع ڪيو اٿن. سندن نازڪ طبيعتن ڪڏهن به اها تڪليف گوارا نه فرمائي آهي ته تحقيق ڪري ڏسن ته آيا شاه جو ڪلام رڳو اهو آهي جيڪو اسانکي گنج مان مليو آهي يا ان کان وڌيڪ به آهي؟ حتيٰ ڪ ڊاڪٽر گربخشاڻي به هن غلطيءَ جو فريبه شڪار نظر اچي ٿو. پاڻ هڪ هنڌ چاڙهيو اٿس ته ”ڪرار ڏنل ۾ شاه صاحب جي ڪلام پڙهڻ کان پوءِ جيڪو


سُر سسئي

بسم الله الرحمن الرحيم

شاه جي رسالي پٽ واري نسخه ”گنج“ جي پهرئين صفحه جو عڪس.



مشهور جرمن عالم ڊاڪٽر ٽرمپ جي مرتب ڪيل شاه جي رسالہ جي جرمني ڇاپي جي صفحه جو عڪس.

هتي آءٌ ڪي بيت اهي پيش ٿو ڪريان جيڪي سيٺي رسالن ۾ اڻپورا ڏنل آهن ۽ ڪي بيت اهي اُڪان ٿو جيڪي شاهه صاحب جن جا آهن پر رسالن ۾ شايع ٿيل نه آهن. مثلاً هيٺيون بيت سيٺي رسالن ۾ سُر ڪاموڏ ۾ ٻن سٽن ۾ هيٺئن آيل آهي ته

گند جنين جي گوڏ ۾ مٿي تي موڙيون
اڄن سنهپوڙيون سمي جي سلام تي.

پر اهو بيت اصل ٽن سٽن جو آهي. رسالن ۾ ڪنهن جو اڌ ڪٽيو ته ڪنهن جو اڌ ڪٽي ڏئي مڙئي ڪن گهٽائي ڇڏيو اٿن. اهو بيت هيٺئن آهي ته

گند جنين جي گوڏ ۾ ڪلهن تي ڪوٺيون
اپاڙي جي ان جون مٿي تي موڙيون
اڄن سنهپوڙيون سمي جي سلام تي.

انهي مختصر صحت سان بيت کهڙو نه واضح ۽ عمدو ٿي پيو آهي ته گندريون سمي جي سلام تي اڄن ٿيون ته گند (نيلوفر جي پاڙ) گوڏ جي جهوليءَ ۾ وجهيو، ڪلهن تي ڪوٺيون (نيلوفر جون مکڙيون) ۽ مٿي تي اپاڙي (ڪم جي ان) جون موڙيون سوکڙي ڪنيو اڄن ٿيو ته سنڌن ساٿيهر ۾ انهن کان سٺيون سوکڙيون آهن ئي ڪونه.

وري سرديسيءَ جي جهين داستان ۾ سيٺي رسالن ۾ هڪ بيت ٽن سٽن جو هيٺئن آيل آهي ته

ڪرڙا ڏونگر کهر گهٽي جت واٽن تي واري
آڏا لڪ لطيف چئي پر سڄڻ ڀاري
جا منزل جي ماري سا ڦادر ڪيچ رسائيين.

L (IV) 642—18

هن بيت ۾ صحيح اول ست ۾ "جت" جي بدران لفظ "ٻي" آهي آخرين ست ۾ "رساڻيين" غير فصيح آهي أني لفظ "رسائين" آهي ان کان سواءِ اهو بيت حقيقت ۾ چئن سٽن جو آهي جو هيٺئن آهي ته

کرڙا ڏونگر ڪھ گهڻي ٻي واٽن تي واري
آڏا اڪ لطيف چڙهي پيا برسڄن ٻاري
برهمڻ بلوچ لڳ ڪڙهي تي ڪاري
جا منزلن ماري سا ڪاوڙ ڪيچ رسائيين.

حقيقت ۾ اهائي هڪ ست "برهمڻ بلوچ لڳ ڪڙهي تي ڪاري" بيت جي جان آهي. ڪو ماڻهو گهڻي تڪليف ڪندو آهي ته سندس منهن مان ئي ظاهر ٿي پوندو آهي. شاه صاحب جن سسئي جي تڪليفن جو ذڪر ڪندي چون ٿا ته پنهونءَ جي ڳولا ڪندي جهنگ، جبل جهاڳيندي اس ۾ سڙندي سسئيءَ جو رنگ ئي ادامجي ويو آهي، هاڻي اي جامع المتفرقين انهي منزلن جي ماري کي ڪرم سان ڪيچ پهڙو ڪر.

انهن مختصر درستين کان پوءِ آءٌ ڪجھ اهي بيت پيش ڪريانٿو جيڪي اڄ ڪلھ جي رسالن ۾ ڪين آهن بلڪ ماڻهن جي سينن تي اڪريل آهن، جن تائين مؤلفن جو هٿ رسي نه سگهيو آهي. هي سر معذوريءَ جي سٽين داستان جو هڪ بيت آهي جو ڪنهن به رسالي ۾ ڪونهي شاه صاحب جن فرمائين ٿا ته

ولاڙيو وٽين چڙهي ڏسڪيو جهلي ڏار
پيلائي پهڪي آئيا ڪري ڪانيوءِ مان قطار

ڏيو شيهن شڪر ڪري ۔ پانئين ڪرڻ جا ڪپار
اڪن مان لطيف چئي ۔ نميو ڪري نهار
هو جي گڙيا منجهه گيندوار ۔ سي پانئيين ات پلوچ جا.

قدرت بيان ۽ طرز ڪلام پڌائي رهيا آهن ته يقيناً اهو بيت شاه صاحب جن جو آهي ۽ ان کان سواءِ سندن نالو خود پڌائي رهيو آهي ته اهو بيت سندن آهي. ان کان سواءِ هڪ ٻيو بيت جو ديسي سرجي سڀين داستان جو آهي پر ڪنهن به رسالي ۾ شايع ٿيل نه آهي سو هيٺئن آهي ته

اٿيس آءٌ اوير ۔ هوت سنجهي مان سنج ڪري ويا
لائي جو لطيف چئي ۔ پرهه نهاريان پير
پلي ڏمريا ڏير ۔ جو وري نينهن نئون ٿيون.

ڪهڙو نه عمدو بيت مؤلفن جي نظر کان رهجي ويو آهي. آخر ۾ هي ٿيون بيت پيش ڪريان ٿو جو حسيني سر جي ڇهين داستان جو آهي، پر غير مطبوع آهي. شاه صاحب جن فرمائين ٿا ته

تن سورن کي شاباس ۔ جن گهنگهر موسان گهاريو
هو تن ڏي نا هڪڙي ۔ سڀ هماري پاس
جڏهن آءٌ ميياس ۔ تڏهن هو ويچارا وري ويا.

آخر ۾ آءٌ شاه صاحب جن جي رسالي کي وري ڇپرائڻ وارن کي عرض ڪريان ٿو ته جي شاه جو ڪلام هٿ ڪرڻو اٿو ته تن آسانين کي ڇڏي، پهاڙين ۾ گهمو ته اهو خزانو هٿ اچيو، ورنه انهي رسالي جو به اهوئي حشر ٿيندو جو ٻين رسالن جو ٿئي پيو.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمة جي شاعرانه عظمت.

(ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل)

هر ڪنهن ملڪ، هر ڪنهن ٻولي ۽ هر ڪنهن طبقي ۾ شاعريءَ جو مذاق جدا هوندو آهي. ايشيا ۽ يورپ جو مذاق جيترو مختلف ۽ متضاد واقع ٿيو آهي اهو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. رڊيارڊ ڪپلنگ، انگلستان جي هڪ مغربي شاعر ته صاف لفظن ۾ چئي ڏنو آهي ته مشرق مشرق آهي ۽ مغرب مغرب، ٻنهي جو پاڻ ۾ ڪڏهن به ميلاپ ٿي نٿو سگهي. ساڳئي طرح عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ انگريزي جي شاعرانه رنگ ۾ اختلاف آهي، بلڪ ساڳئي زبان جي سخنورن، شاعرن ۽ سخن جي استادن جي ادبي ۽ شاعرانه مذاق ۾ به نمايان فرق نظر ايندو. تنهنڪري سنڌي شاعريءَ کي انگريزي شاعريءَ جي معيار تي پرکڻ سراسر غلط آهي. هتي هڪڙو نڪتو غور طلب آهي ته اسانجي تعليمي نظام جي خوبي ته ڏسو ته جيڪي ماڻهو پنهنجيون حياتيون علم حاصل ڪرڻ جي پٺيان وڃائي، يونيورسٽي جون ڊگريون حاصل ٿا ڪن تنهن ۾ ڪيترا پنهنجي ٻولي کان ناواقف ۽ پنهنجي ادب کان نا آشنا آهن.

اسان ڀيرين ڀيرين، پنهنجي زبان سنڌي ۾ ئي ڪولي ۽ سنڌي ئي پنهنجي امڙ جي هنج ۾ سکي، پر جڏهن ڪنهن معمولي

جوڻ موجب شاهه صاحب فطرت جو گهڻو اڀياس ڪيو هو ۽ انساني طبيعتن جو چڱو مطالعو ڪيو هئائين، تنهنڪري مغربي شاعرن جي طرز مطابق اهو پورو لهڪي ٿي آيو. هاڻي اصليت جا مثال پيش ڪجن ٿا:-

(١) تانگهي ۾ تاڙي پڌ پنهنجو ترهو
اُونهي ۾ آڏي ڪو نه ڏيندءِ ڪو پيو!

(٢) نيهائيءَ ڪان نينهن، سڪ منهنجا سڄڻين
سڙي سارو ڏينهن، پور پاڻ نه نڪري.

(٣) آدمين اخلاص، متائي مانو ڪيو
ڪو نه ڪائي ڪڏهين، سندو ماڻهو ماس،
دلبر هن دنيا ۾ وڻو آهي واس
پيو سڀ لوڪ لباس، ڪوهڪ هوندو هيڪڙو.

شاهه صاحب جي طرز بيان ۽ حسن ادا ۾ اصليت ڏسڻي هجي ته سامين، سنياسين، صرافن، وينجهرن، سونارن، لوهارن، ڪاتبن، ملاحن، سوداگرن وغيره جي سيرت، سهڻي جي همت ۽ جرئت، ليلان جي گهيلائي ۽ پڇتاءُ، سسئي جو سوز، مومل جي عيش مزاجي، گندري جي خوش نصيبي جا بيان پڙهي ڏسو ته معلوم ٿيندو ته ڪلام ۾ اصليت چاڪي جنجي ٿو.

شعر جي ٽين خوبي ملٽن جي نظر ۾ جوش آهي يعني انهجو اهو مطلب نه آهي ته شعر ۾ جوشيلا لفظ هجن بلڪ شعر سامعين جي دلين ۾ جوش پيدا ڪرڻ ۽ ڪيف طاري ڪرڻ جي خاصيت رکندو هجي. اصليت ڪانسواءِ شعر ۾ جوش جو هجڻ ناممڪن

آهي. جوش کي شعر سان اهو لاڳاپو آهي جيڪو تندرستيءَ جي نبض رت سان آهي.

جدت ۽ بلند خيالي، نزاڪت ۽ باريڪي، سوز ۽ تڙپ شعر ۾ جوش پيدا ڪن ٿا. انهيءَ نقطئه نظر سان جيڪڏهن شاه جو ڪلام ڏسبو ته اُنجي ڪلام ۾ اهي سڀ خوبيون تمام گهڻيون موجود نظر اينديون ۽ شاه صاحب ڪيترن مشرقي ۽ مغربي شاعرن کان اڳتي وڌيل نظر ايندو.

جوش جا مثال:-

١- گهڙو ڀڳو ته گهوريو، ڀڃي ته ۾ گهڙي
محبتي ميهار سين اٿم جيءُ جڙي.
دل ۾ تنهن دوست جي چٽڪي نت چڙي
ڪڏي ڀئس ڪن جيءَ آرن منجهه اڙي
موجن ۾ مهراڻ جي لڏيس ڪين لڙي
ساهڙ ڪاڻ سڙي، لڪان لهرين وچ ۾.

٢- هل منهين سين هوت ڏي جيڏ چل ۾ تون
منجهان لڏو مون، ڪوهيارو ڪيچ ڏٺي.

٣- ڪاري رات، ڪچو گهڙو، اُٿيهه اونداهي،
چند نالو ناهه ڪو، درياه دڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سوهڻي آڏي تي آئي،
اي ڪم الاهي، نات ڪنهن ۾ ڪير گهڙي؟

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته جدت شعر ۾ جوش پيدا ڪري ٿي. جدت جو مطلب آهي ته شاعر ڪنهن خيال کي پنهن

ڪورين جي ڏندي مان ڪيئن نہ شاھ صاحب سبق ڏنو ٿي.
اميري اھا ڳنڍ آھي جا اڻٽر مھل جڏھين ڪا ٽنڊ ٽٽي پوندي آھي
تڏھين ڪوري ڇپٽيءَ سان ڳنڍي ڇڏيندو آھي. ان مان معلوم
ٿيندو تہ شاھہ صاحب ھميشہ ڪائنات ۽ فطرت جو گھرو مطالعہ
ڪندو ٿي رھيو ۽ ان مان عجيب روحاني سبق ڏيندو ٿي رھيو.
بلنديءَ خيال، نزاڪت ۽ باريڪيءَ جو مثال ڏسو جو ڪپڙي سبڻ
جي سئي مان بہ سبق ٿو پرائي:-

پاڇا ھي نہ ٻاڙيان، سر تئين سئيءَ ساڻ؛
ڍڪي اگھاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ.

سوز، درد، تڙپ جيڪا شاھہ صاحب سھڻي، سسئي ۽ مارئي
جي بيتن ۾ ڪتب آندي آھي سا ٻئي ڪنھن بہ سنڌي شاعر پنھنجي
ڪلام ۾ نہ آندي ھوندي.

(١) ڏونگر ڏوراھو؛ پھرين جونديس پري ڪي؛
پھڻ پير پٿون ڪيا، ترپون ڇنيون تو،
رحم نہ ھئيءَ روح ۾، قدر منھنجو ڪو،
واڪو ڪنديس: ''وا! مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري''

(٢) واجھائي وطن کي ساري ڏيان ساھہ
بت منھنجو بند ۾، قيد م ڪريجاھہ
پوڏ پھاڻي پريءَ ري، ڏار م ڏريجاھہ
ٿڌي وسائجاھہ ٿرن جي، مٽي مٿيءَ مٿاھہ
جي پويون ٿئي پساھہ، تہ نجاھہ مڙھ ملير ڏي.

(٣) ڪانڌي ڪنگ ٿياس، وھڻ جنازو سوھڻي،
ڳچھا جي پيتن جا، ڪلا تن ڏناس،
اڪيين ملڪ ڏناس، توءِ من ڪاڇ و مھار ڏي.


بسم الله الرحمن الرحيم

اول الله عليم اعلى عالم جو ڌڻي قادر پنهنجي
قدرت قائم آهه قديم والي واحد وحده رازق رب
رحيم سو ساراهه سچو ڌڻي چئي حمد حكيم كري
پان كريم جوڙ جوڙ جهان جي بيت وحده لا شريك له
جا سڃاڻي ائين تان منجهه محمد كارڻ نور تو منجهانئه
تان تون مڃو كين نانهي سر پيٽنگي بيت وحده لا شريك له

مير عبدالحسين سانگي واري قلمي نسخه شاه جي رسالي
جي پهرئين صفحه جو عڪس.

Marfat.com

شاه صاحب جي هيٺين جذباتي بيتن تي غور ڪريو ۽ داد ڏيو:-

۱- مَنيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهه م ڪرهو،
مون نماڻيءَ جي نجهري ٻيرو ڪج ٻار،
ساڄن توهان ڌار، ڏنم ڏينهن قيام جو.

۲- ٻاچي ٻاڙي واريون، ڪوه ڪريندو ڏم،
ڪاري رات ڪنن ۾، آه ڪاٺيارن ڪم،
هيءُ هڏ ۽ چم، گهورئو محب مهار تان.

۳- ڍولا! ڍيل م مون، ڪانڌ! ڪميڻي آهيان،
مڪ تنهنجي سپرين! ٻيري وڏيس ٻون،
مون ور تهين تون، تو، ور! وهون ڪيتريون.

شيڪسپيئر جو به قول آهي ته "ديوانو، عاشق ۽ شاعر تيئي تخيل جي قوت مان مرڪب آهن. هڪڙي جنهن کي ايترا شيطان نظر اچن ٿا جنجي وسيع دوزخ ۾ به گنجايش ڪانهي تنهن کي مجنون چون ٿا."

"عاشق اهڙو ديوانو آهي جنهنکي هيلان جو حسن، مصر جي ابرو ۾ نظر ٿو اچي". "شاعر جي اک هڪ مستانه گردش ۾ عرش کان فرش ۽ زمين کان آسمان تائين ڏسي ٿي ۽ جيئن جيئن تخيئل انهن شين کي پيدا ڪري ٿو جنجون شڪليون معلوم نه هيون تيئن تيئن شاعر جو قلم به کين هستيءَ جو لباس ڍڪائي کين عدم مان وجود ۾ آڻي ٿو."

ساريان کان سوير ۾ طاقت توهان ڏار،
ساهڙ چام ستار، سگهو رسج سير ۾.

٢- دهشت ڏوم درياه ۾ جت ڪڙڪا ڪن ڪرين،
پڇل پانڌي پار ۾ لهريون لوڏا ڏين،
ستاور ساميا جت سيٽاهيانر سنديون،
جت ويريون وات نه ڏين اُت ساهڙ سير لنگهائين.

وري جتي سسئيءَ جي سيرت ڏيکارڻي اٿس اُتي روح ۽ راڙي کان ڪم ورتو اٿس ۽ اهوئي نقشو چٽيو اٿس. شاه صاحب جي جدت پسند طبيعت کي جاچيو ته ڪيئن نه پرزور ۽ اثرائتي نموني ۾ خيالن جي اندر تازگيءَ جي ڪيفيت پيدا ڪئي اٿس.

١- ڏونگر! تون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايون ڪرين،
مون تن اندر تيئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو.

٢- آئون نه گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سڄ،
آئون جي ڏينءَ سنيها، نيئي پريان ڏج،
وڃي ڪيچ چئج ته "ويچاري وات مئي."

٣- حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
لڳي مات مرن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ پري، اوير اُپري ڪين ڪي.

سسئي جي طبيعت ۾ سهڻي وانگر مستقل مزاجي نه آهي. ڪڏهن ڪوڪن ۽ ورلاپن واري حالت آهي ته ڪڏهن سهڻ جي طاقت ڏيکاري ٿي -

١- اڄ اُت رڙن، مون ڀيري ماٺ ٿي،
پلاڻيندي، پاڻ ۾، ڪڇئو ڪين ڪنن،
ڪاڄا مام مٿن، هن ڀڙ هئي هن سين.

٢- ڏونگر! ڏکوئين کي، دلاسا ڏجن،
گهڻو ڀاڃهي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪنءِ سندا تن، ڀڻ! پير ڏکوئين.

٣- ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهين ڏنم ڏک،
سي سڀ پائيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

شاهه صاحب جيڪي جهر جهنگ، جبل ۽ ماڙيون، ميدان ۽ ڪوهستان، گل ڦل، وڻ ٽڻ، پوتا ۽ گاهه پاڻ گهمي ۽ جاچي ڏٺا هئا تنهجو اهڙو ته نقشو چٽيو اٿس جهڙو سر والٽر سڪاٽ پنهنجي نظم راڪبي ۾ ڪڍيو آهي. ڪٿي به هن اصليت کي هٿان نه ڇڏيو آهي، جا سندس امتيازي خصوصيت آهي جنهن کيس دنيا جي عظيم شاعرن جي صف ۾ بيهاريو آهي. جيڪڏهن سندس منظر نگاري ۽ فطرت نگاري ڏسڻي هجي ته ڏسو سر سارنگ ۾ برساتي نظارا، سر مارئي ۾ پٽن، ميدانن ۽ برسات جا منظر، سر سامونڊيءَ ۾ دريا جو نظارو، سر سهڻي ۾ دريا جون لهرون ۽ ڪنن جا ڪڙڪا، سر آبري، معذوري، ديسي ۽ ڪوهياري ۾ جبلن ۽ ڪوهستان جو نقشو، سر ڪاموڏ ۾ ڍنڍن ۽ ڍورن جي رونق وغيره —

جيتوڻيڪ هومر به پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ فطرت جو نقشو خوب چٽيو آهي مگر شاهه جي فطرت نگاري ته ڏسڻ وٽان آهي. يورپ

وارا مشرقي شاعرن تي اهو الزام ٿا ڏين ته انهنجي شاعري ۾ نيچرل شاعري ڪانه هوندي آهي پر جيڪڏهن شاهه جي شاعري کان روشناس هجن ها ته کين معلوم ٿئي ها ته ڪيئن نه سنڌ جي شاعرن جو سرتاج اعليٰ درجي جي نيچرل شاعري ڪري ويو آهي جا يورپ جي ان قسم ۽ ٻي هر ڪنهن قسم جي شاعري کان ڪنهن به طرح گهٽ نه آهي. اسان مٿي منظر نگاري جا ڪيترا مثال ڏيئي آيا آهيون هتي ڪي ٿورا ڏجن ٿا.

برسات جو منظر

(١) اڄ پڻ اتر پار ڏي تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنباهيا سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا.

(٢) اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏ ڦڙو ٿهڪن ٽيون تاريون،
لٿيون لڪ، لطيف چئي ڍايون ٿا ساريون،
پاڇنديون پتاريون وري وٿاڻ آئيون.

(٣) ٻر وٺا ٿر وٺا ونيون ترايون،
ٻوهر جا ٻٽن تي ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ ٻيرين هنڌڙا سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن ساهيون ٻولاهيون رايون،
پانهيون ۽ پايون پکي سونهن پانهنجي.

وڻڪار جو نظارو:-

(١) وڏا وڻ وڻڪار جا جت چتون چانگارين،
منزلون مين جيون معذور کي مارين،
واڳون شل وارين هوت سلامت سپرين

(٢) وڏا وڻ وڻڪار جا جيون جت جيهان،
منزل دور، من تنها اُت ٻوليون ڪن ٻيهان،
رائي ٻير رت ڪيا لڳي اڪ ڏينهان،
اڪن جيون ليهان، لوڙيان لال لطيف چئي.

(٣) وڏا وڻ وڻڪار جا، جت جائو جمر جر،
ڪوسا تپن ڪڪرا، ٻي دمدم تپي ڌر،
ويچاري ڏئي ور ٻير نہ لهي ٻرپن جو.

سهڻي جو ٻنڌڻ :-

(١) گهڙي گهڙو هٿ ڪري الله تهار،
چنگهہ چرڪي وات ۾ سسي ڪي سهسار،
جوڙا ٻيڙا چڪ ۾ لڙ ۾ لڙهيس وار،
لڪين ڇهنيس لوهڻيون ٽيلهيون ٽرنئون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، ٻاڳا ٽيندي سهڻي.

رچيسٽر جي راءِ آهي تہ "گهڻا نازڪ ۽ پاڪ جذبات اهڙا بہ آهن جيڪي جسماني ويس ۾ ظاهر نہ ٿا ٿين پر فرشتن جي وجود وانگر اسانجي باطني دنيا ۾ لين ٿا ۽ گهڻا خوبصورت ۽ خوش رنگ گل آهن جنهنجو ٻج نٿو ٿئي ۽ اهي سڀ، اسانجي خوش قسمتي آهي جو نظم ايجاد ٿيڻ سببان انجي وسيلي هستي جي لباس ۾ نظر اچن ٿا ۽ انهن گلن جي خوشبو سان اسانجا دماغ ترو تازه ٿين ٿا".

شاهہ ٻنهنجي ڪلام ۾ انسان ذات جي طبيعت، هر نموني جي سيرت ۽ جذبات، کي موقعي ۽ محل جي مطابق اهڙي خوبي ۽

Marfat.com

حسن سان بيان تو ڪري جو هنن جو جواب نٿو رکي ۽ يورپ جي اعلي شاعرن کي به مات ڪريو ڇڏي. حقيقت ۾ مشاهدات، احساسات ۽ جذبات جي نقاشي لفظن جي ذريعي ڪرڻ ئي ته شاعري آهي.

شاهه صاحب جي مختلف سرن ۾ جيڪي عورتون اداڪاريءَ جو فرض بجا آڻي رهيون آهن جهڙوڪ سهڻي، سسئي، مومل، ليلان، نوري، مارئي وغيره سي سڀ شاهه صاحب جي دل جون ترجمان آهن. سندس شخصيت انهن عورتن ۾ پلتيل آهي يا ائين کڻي چئجي ته انهن عورتن جي اندر شاهه صاحب پاڻ کي جدا جدا روپن ۾ نروار ڪيو آهي. شاهه صاحب پنهنجي سڄي ڪلام ۾ جابجا عورتن جو رتبو بلند ڪري ڏيکارڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي؛ اُنجي ڀيٽ ۾ يورپ جي اڪثر شاعرن، عورتن جو مرتبو ڪيرائي ڇڏيو آهي ڇاڪاڻ ته انهن جو مذهبي عقيدو ئي اهڙو آهي ته مرد جي مصيبت جو سبب عورت بڻي آهي تنهن ڪري زال ذات کي هو هميشه شڪي نظر سان ڏسن ٿا. شيڪسپيئر ته صاف لفظن ۾ چئي ڏنو آهي ته ”اي عورت تنهنجو نالو ئي خطا پذيري آهي.“ اهوئي سبب آهي جو شيڪسپيئر جي ڪيترن ڪيان ۾ عورت جو ڪردار پست ڏيکاريو ويو آهي. پر شاهه صاحب اسلامي عقيدي موجب عورتن کي ڪڏهن به گهٽ نه سمجهيو آهي بلڪ پنهنجي قصه جي راڻي (هيروئن) جي سيرت کي بلند ڪري ڏيکاريو اٿس ۽ انهن جي ذريعي پنهنجا جذبات ظاهر ڪيا اٿس:-

سيرت نگاري ۽ جذبات نگاري ڏسو:-

(١) ڪنڊا مون پيرن ۾ توڏي لڪر لڳن،
اگر آڳوڻي نه مڙي، ڇپون پير ڇڏن،
ويندي ڏانهن پرين، جتي ذات نه پائيان.

(٢) ڏئي ڏينهن تمام، ڪهڙا چاڪان ڪهڙا پرين؟
سهسين سچ اُهي، واجهائيندي ونام،
تنين سال تمام، جنين ساعت نه سهان.

(٣) گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاٽا هو حجاب،
واڄٽ وڃي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ رءَ صواب، آئون گهٽوئي گهوريان.

(٤) مٽيو وڃان مچ ۾، هائي هٽان هار،
پري جي پچار ته ميريائي مان لهان.

(٥) ميان ميندڙا! موت! بخش ڪر بڇايون،
تون گهٽڻ جو گهوٽ، مون وٽ ور توکهين هيڪڙو.

(٦) جي اوٽ لڳن لائيين، ڇيري ڇيري ڇم،
مون ڪر اڳي نه ڪئو، اهڙو ڪو جهوڪم،
جان جان دعوي دم، تان تان پرت پهنوارسين.

مغربي شاعرن شعر ۽ شاعري بابت ڪي نظريه قائم ڪيا آهن جهڙوڪ شعر ۾ سادگي، اصليت ۽ جوش جو هجڻ، شعر ۾ تخيئل، منظرنگاري، فطرت نگاري، سيرت نگاري ۽ جذبات ڏيکارڻ، شاعر ۾ ڪائنات ۽ فطرت جي مطالع ڪرڻ جو مادو هجڻ، شاعر ۾ جذبات، نزاڪت ۽ ڪلام تي قدرت هجڻ.

اهي سڀئي ڳالهيون هڪ شاعر جي شاعرانه عظمت برقرار رکڻ
لاءِ انهن هجڻ تمام ضروري آهن. اسان پنهنجي مٿين مضمون
۾ شاهه ڀٽائي عليه الرحمة کي مغربي شاعرن جي انهيءَ نظريه مطابق
پيش ڪيو آهي ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته شاهه صاحب
۾ نه صرف مٿيون سڀئي لياقتون موجود آهن پر منجهس اهي
مغربي شاعرن کان گهٽيون ۽ ڪانئن اعليٰ درجي جون آهن. اهي خصوصيتون
ئي شاهه ڀٽائي عليه الرحمة جي شاعرانه عظمت ثابت ڪرڻ لاءِ
ڪافي آهن ۽ يورپ جي اديبن جي انهن اعتراضن ٽوڙڻ لاءِ
پوريون آهن جي هنن مشرقي شاعري تي ڪيا آهن. جيتوڻيڪ
سندن اعتراضن کي ٽوڙڻ لاءِ شاهه صاحب جي ڪلام مان اجا
پيا گهڻائي ثبوت پيش ڪري سگهجن ٿا پر طوالت جي ڊپ کان
هتي انهن کي ملتوي ڪرڻو ٿو پوي.

---

L (IV) 642—21

Marfat.com

# شاهه جي نازڪ خيالي

(جناب عطا محمد حامي خيرپوري)

ڪنهن به فطرت شناس ۽ حقيقي شاعر جي شعر ۾ اصليت ۽ سادگي خواهه جوش ۽ اثر سان گڏ، تخيل جي بلند پروازي جو هجڻ به لازمي آهي، جو ته تخيل کان سواءِ شعر رواجي ۽ پست رهجي ٿو وڃي. حقيقت ۾ تخيل ئي شعر جو اصلي ۽ حقيقي جوهر آهي. شاعر جي فڪر جو پکي جيترو مٿي اڏامندو اوترو سندس شعر جو درجو به ارفع ۽ اعليٰ ٿيندو. شاهه صاحب، جو سنڌ جي شاعرن جو سرتاج ٿو ليکجي، سو به انهي ئي خصوصيت جي ڪري. سندس شعر ۾ تخيل جو دائره ايترو ته وسيع آهي جو جيترا دفعا ان کي پڙهبو اوترا نوان نوان خيال منجهس نظر ايندا، جو ته هو خيالات جي درياهه ۾ غواص جان ٽٻيون هڻي بالڪل نوان ۽ نادر موتي هٿ ڪري ڪين بديع و معاني جي سئي سان سخن جي سڳي ۾ پوئي هڪ من موهيندڙ معنيٰ جي مالها جي صورت ۾ پيش ٿو ڪري. هو فڪر و نظر جي عام معيار کي ڇڏي ڪائنات جي هر اعليٰ خواهه ادنيٰ شئي جا حقيقي اسباب ۽ عوامل دريافت ڪري انهن مان بالڪل اعليٰ ۽ حڪيمانه نتيجا پيدا ٿو ڪري - هن موقعي تي مان شاهه صاحب جي تخيل جي بلند پروازي ۽ نازڪ خيالي جا ڪجهه مثال پيش ڪري، پنهنجي دعويٰ کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

Marfat.com

آڏو ڏسندي ۾ پنهنجي جان جي ڪا پرواهه نٿو ڪري، ۾ خيال ٿو ڪري ته مبادا اهو تير شڪار جي بدران شڪاريءَ کي نه لڳي وڃي، جو ته ان جي جاءِ سندس دل ۾ آهي. مطالع ڪيو:-

پائي ڪان ڪمان ۾ ميان مار ۾ مون،
مون ۾ آهين تون متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

مٿين بيت ۾ شاهه جي محبوب جي قهاري ۽ جباري ڏسو، جو پنهنجي چاهيندڙ جي سامهون قسمت جو تير ڪشيون بيٺو آهي. وري سندس شان- ڪريمي ۽ قرب- ذاتي ته ڏسو، جو دل جي ديري ۾ گهر ڪيون ويٺو آهي:-

هيٺئين بيت ۾ ساڳئي تير انداز جي تصوير جو ٻيو پهلو ۾ ڏسو. کيس حبيب سڏي چوي ٿو ته "هرو ڀرو تير کي ترسائي ٿورو نه ٿڪ، مگر ڪان ڪڙڪائي احسان ڪر، جو ته جي تنهنجي تير سان شڪار ٿيندس ته منهنجو مان مڙيوئي مٿي ٿيندو". ڪنهن شهيد ناز جي تڪميل- آرزو جو نقشو، هن کان وڌيڪ ڪهڙن لفظن ۾ ادا ٿي سگهندو:-

هڻ حبيب هٿ ڪڍي، ٽيڪ ۾ ٿورو لاءِ،
ٻرين تنهنجي گهاءِ، مران ته مان لهان.

يا وري ساڳئي صياد کي حبيب جي نالي سان پڪاري، پتن پاڻ هڻڻ جي التجا ٿو ڪري، ۽ ان جو نتيجو ۾ عجيب و غريب پيرايه سان پڌائي ٿو، ته جيڪڏهن نازنين نگاهن جا تڪا تير لڳندا، ته کيس يار جي آغوش ۾ اچڻ جو موقعو ملندو، جو ته

Marfat.com

فطرتاً شڪاري شڪار کي ڪرندو ڏسي وڃي ...
نموني محبوب جي مشاهدي ماڻڻ جو سنئو سبب بڻجي پوندو. پڙهي ڏسو:-

هڻ حبيب هٿ ڪٽي، ٻنگا لهي پاڻ،
ماڳهين مون منهن ٿئي، جهولي وجهان پاڻ،
ان پر ساڃن ساڻ، مان مقابلو مون ٿئي.

هاڻي وري ساڳئي تير جو تاثير ڏسو. عاشق جانباز کي نازنين تير انداز پنهنجي ناز و ادا جو ڦهري ڪان تي ڪڙڪائي، جيڪو اهڙي زور سان اڇلايل آهي جو ڪڙ ڪڙ ڪندو وجود کي چيريندو ٻاهر نڪري ٿو وڃي. انهيءَ حالت ۾ به عاشق آهه وزاري جي بدران اڳتي وڌي پنهنجي حبيب سان همڪلام ٿو ٿئي ۽ پڇي ٿو ته منهنجي مارڻ مان محبوب کي ڪو مزو آيو يا نه؟ يعني شڪار ڪندي سندس شڪارڻ جو هٿ تريو يا اڃا ڪا ڪسر باقي آهي؟ ڏسو ته ڪهڙي نه عجيب آرزو آهي؟ ۽ ڪهڙن نه لطيف لفظن ۾ ادا ڪئي وئي آهي. انهي سلسلي ۾ هيٺيون بيت ملاحظه ڪيو:-

سر جو سچيو سڄڻين، ٻنگا پاڻ پري،
ويو وجودان نڪري، ڪڙڪڙ ڪان ڪري،
پڇيو پير پري، ته ڪي تريو هٿ حبيب جو.

اهو دستور آهي ته شڪاري شڪار کي تير هڻي، وري وڃي تکي ڪاتيءَ سان ڪهي حلال ڪندو آهي. انهيءَ حالت جو نقشو هيٺئين بيت ۾ ڏسو، ۽ خيال ڪري ڏسو ته، ڪيئن عاشق ادائن جي تير

Marfat.com

وري ٻئي هنڌ شاهه جي اکين جا احسان ڏسو:-

موٽڪي اکڙين، وڏا ٽورا لائيا،
ته ٻڙ ٻرين ٻسن، ڪٽان جي ڪر سامهون.

فقط اکين جي اشاري سان "اينما تولوا فثم وجهه الله" جو تفسير پيش ڪيو ويو آهي، حالانڪ اهو خيال "جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون" ۾ اڳ ۾ ئي آيل آهي، مگر هتي رعايت لفظي جو شان بالڪل نرالو آهي. ڪو به عاشق پنهنجي رقيب جو منهن ڏسڻ گوارا نه ڪندو آهي، مگر هي شاهه صاحب جو ڪمال آهي، جو هو اهي معجز نما اکيون پيش ٿو ڪري، جي يار جي صورت سان اهڙيون ته مانوس ٿي ويون آهن، جو رقيب جي منهن ۾ به پنهنجي قريب جو قرب ماڻي ٿيون وٺن.

شاهه صاحب پنهنجي اکين کان تمام گهڻا ڪم ٿو وٺي. مثال طور سنڌس هڪ ڪم جو نمونو هن بيت ۾ ڏسو:-

وتين ۾ ٿي ويهه، ته آءٌ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه ڏسان ڪي ٻيو.

پنهنجي ٻرين کي ٻاڻ وت رهائڻ لاءِ ٻي ڪا جڳهه موزون نٿو سمجهي. آخرڪار ڪٻس اکين ۾ آڻي ويهارڻ جي آڇ ٿو ڪري. ڪيس وتين ۾ ويهاري ڇپرن ۾ جهپائي ٿو ڇڏي، جئن ڪو به سندس پرده نشين ٻرينءَ کي ڏسي نه سگهي. وري ٻاڻ به سندس پاڪ پيشاني پسڻ کان پوءِ ڪنهن ٻي شيءِ ڏانهن ڏسڻ



ڀٽ شاهه جي ميلي جو هڪ منظر.

Marfat.com

Marfat.com

# شاه ناصح جي حيثيت ۾

(خانصاحب آغا تاج محمد خان)

اگھ بسم الله پڙھ ۽ ياد ڪر الله کي،
پڙھ صلاتون مصطفيٰ تي، تازگي ڏي ساھ کي،
جيڪڏهن چاهين تو جڳ ۾، قلب حق آگاھ کي،
پيش ڪر ناصح جي حيثيت ۾، سهڻي شاھ کي،
شاھ جي تبليغ کي، دنيا سڄيءَ ۾ عام ڪر،
شاھ جي نقطن ۾ ظاهر شاھ جو پيغام ڪر.

هر صحيح شاعر ۽ مفڪر جي اظهار خيالات جو، ظاهر يا پوشيده مقصد هميشه اهو هوندو آهي ته اولاد آدم جنهن کي "پيدائش" کان ئي شرف - اشرف المخلوقات حاصل آهي، يعني جنهن کي خلاق عالم پنهنجي لطف و ڪرم سان پيدا ئي دائره انسانيت ۾ ڪيو آهي، تنهن کي انسانيت جي شان ۽ شرف، ذميدارين ۽ جوابدارين کان آگاھ ڪيو وڃي ۽ کيس (حضرت انسان) باخبر ڪيو وڃي ته سندس سپرد اها الاهي امانت آهي، جنهن کي بقول حافظ آسمان به بار- گران سمجهي کڻڻ جي همت نه ساري:-

آسمان بار امانت نه توانست کشيد،
قرعه فال بنام- من ديوانه زدند.

ڪيس ڏسڻ گهرجي ته سندس حياتي ڪيتري آهي ۽ ڇا آهي؟
هن بيت ۾ شاهه انساني ”ناپائدار عمر“ جي صحيح تصوير چٽي آهي :-

جر ۾ ڦوٽو جيئن، لهرن لڳي اڀ ٿئي؛
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

---

ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهين مڙهه مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏيندي ڪيترو.

زندگيءَ جي مٿين تصوير چٽڻ بعد، شاهه صاحب جي اها هدايت آهي، ته اي انسان پنهنجي حياتيءَ کي مقام رهگذري سمجهي متان مايوس ٿيو آهين. تنهنجي ڪوشش اها هئڻ گهرجي ته انهيءَ مختصر حياتي کي غنيمت سمجهيءَ ڪو اهڙو نمايان ڪارنامون ڪرين جو هي عارضي عمر تو لاءِ حيات جاويد ٿئي ۽ هن دنيا ئي ناپائدار ۾ تنهنجي لاءِ پائداري پيدا ٿي پوي، ڇا لاءِ ته:

قارون هلاک شد که چهل خانه گنج داشت
نو شیروان نه مرد که نام نکو گذاشت (سعدی)

”نام نکو“ يعني ”نيڪ نالو“ پيدا ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب جي هدايت ڪئي آهي:-

ڌاڳهي ۾ ڌاڳي، پڌ پنهنجو تورهو،
اوڀي ۾ آڳي، ڪونه ڏيندءِ ڪو پيو.

وري فرمائي ٿو ته:-

تن تنيندو آءُ، مک ڏيهاڙي مکڙي،
سنباهي سيد چئي، مٿي ڌائون نيئنس،
وڻائي وڏا ندڙا لاڄو لڳائيئنس،
آخر اهڙائيئنس، ته جو کو ٿئي ٿو جهاز کي.

وري هڪ ٻئي هنڌ ساڳي نصيحت هڪ ٻئي نموني ۾ ڏيئي رهيو آهي:-

ڪتڻ جي ڪان ڪريئين، سٺي ساهين هٿ،
صباح ايندي اوچتي، عيد اگهاڙن گڏ،
جني سرتيون ڪندء سڌ، اُت سڪندئين سينگار کي.

انهي ساڳئي سلسلي ۾ اڳتي هلي فرمائي ٿو:

سي تو وبهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
ارٽ اوڏي نه ٿئين، پوري پوري سيئن،
هنڌ ڪڍنديئن ڪيئن، اگڻ عجيبن جي.

پڻائي بزرگ فرمائي ٿو ته اي انسان ڪت ۾ ڪنب ۾ ڪت انهي لاء ته ڪم اچيئي، ڪنب انهي لاء ته قبول پوئي. ياد رک ته:-

چائت پائي چت ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، ڏڪو داخل نه ڪيو.

هر جي محنت ڪري محبت سان ڪتيندين ته بزرگ فرمائي ٿو ته:-

محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

شاه صاحب جو زور هن ڳالهه تي آهي، ته عمل نيت جو محتاج آهي. جنهن عمل ۾ خلوص نيت موجود نه آهي، سو عمل منافقت ۾ داخل آهي. منافق اهو آهي جنهن جي زبان تي اعتراف ۽ اقرار آهي، مگر دل ۾ انڪار. اهي منافق پاڻ سان ئي سچا نه

آهن، جو دل تي هڪ اٿن ۽ زبان تي ٻي. اها منافقي بدترين جرم آهي جنهن جي مذمت ڪندي ڀٽائي صاحب صاف چيو آهي:-

آيل آءُ نه وسهان، هنجون جي هارين،
اٽيو اب اکين ۾، ڏيهه ڪي ڏيکارين،
ساجن جي سارين، نه ڪي روئن، نه چون ڪي.

شاهه جي نصيحت فقط منافقت تائين محدود نه آهي چا لاءِ ته فقط ائين چوڻ ته هي عمل غلط ۽ غليظ آهي ۽ هن کان نفرت ڪريو سو ٿيو نفي امر (Negative). شاهه جهڙي يگانه ناصح کي ڪو (Positive) ڪم ڪرڻ جو طريقو ڏسڻ گهرجي. هي آهي سندس ڏسيل نسخو:-

هو جوئي تو م چؤ، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيئي وارو ڪينڪي.

---

اڻ چوندن ڪيم چؤ، چوندن جيو وسار،
اٿي پهر ادب سين ٻر ٻاهائي ٻار،
پاپو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي منجهه وهار، ته قاضي ڪا نيارو نه ٿئين.

شاهه صاحب هت ظاهر ڪري ٿو ته بديءَ کان ٻري ٽيڻ ۽ نيڪيءَ جي اوڏو اچڻ، جو آسان طريقو فقط هي آهي، ته ٻيرپائين پنهنجي لاءِ ”خود بين“ نه ٿيءُ ۽ ٻوءِ ٻين جي لاءِ ”بد بين“ نه ٿيءُ. انسان جڏهين مفتي پنهنجي اندر ۾ وهاري ٿو ته ڪيس ائين چوڻو پوندو ته:-

هرچه برخود نمي پسندي- بر ديگران هم مپسند.



شاھ جي روضہ جي گنبذ جو نظارو.

Marfat.com

گهڙو ڀڳو منڊ مٿي، وسيلا ويا،
تهان هوءِ سڏا، سهڻي سڏ ميهار جا.

نه فقط ايترو مگر هن منزل تي پهچڻ بعد، بنده جو مرتبو اهڙو ته بلند نظر اچي ٿو، جو ڪائنات جون ٻيون ذي روح خواه غير ذي روح شيون به، اهڙي بنده جي طاعت ۽ حڪم ۾ حاضر رهن ٿيون. سچي بنده جي موت بعد منزل ڪهڙي آهي، سا شاهه سر سهڻيءَ ۾ بيان فرمائي آهي:-

ڪانڌي ڪڍ ٿياس، وهڻ جنازو سهڻي،
ڀڳها جي پيٽن جا، ڪلها تن ڏناس،
اکين ملڪ ڏناس، توءِ من ڪاڏو ميهار ڏي.

هتي پڄائي گهوٽ جو هڪ ٻيو ناصحانه نقطو پيش ڪيان ٿو، جنهن مان جوانان قوم سبق پرائي سگهن ٿا. هي نقطو هي آهي ته جيئڻ هيءَ زندگي مسلسل جدوجهد آهي ۽ هي مقام جنبش و حرڪت جو آهي، تنهن ڪري هن ۾ خاموشي ۽ سستي بلڪل بي محل ۽ بي موقعي آهي. هن کي علامه اقبال ڪهڙي نموني سان بيان ڪيو آهي سو پهريائين پڙهو، تنهن کان پوءِ پڄائي گهوٽ جي ادا ڏسو. علامه اقبال فرمائي ٿو:-

ہے دوڑتا اشہب - زمانہ،
کھا کھا کے طلب کا آشیانہ -

اس رہ میں مقام بے محل ہے
پوشیدہ قرار میں اجل ہے -



Marfat.com

هن نقطي تي علامه اقبال جو هيٺيون شعر اردو دان حضرات لاءِ وڌائو اثر رکيٿو، سو به پڙهو ۽ پوءِ شاهه صاحب جو شعر پيش ڪندس:-

يه زور بازو ضربت کاری کا هے مقام
میدان جنگ میں نه طلب کر نوائے جنگ
خون۔ دل و جگر سے هے سرمایهٔ حیات
فطرت لهو ترنگ هے غافل نه جل ترنگ.

اچو ته هاڻي ڏسون ته اها ساڳي نصيحت اڄ کان ڪيترو عرصو اڳي، سنڌ ۾ هالن جي ويجهو هڪ ننڍڙيءَ ڀٽ ۾ مدفون ٿيل بزرگ، ڪهڙن نه ساده مگر متاثر الفاظ ۾ ڏني آهي، جنهن جي نه فقط پولي عام فهم آهي پر انجو هڪ هڪ لفظ به بجليءَ جو اثر رکيٿو.

جان جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ريءَ،
ٿڌيءَ ڪوسيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.

شاهه جي نصيحت جي اِها خوبي وري هي آهي، ته هو ڪابه نصيحت نتيجي ڏسڻ کان سواءِ نه ٿو ڏئي. هي آهي صحيح معلمانه طريقئه نصيحت. پر هند هي ساڳيو معلم اخلاق فرمائي ٿو اي بنده جي ڪڏهين هن ڪشمڪش (Struggle) ۾ هن تلاطم ۾ هن دنيائي رزم گاهه کي بزم گاهه سمجهي نواءِ جنگ جي طلب ڪندين يعني سستي ۽ راحت جو در پئي رهندين ته سلطاني سهاڳ کان هميشه لاءِ محروم رهندين:-

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نه ملي.

شاهه صاحب جتي ۽ جڏهين جڏهين، ناصحاڻا نقطا پيش ڪيا آهن اتي هميشه معلماڻا نموني سان، صاف صاف الفاظ ۾ هادي هدايت ڏيندو رهيو آهي ۽ فرمائيندو رهيو آهي ته اي انسان جيڪڏهن تون سستي ۽ ڪاهلي ڇڏي، چاهه ۽ چستيءَ کان ڪم نه وٺندين ته دين ۽ دنيا جي مقصد ۾ هميشه ناڪام رهندين ۽ زندگيءَ جي حقيقي مقصد کان ڪوهين دور رهندين. فرمائي ٿو:-

ويهه م منڊ پنهور ۾، ڪر ڪو وارو وس،
ليڙن جو لطيف چئي ڏونگر ڏينده ڏس،
پنهون اُتي پس، پير پر هلي سسئي.

وري فرمائي ٿو:-

ڪر ڪو واڪو وس، ويهه م منڊ پنهور ۾،
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، پير پنهون جو پس،
ڏورڻ منجهان ڏس، پونده هوت پنهون جو.

طالب ۽ مطلوب جو مثال پيش ڪندي هڪ اعليٰ تمثيلي نموني شاهه صاحب هدايت ڏيئي رهيو آهي ته:-

اِئي ڪم ڪميڻن، جيئن ستي پير ڏگها ڪري
ننڊان نماڻن کي اوپالا اچن،
لوچين ڪوه نه لطيف چئي هاريءَ لاءِ هوتن،
سي پنهون ڪوه پائين، جي سنڌجهي رهن سمهي.

طالب کي مطلوب جي مشاهدي ماڻڻ جي يڪتا مراد حاصل ڪرڻ جو بي پناهه اشتياق رهندو آهي ۽ انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جا ناياب نصيحت پڙهائي بزرگ ڏئي ٿو سا هي آهي ته

Marfat.com

زماني ۾ جيڪي به سور ۽ سختيون، مصيبتون ۽ مشقتون در پيش اچن ٿيون تن سورن کي سڪائون سمجهي سرهائي ۽ صبر سان سيني ۾ سانڍڻ گهرجي :-

جي تون سڪڻ سکيو، ته ڪاتيءَ هيٺ م ڪنجهه،
سپيريان جي سور جو، ماڻهن ڏجي نه منجهه،
اندر ايءَ اهنج، سانڍج سڪائون ڪري.

وري هيٺين هنڌ فرمائي ٿو ته-

ڏاگهن ڏيرن ڏونگرن، ڏنهين ڏنم ڏک،
سي سڀ پاتيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

مطلب ته سڪڻ جي سڌ ته سڀڪنهن سالڪ وٽ نظر اچي ٿي؛ مگر سکن واريءَ جي سڌ فقط سڌئي رهجي وڃي ٿي- سڌ رکي ٿي سڀڪا ٻڪ نه ٻاسي ڪا، جيستائين ڏونگر جي ڏورڻ لاءِ سالڪ تيار ڪونه آهي، ۽ جيستائين پتنگ وانگر پچڻ کي پچائڻ لاءِ پاڻ تيار ڪونه آهي، تيستائين محبت هڪ دعوي بي دليل آهي. سالڪ کي معلوم هئڻ گهرجي ته صحيح سڪ جي پهرين علامت آهي ”خود قرباني“.

ٻري پتنگ آئيا، سري وٽ ساهي،
اچي پيا آگ ۾، ڪڏي سڀ ڪاهي،
لاڳاپا لاهي، ڪاڻا ڪوري وڃم.

ٻي لوڙ خود قربانيءَ جو مثال پيش ڪندي بزرگ فرمائي ٿو:-

ڪنديءَ اهيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪڏين سانگو ساهه جو، ڪي گهوريس ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، سر سهائي گهڙن جي.

Marfat.com

آخر ۾ مان ائين چوندس تہ اسان جو ڀٽائي بزرگ، دنيائي مشرق جو نہ فقط هڪ يگانو مفڪر هو، پر هڪ غير معمولي تخليقي قوت رکندڙ ناصح پڻ. جا بہ نصيحت پيش ڪيائين سا تمثيلي طريقي سان ۽ انهي ناصحاڻي نقطي کي سمجهائڻ لاءِ جا بہ تصوير چٽيائين سا لاجواب چٽيائين، اهڙي چٽياءَ جو سنڌي سمجهڻ واري دنيا قيامت تائين ان کي ساهہ ۾ سانڍيندي رهندي.

آءٌ مضمون کي ختم ڪندي، مسدس جو هڪ بند عرض ڪريان ٿو:-

شاهہ جا ابيات آهن، آيتون قرآن جون،
جن سان ٿين ٿيون آشڪارا، منزلون عرفان جون،
جو بہ پڙهندو تنهن تي وسنديون رحمتون رحمان جون،
جا چوان "آغا" ڀلايون شاهہ عاليشان جون.
فيض پنهنجي سان ڪيائين، سنڌ سونهاريءَ کي شاد،
شاهہ صاحب، زنده باد و زنده باد.

# مومل راڻو!

(جناب رحمداد خان مولائي شيدائي)

شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جا هنوقت تائين ٽي رسالا معني سان شايع ٿيا آهن (١) ڊاڪٽر گربخشاڻي آنجهاني جا ٣ جلد (٢) مرحوم غلام محمد صاحب شاهواڻي جو رسالو (٣) مولوي غلام مصطفي قاسمي جا ٤ جلد. انهن نسخن ۾ آکاڻين سان گڏ ٻين ۾ مسايل روحاني راز ۾ بيان ڪيل آهي. رسالي جون آکاڻيون نه رڳو هن رومان آفرين سرزمين جي حسن ۽ عشق کي آشڪار ڪن ٿيون، پر منجهن سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌين جي تمدني شعور جي جهڪا تصوير پيش ڪيل آهي، سو اسانجي انقلابي شاعر جو ڪمال آهي. مان اجا ايڏي ولايت کي ڪونه پهتو آهيان، جو مومل راڻي جي اونهي اسرار کي بيان ڪري سگهان، مگر هن آکاڻي جي تاريخي ڪيفيت، سنڌ سونهاري جي طبعي دلاويز ڏيکن، سنڌونڊي جي قديم وهڪرن ۽ ان زماني جي تمدن جي جهلڪ کي خدمت ۾ پيش ڪيانٿو.

تاريخي پهلو:- هن آکاڻي جي هيروئن مومل گوجر قوم جي راجا نند جي ڌيءَ هئي، جنهن جي رياست ميرپور ماٿيلي کان ولي جيسلمير تائين سنڌ جي سري ۾ هئي. گوجر هڪ وڏي هندو قوم آهي، جنهنجو وجود پنجاب (سنڌ ۽ ماڙري) راجپوتانا

۽ گجرات تائين موجود آهي. راجپوتن جي ساڪائن مان پتو پوي ٿو ته گوجر سورج بنسي نسل مان راجا رامچندر جي وڏي پٽ لو جي اولاد مان آهن. مالوه ۾ ڏوڻيدار سندن رياست هئي، جنهن جو تختگاهه راجپور هو جو الور رياست جي شهر راجگڙهه کان ١٥ ميل الهندي ۾ هو. الور ۾ ڏوڻيدار رياست ۾ هو.[1] ٨٥ هه = ٨٠٨ع ۾ چالو ڪيا راجائن ڪانپوءِ گوجرن جي ڇهن راجائن:- ١- دود، ٢- جئي ڀٽ، ٣- دود ثاني، ٤- جئي ڀٽ ثاني، ٥- دود ثالث ٦- جئي ڀٽ ثالث اٽڪل ١٦٦ ورهه سوراشٽر تي حڪومت ڪئي. سندن ڏينهن ۾ سوراشٽر تي گجرات نالو پيو. ڀڙوچ ۽ نادوت نربدا سندس چوڙ وت وسندڙ تجارتي شهر هئا - گوجر راجائن جي ڏينهن ۾ هوئن تسانگ جيڪي سياح ڀڙوچ جي بندر جي واپار ۽ دولت جي تعريف ڪري ٿو. جئن راجپوتن ۾ سٿين، هن ۽ ٻين وچ ايشيا جون قومون گڏجي ويون تئن گجرات جي اتهاس ۾ لکيل آهي ته گوجر قوم جو اصل وطن جارجيا هو، جتان نڪري پنجاب، گنگا، راجپوتانا ۽ گجرات تائين پکڙجي ويئي ۽ رياستون قائم ڪيائين.[2]

---

١ مولوي نجم الغني رامپوري: وقائع راجستان ج ١ ص ٧٢ همدم پريس لکنؤ ١٩٢٠ع.

٢ شيخ غلام محمد: مرات احمدي ص ٧ - ١٣ مصطفائي پريس بمبئي ١٣٤٢ع.

هو ته جيڪو محلات اندر گهڙي ايندو، تنهن سان شادي ڪندس. هن اعلان ڪانپوءِ وقت جا حاڪم ۽ شهزادا قسمت آزمائڻ لڳا، ڇاڪاڻ ته مومل نهايت حسين هئي. هن جي حسن جي تاب کي شاه صاحب هڪ مصور جي حيثيت ۾ جن لفظن ۾ چٽيو آهي سو بيت ڏيون ٿا:-

گجر کي گجميل جون، تارن ۾ تبرون،
هٿي حاڪمن کي، زور ٻڌيون زنجيرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، ٻسو ٻر ڏيهين جون.[1]

ڪي امير قسمت آزمائيندي ڪاڪ جي ڪنڌي تي مدفون ٿي ويا ۽ ڪي فقيراڻو ويس ڪري ڏيسان ڏيس مومل جي حسن جي تعريف ڪرڻ لڳا. انهن فقيرن جي زباني سڻي همير سومري حاڪم ۽ سندس هندو سوڍي وزير مينڌري به قسمت کي آزمايو. منجهائن سوڍو ٻنهيءَ سياڪپ سان سوڀارو ٿيو، ڇو ته هو ٿوري ڳالهه ڪري عقل ۽ هوش وڃائي مومل کي ڏهاڳ ڏيئي رسي هليو ويو. ليلاڻو جو اڳ سوئمبر ڪري تيرٿ بڻجي ويو هو سو ويران ٿي ويو. هن رنگ محل ۾ شهزادين جي جيڪا تهذيب هئي، سا سنڌين جي عهد ماضيءَ جي تمدن جي تاريخ جو هڪ سونهري باب آهي. اها ڏيکاري ٿي ته سومرن جي ٻوئين دور

---

١ شاه جو رسالو سر مومل راڻو از مرحوم غلام محمد شهواڻي ص ١٠٧، حيدرآباد سنڌ ١٩٥٠ع.

Marfat.com

۾ سنڌين جي ڪهڙي تهذيب هئي.[۱] شاه سائين رح سوڍين ۽ گوجرين جي تهذيب متعلق فرمائيندو:-

جهڙا پاڻ ٻن، تهڙيون شالون مٿن سائيون؛
عطر ۽ عنبير سين تازا ڪياءِ تن؛
ٻڌيا گهڻو مشڪ سين چوتا ساڻ چندن؛
سونهن رهي سون سين سندا ڪامڻ ڪن؛
ڪياءِ لعل، لطيف چئي، وڏا ويس ورن؛
منجهه مرڪيس مَن، سوڍي سين سڳ ٿيو.

---

سون ورنيون سوڍيون رهي رانديون ڪن؛
اگر اوطاقن ۾ ڪٿوري ڪتن؛
اوتياءِ عنبير جا مٿي طاق ٽڙن؛
پاڻ پيلهون پڌيون، پسيو سونهن سڙن؛
ٿيا لاهوتي، لطيف چئي، پسڻ لاءِ پرين؛
[۲]
اڄهي ٿا اچن، ڪاڪ ڪوريا ڪاهڙي.

سنڌين جا محلات نظاريدار هندن تي هئا، جن ۾ اگربتيون، تيل قليل جا ڏيا ۽ ڪافوري شمعون ٻرنديون هيون. زالون گلابي ويس ڪنديون هيون ۽ چوٽن کي چنبيلي تيل مکينديون هيون جنهجو سرهو واس پري کان ايندو هو. پانن، سوپارين ۽ ايلاچي

---

۱. ليڪڪ لاءِ ڏسو مولانا دين محمد وفائي جو ڪتاب لطف اللطيف ص ۶۷ مهراڻ پبلشنگ ڪمپني ڪراچي ۱۹۵۰ع.

۲. شاه جو رسالو، سر مومل راڻو ص ۳۸۷ ڪراچي ۱۹۰۰ع.

Marfat.com

کان سنڌي واقف هئا.[1] سنڌ ۾ ٻن ٿوهن وارا اُٺ ۽ ٽيندا هئا جي گهڻو قيمتي هئا، ڌارين ملڪن ۾ امير خريد ڪندا هئا. عربن معرفت ٻن ٿوهن وارن اٺن جو نسل سنڌ مان نڪري بلخ ۽ ايران پهتو.[2] سنڌين وٽ في وڳ ۾ ڏه هزار اُٺ هوندا هئا. اڪبري دور ۾ اجمير، گجرات، جوڌپور، بيڪانير، جيسلمير، پنڌدا، پنڌيو ۽ سنڌ، جا گهوڙا سڄي هندستان ۾ مشهور هئا.[3] پهرين افغان ويڙه وقت ڪراچي جو سيٺ نائو مل انگريزي لشڪر لاءِ سنڌ مان اُٺ خريد ڪرڻ لڳو. جوکين جي سردار ڄام مهرعلي سرجان کين ڪي هڪ هزار اُٺ امداد طور ڏنا هئا.[4]

---

١ چاڻڪيه پنڊت جو ڪتاب جانورن جي بيمارين متعلق عباسي دور ۾ بغداد جي بيت الحڪمت ۾ سنسڪرت مان عربي ۾ ترجمو ٿيو هو. عيون الانباء في طبقات الاطباء، ابن ابي اصيبعه ج ٢ ص ٣٣ مصر.

٢ بشاري مقدسي: احسن التقاسيم في معرفت الاقاليم ص ٤٧٤ ليدن.

٣ مولوي محمد ذڪاء الله شمس العلماء: اقبال نامه اڪبري، ص ٦٦٨ - ٦٦٩، علي گڙه ١٩١٨ع.

٤ Smith, G: The life of John Wilson, PP. 440—41 London. 1878.

Marfat.com

مومل جڏهن ميندري کي پرچائڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهي، تڏهن جيئري چکيا تي چڙهي. ميندري ۾ سنديس سچائي کي ڏسي مڇ ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ کي ڀسم ڪري ڇڏيو. هن واقع مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ ”ستي لڪڙي“ جو رواج هو. ابن بطوطہ جو ١٣٣٣ع ڌاري سنڌ مان لنگهيو هو، تنهن ستي لڪڙي جو بيان پنهنجي سفرنامہ ۾ ڏنو آهي. هن بيان مان اوهين سمجهي سگهو ٿا تہ شاهہ ڀٽائي رح جي رسالي جي بيتن ۾ ڪيتري قدر نہ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي ۽ سنڌين جي تهذيب جو بيان سمايل آهي. جيڪڏهن اسان وٽ رسالو موجود نہ هجي ها تہ اسين هن خوش نصيب وادي ۽ سنڌس رهاڪن کي پوري ريت سمجهي نہ سگهون ها.

اڄ نہ ڀسان سي، آتڻ ڪتيم جن سين،
هاڻي تنين کي، ڪنڌي ڪاڪ نهاريان.

# شاه جو زمانو (١٦٨٩ع-١٧٥٢ع)

(جناب محمد شفيع علوي)

ڪنهن به اديب، عالم، شاعر، مورخ، مصلح ۽ مجدد جي ادبي آثارن، تصنيفن، شعر، جديدي ۽ اصلاحي ڪارنامي کي پرکڻ کان اڳ، سندس زماني جو مطالعو ڪرڻ نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته هو پاڻ کي ماحول جي اثر کان بچائي نٿو سگهي ۽ نه وري الڳ ٿي رکي سگهي ٿو. ادبي تحقيق جي ماهرن، محققن ۽ نقادن جو قول آهي ته ڪنهن به شاعر جو ڪلام سندس دور جو آئينو هوندو آهي جنهن ۾ ان وقت جو سماج، معاشره، اقتصادي حالتون، ريتون رسمون، رواج، ادبي رجحانات، مذهبي ۽ سياسي تحريڪون ۽ ٻيا ڪارناما منعڪس ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري ئي عربي شعر متعلق به چيو ويو آهي ته ”الشعر ديوان العرب“ يعني ته عربن جو شعر سندن زندگي جو داستان آهي جنهن ۾ سندن ماحول جا سڀ واقعا محفوظ ٿيل آهن. شاعر جي زماني يا دور جي مطالعي ڪرڻ سان نه فقط سندس شعر سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي، پر سندس شخصيت، فلسفي ۽ شاعرانه مدار جي ترقيءَ متعلق بيش بها معلومات حاصل ٿيندي ۽ انجي ڪن تاريڪ ۽ گمنام پهلون تي روشني پوندي. باغ ۾ ڪو گل خود بخود نٿو ٽڙي پر ان لاءِ ٻين ڳالهين جي به ضرورت آهي. جهڙوڪ زمين کيڙي هموار ڪرڻ تي

Marfat.com



شاه جي روضي جو ٻيون حصو.

Marfat.com

Marfat.com

مطلب ته صوبه سنڌ تنهن وقت سکيو ستابو هو. انجي شادابي ۽ سالم مالي حالت جو اندازو هن حقيقت مان لڳائي سگهبو جو سنڌ هڪ ڪروڙ رپيه تاوان ۽ چوڏهن لک رپيه ساليانه خراج نادرشاه کي ڀري ڏنو ۽ ڪيترا ڏينهن نادرشاهي لشڪر جو ٥½ لکن کان مٿي جيو وجي ٿو سنڌ ۾ ڪاڏي جي عيش عشرت ۽ ڦر ات جو ظلم ڀاري ڏنو. جيڪڏهين سنڌ انوقت وسندڙ ملڪ نه هجي ها ته هوند اهي افغان ۽ ايراني حڪمران ڪاهي نه اچن ها ۽ سنڌ ان لشڪر ايترا ڏينهن هت نه رهي ها.

جيئن ته ٺيڪ سڀ شيون ارزان هيون ۽ معيار زندگي گهٽو گهٽ هو، پر تنهن هوندي به سنڌي ماڻهون جفاڪش ۽ محنتي هئا. آدمشماري جو گهڻو حصو ڳوٺن ۾ رهندو هو ۽ زراعت تي گذر ڪندو هو. واپاري، شاهوڪار ۽ سکر ماڻهون شهرن ۾ زندگي بسر ڪندا هئا جتي ڪين شهري زندگي جون سڀ سهوليتون ميسر هيون. ماڻهو ڪسرت ۽ مردانه رانديون جا ڪوڏيا هئا جنهن اهي پنهنجو جوهر ڏيکاريندا هئا. اميرن جي مجلسن ۾ سازو سرود ۽ رقص جون محفلون منعقد ٿينديون هيون جتي شراب جا دور جاري رهندا هئا. ان عيش و عشرت سان گڏو گڏ عابدن، صالحن ۽ صوفين جي به ڪمي ڪانه هئي، جي شبخيزي جون عبادتون ۽ رياضتون ڪندا هئا ۽ سماع جا حلقا هڻندا هئا. ماڻهن جو ديني ڳالهين ڏانهن رجحان هو ۽ اهي صوفين، پيرن اولياءُن ۾ گهڻو اعتقاد رکندڙ هئا. ان وقت درگاهون ۽ خانقاهه وسندڙ هئا.

علمي حالت:- هن دور ۾ سنڌ جي علمي حالت به بهتر هئي. ملڪ ۾ ڪئين مڪتب، مدرسا ۽ دارالعلوم هئا. مڪتب

Marfat.com

ان عهد ۾ ڪيترا وڏا صوفي ۽ عارف موجود هئا، جن ملڪ ۾ تصوف ۽ عرفان جا درياه وهايا ۽ ڪيترن پانڌيڙن کي پنهنجي روحاني فيض سان نوازيو. هن انتشار ۽ فتنه جي زماني ۾ نادرشاه ۽ احمد شاه ابدالي جي ڪاهن سببان ماڻهن جون دليون دنيوي جاه ۽ جلال کان ڪٽيون تي پيئون ۽ مايوسيءَ ۽ نااميديءَ وچان فنا جو فلسفو منجهن گهر ڪري ويٺو. ڪيترن ماڻهن عزلت ۽ گوشه نشيني اختيار ڪري تصوف جي اوٽ ورتي جنهن سندن گهرجون پوريون تي ڪيون. شاه جي شعر ۾ فنا جي فلسفه تي سندس عهد جي ماحول پڌائڻ گهڻو مواد ملي ٿو جئن ته:-

فاني ئي فاني، دنيا دم ته هيڪڙو

اتي اوڙهه هڻن سان جوڙيندءَ جاني

ڪوڙ ۽ ڪاني آهي سر سپڪنهين

(شاه)

ان وقت جا وڏا صوفي شاه عنايت شهيد (م ١١٣٠هه) خواجه ابوالمساڪين، سلطان الاوليا خواجه محمد زمان لنواري (١١٨٨هه)، فقير عبدالرحيم گرهوڙي (١١٩٢هه)، حاجي فقيرالله علوي (م ١١٩٥هه) ۽ شاه عبداللطيف ڀٽائي (م. ١١٦٠هه) آهن جن فن تصوف جي بيش بها خدمت ڪئي ۽ پنهنجي توجهه سان ڪيترن ئي طالبن کي مولا ڏانهن رجوع ڪيو.

سنڌي ادب:-

ڪلهوڙن جي عهد ۾ سنڌي ادب ۽ خصوصاً سنڌي شعر ڪافي ترقي ڪئي. جيئن ته ڪلهوڙا مقامي باشندا هئا ۽ منجهائن ڪيترا

سنڌي زبان کي نون لفظن، ترڪيبن ۽ محاورن سان مالا مال ڪيو
۽ سنڌي شعر جي محدود دائره کي جديد اسلوب، نون مضمونن، گونا گون
خيالن، لفظي ۽ معنوي صنعتن، فطرت نگاري، حسن بيان ۽ انداز بيان
موسيقي، فلسفه ۽ ٻين شعر جي ضروري خوبين ۽ خصوصيتن سان متعارف
ڪرايو. انکي دوهي جي محدود دائره مان ڪڍي وائي، جي وسيع
ميدان ۾ آندائين. سنڌ جي عوامي قصن کي منظوم ڪري ماڪي
ڪردارن کي مشهور ڪيائين. سنڌن عمدي ۽ علحده نموني سيرت چٽي
۽ فطرت بيان ڪري پاڻ کي هڪ وڏو سيرت نگار ۽ انساني نفسيات
جو ماهر ثابت ڪيائين. مطلب ته شاه جي شعر جو خوبيون ۽ محاسن
سنڌس لاءِ ئي مخصوص آهن ۽ اهي ٻه يڪ وقت ٻئي ڪنهن ٻه سندس
متقدم، همعصر ۽ متاخر شاعر ۾ نه ٿا ملن. ان ڪري ئي شاه کي
سنڌي شاعرن جو سرتاج ڪري ليکيو ويندو آهي.

## قصيده مدحيه در شان شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه.

(مرحوم مولوي نور محمد انور نظاماڻي).

١. ذره‌ءِ زنده دلي گر توه ۾ اي قوم آهه ڪو
ياد گيري تازه ڪر حضرت ڀٽائي شاهه جي.

٢. گرچه مردان - خدا کي نام، شهرت جو ضرور
حق اسان تي ٿو ڪرڻ خدمت ڀٽائي شاهه جي.

٣. عالم - روحانيت ۾ هي نه منجهه خدمت شمار
جو فقط سينگاريون تربت ڀٽائي شاهه جي!

٤. ٿو ڪريون هر امر ۾ گهرجي ته پوري پيروي
هو ٿهو هردم ڏسي همت ڀٽائي شاهه جي.

٥. فهم فوقيت نه پئو ڪوئي خيالات - خودي
فڪر سان مائل سدا فطرت ڀٽائي شاهه جي.

Marfat.com

٦. هئي نياز و عجز سان لبريز ۽ خالي صفا
طمع از بوئي انانيت پتائي شاهه جي.

٧. ڇا بيان ڪريان سنڌس اخلاق حسنه جي صفت
آهه خضر- راهه هر خصلت پتائي شاهه جي.

٨. مشرق و مغرب جي اندر تي مسلم بي گمان
قرب- مولا ۾ ڪماليت پتائي شاهه جي.

٩. ڏس ته ڪيئن ثابت ڪري ٿو ان جو هر حرف- ڪلام
فاذڪروني ۾ فنائيت پتائي شاهه جي.

١٠. گر گهرين اي طالب- حق لذت- ديدار- حق
صبح سانجهي ڪر سدا صحبت پتائي شاهه جي.

١١. پڙهه ۽ غور و فڪر يعني تون رسالو پٽ ڌڻي
جنهن جي ڏس هر بيت ۾ برڪت پتائي شاهه جي.

١٢. پڙهه خلوص- دل سان انور " قل هوالله احد "
ڪر ثواب ان جي ۾ تون نيت پتائي شاهه جي.

---

Marfat.com

# پٽ ڌڻي.

## (جناب رشيد احمد لاشاري).

۱ـ کين نور- ذات حق کان آ جدا عبداللطيف،
جي جدا ناهي تہ آ نور- خدا عبداللطيف.

۲ـ پٽ ڌڻي آل- نبي دنيا ۾ آهي آشڪار،
طائران- نظم سنڌي جو هما عبداللطيف.

۳ـ جذبہ توحيد جو مرڪز ۽ آ صوفي صفا،
پيشوائي سر گروهہ- اوليا عبداللطيف.

۴ـ آ سنڌس تصنيف پيغام- نجات ۽ ٻاڻ آهہ،
راهہ- آزادي جو ڪامل رهنما عبداللطيف.

۵ـ آ مصور فطرت- انسان جو نقاش- دهر،
ڪشتي- قوم و وطن جو ناخدا عبداللطيف.

۶ـ افصح الفصحا ڪليم- حق ٻڌيو آ سنڌ هو،
سڀ کان اول شاعر- رنگين نوا عبداللطيف.

۷ـ فيلسوفان- زمانہ آ ڪيو تسليم ايئن،
فلسفہ آهي خبر، آ مبتدا عبداللطيف.

۸ـ سنڌ جي شعرا ڏي پيغام- تخيل سان رشيد،
موڪلي هن وقت ڪا باد- صبا عبداللطيف.

Marfat.com

## سنڌ جو سعدي (شاهه ڀٽائي)

(جناب حافظ محمد احسن)

١. شاعرانِ سنڌ جو سرتاج ۽ سردار شاهه
معرفت جي ملڪ جو ٿيو واقفِ اسرار شاهه
سنڌ جو موتي ۽ مالڪ سنڌ جو سينگار شاهه
صوفي و عارف ۽ عاشق عالم و دينداد شاهه
سنڌ جو سعدي ۽ حافظ ۽ عمر خيام آهه
هن جو گفتگو شاعرانه جڻ ٿيو الهام آهه.

٢. آسمانِ علمِ شرعي جو ڀٽائي آفتاب
معرفت جي عرشِ اعظم جو درخشان ماهتاب
سرِ مخفي کي ڪيائين بي حجاب و بي نقاب
شاعرانِ سنڌ جو "سرتاج" ٿيو انجو خطاب
عاشقِ صادق ۽ آهي عارفِ بالله شاهه
عالمِ علمِ حقيقت آهه حق آگاهه شاهه

٣. شعر آهي شاهه جو باطن جو بحرِ بيڪران
بيت پانهنجي ڪينڪي هي آيتون آهن عيان
هرڪو گفتگو هرڪو نڪتو آهه ٿيو گوهر فشان
سالڪن جي لاءِ تحفو، روح راحت، ارمغان
حب وطني، حب قومي سان ڀريل احسن ڪلام
فائدو جنهن مان ڪري حاصل ٿو هرهڪ خاص و عام.

---

Marfat.com

# سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

(جناب محمد خان غني)

شاعران - سنڌ جو تون آهين رهبر يا لطيف
صوفين ۾ ڪونه ڪو تنهنجي برابر يا لطيف
عاشقان - حق جو تون آهين افسر يا لطيف
آهين بحر - علم جو تون ئي شناور يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

جو نه ٿئي نازان توتي سنڌ ۽ سنڌي زبان
بخش جنهنکي آه تو کان ٿيو حيات - جاودان
جي نه پيدا راز مخفي جا ٿين ها رازدان
گنج - حڪمت سان ڪيئي ها ڪير گوهر يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

شعر ۾ باريڪ نڪتن تي رسي تنهنجي نگاه
تنهنجي تلميحن اشارن تي چوي دل واه واه
شاعريءَ جي مملڪت جو تون برابر بادشاه
آسمان - علم جو اڪمل تون اختر يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

شعر تنهنجي جو مٿاهون هن ڪري ٿيو مرتبو
جو ڪلام - پاڪ ۾ تنهنجو ڪيو تفسير تو

عبد ۽ معبود جي تو ڪيو تفاوت کي ڇڏو
راز جي قدرت رکيا، تون تنهنجو ماهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونہ همسر يا لطيف

علم عرفان جي حقيقت کي ڪيو تو برملا
آه ڇا راز- تصوف تنهنکي تو کوليو صفا
سا سچائي صاف جيڪا ٿي شرع جي اقتدا
نڪتئہ تحقيق جو تون نڪتہ پرور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونہ همسر يا لطيف

طالب - تحقيق خاطر راهبر تنهنجو ڪلام
ابتدا نام - خدا سان آهي عبرت اختتام
ٿو پڙهي دل سان پرائي فيض هن مان عام جام
حق جي تعليم سان پر تنهنجو دفتر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونہ همسر يا لطيف

زهد و تقويٰ ۾ ملڻ آهي عبث تنهنجو مثال
خوش رهين هر حال ۾ توڙي رهين تون خستہ حال
تو ڦٻوليو ڪينڪي دنيا سندو مال ومنال
سور ۽ سختيون پسند ڪيا پنهنجي خاطر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونہ همسر يا لطيف

سنڌ ۾ تون جيئن ٿئين والي ولايت جو ڌڻي
تيئن نہ ڪو آهي ٻيو ڪامل ڪرامت جو ڌڻي
باليقين تو بعد نہ آيو ڪو هدايت جو ڌڻي
ٿيا طريقت جا طريقا تو کان ظاهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونہ همسر يا لطيف

Marfat.com

جنهن امارت کي ڦٽو ڪيو، تون اُهو آهين امير
بادشاهيءَ کان مٿي جنهن مرتبي وارو فقير
رهبر عالم چوان توکي ٿو دستگير
تون خدائي حڪم جو ٿيو آهين مظهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونہ همسر يا لطيف

ڪير آهي جيڪو پنهنجي سر جي قرباني ڪري
ڪير آهي جو اچي ڏڙ کي اڏيءَ تي ٿو ڌري
ڪامندي ڪوري ۾ آهي ڪير جنهنجي دل ٺري
تو سوا ڏسجي نہ ڪو اهڙو ٿو ڏهسر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونہ همسر يا لطيف

ڪير آهي جو گهوڙي ڪن ۾ ٿو گهاتوءَ جي مثال
ڪاپڙين ڏاران وڃائي ڪير پنهنجو روئي حال
آه وڻجارن سوا ٿي زندگي جنهنجي وبال
سنهن خدا جو سو تہ تون، داتا جو دلبر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونہ همسر يا لطيف

ديس ڏارئين ۾ رهين تون ويس مارئيءَ جو وٺي
قيد ۾ جا بند ۾ ساڳي اُها سختي سٺي
جان پنهنجي تي جلائي ٻره واري تو ٻٺي
پر ڪڏي تو ڪين هرگز پاڻ ٻاهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪون همسر يا لطيف

Marfat.com

ڪا گهڙي گذري نہ جنهن ۾ سوز ۽ ساڙي ۾ تون
رات جو راڻي جي خاطر روڄ ۽ راڙي ۾ تون
ڏينهن جو ڪلون ڪندو هلندو وتين ماڙي ۾ تون
سات سورن جا ڪٽي ڏوريا تو ڏونگر يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪو نہ همسر يا لطيف

لعل تي ليلا وڃايو ور نہ ورسايس وري
هار تي هرڪي تہ تنهن کي سور ۽ سختي سري
ڪير تون ڪارون ڪندي منڌ نيٺ ويئي اُت مري
تو تہ روئي پنهنجو ريجهايو جنيسر يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪو نہ همسر يا لطيف

ڪير آهي ساز تي سرڄي ڏنو جنهن سراڄي
سور سورٺ جان ڪٽي سر ٻاڻ ٿيو ٻختو ٻاڇي
ٻول ٻيجل سان ٻڌل تي مرد هو ٻيٺو ماڇي
جيئن تہ مون جاچي ڏٺو سو تون دلاور يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪو نہ همسر يا لطيف

دور تنهنجو شان آهي عقل کان ادراڪ کان
ڪيئن ڀلا تعريف تنهنجي ڪو ڪري سگهندو بيان
عام توکي عام لفظن ۾ ڪري ٿو ٿيو عيان
مرتبو تحقيق جاڻي تنهنجو داور يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪو نہ همسر يا لطيف

Marfat.com

دل منجھان اهڙي صدا نڪري ٿي منهنجي ٻار ٻار
معرفت جي مئي منجھان ڪا سرڪ تون ساقي پيار
ٿي وڃان مدهوش، مدهوشيءَ ۾ پسجي جلوه يار
تون عطا ڪر منهنجي دل کي اهڙو اوج يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

اي غني دل سارا جو تنهن نڪته پرور تي سلام
طالب - حق بي ريا محبوب داور تي سلام
جو سخي صاحب سخا جو، اهڙي سرور تي سلام
بي بدل عالم ولي سهڻا سخنور يا لطيف

سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

---

# پٽ ڌڻي سنڌ جي شاعرن جو سرتاج.

(جناب احمد خان آصف.)

١- شاعران- سنڌ جو سرتاج حضرت پٽ ڌڻي،
داد لو درويش صوفي با صداقت پٽ ڌڻي.

٢- شرع کان باهر نه هو، اڄڪلهه جي صوفين وانگيان،
با خبر صوفي سگهورو با شريعت پٽ ڌڻي.

٣- منزلون ناسوت ۽ جبروت ۽ ملڪوت جون،
طي ڪري لاهوت اندر ڪئي سڪونت پٽ ڌڻي.

٤- ڪو پڙهائي ڪيس ڪوني ڪو سندي لاان لطيف،
ڪو سندي تو شاه سهڻو گهوٽ حضرت پٽ ڌڻي.

٥- تي گهرپائين هي دعا "ڪر سنڌ تي سائين سڪار"
ملڪ سان ڪيڏي نه رکندڙ هو محبت پٽ ڌڻي.

٦- پائرو هي بيت ناهن آيتون سمجهو ڪري،
شعر پنهنجي لئي اها ڪئي آ وصيت پٽ ڌڻي.

٧- صوفيانه نڪته ناهن بس رکيو در شعر شاه،
زندگي جي پهلوهر جي ڪئي وضاحت پٽ ڌڻي.

٨- هوند و سگهيو سو جنهين جو عشق ٿيو الله سان،
تو ڪري آصف اها سڀ کي هدايت پٽ ڌڻي.

---

# شاه عبداللطيف جي شان ۾ قصيده

جناب ميرزا گل حسن (احسن ڪربلائي)

خضر راه - عاشقان عبداللطيف
صدر بزم - عارفان عبداللطيف

آهي مخدوم - جهان عبداللطيف
بيگمان غوث - زمان عبداللطيف

شاعر - شيرين زبان عبداللطيف
بي بدل جادو بيان عبداللطيف

نڪته آموز - فصاحت نڪته رس
نڪته سنج و نڪته دان عبداللطيف

جنهنجي ٿي طبع رسا سڀ ڪان الڳ
ڪئي جدا جنهنجي زبان عبداللطيف

پنهنجي دريائي معاني ڪان سدا
جا رکي طبع - روان عبداللطيف

پنهنجي دنيائي سخن ۾ سڀني ڪان
ڪئي جدا طرز- بيان عبداللطيف

Marfat.com

آهي سنڌي شاعري جي جسم جو
بيگمان روح - روان عبداللطيف

نظم جي ميخانئہ رنگين سنڌ ۾
آهي سو پير - مغان عبداللطيف

آيئہ تسخير دل جنهن جو ڪلام
آهي سو معجز بيان عبداللطيف

بخش ڪئي جان - سخن کي دائما
زندگئي جاودان عبداللطيف

معرفت جي راز ڪان واقف آهي
رمز رب جو راز دان عبداللطيف

اهل - دل ۽ اهل - نظر اي گل حسن
ٿا مڃين اهل - زبان عبداللطيف

Marfat.com

# لطيف.

(جناب الله بخش عقيلي "سرشار" ٺٽوي)

ڀر معرفت سان آهہ پيالو لطيف جو
ساقيءِ فيض - سنڌ ٿيو نالو لطيف جو

ليليٰ ڀي آهي سنڌ ۽ شيرين ڀي آهي سنڌ
عشاق ۾ ٿيو عشق نرالو لطيف جو

سڀ پورهيا لطيف سندا ساڀ رب ڪيا
قادر ڪيو قبول ڪشالو لطيف جو

پائين تہ معرفت جو ملي روح کي سبق
تان غور ساڻ پڙهہ تون رسالو لطيف جو

سنڌي ادب کي اُن کان مليو آهہ ڇا شرف
جو مستند ٿئي ٿو حوالو لطيف جو

اسرار - گنج - علم جي ڪنجي لطيف وٽ
صندوق - علم - سنڌ تي تالو لطيف جو

پرنور ٿيندي سنڌ جي سرشار ڪنڊ ڪنڊ
اوندهہ تي ڇانئبو جو اُجالو لطيف جو

---



Marfat.com

# شاهه عبداللطيف رح.

( ميرزا علي بخش ڪوثر حيدرآبادي ).

شاعرن جو سنڌ ۾ سردار شاهه عبداللطيف
۽ عروض - نظم جو سينگار شاهه عبداللطيف.

شاعرن سرتاج پنهنجو اڳي ڪو ٿيو سنڌ ۾
شعر اهڙو پنهنجو ڪيو اظهار شاهه عبداللطيف.

صنعت - تجنيس حرفي ڪي ڪيئين ترتيب وار
شاعري جو نو گل - گلزار شاهه عبداللطيف.

روح راڳن کان ڪڍهن راحت سان ريجهائي ڇڏي
ڪڏ ڇيا ٿي بيمث بي اختيار شاهه عبداللطيف.

جنهنجي وائي کان سوا بي وات وائي ڪا نه هئي
بي پرين ۾ ري ڪا نه ڪئي گفتار شاهه عبداللطيف.

پنهنجي پت ڪي پت هٽي منهن ڪيئين مريدن جو متي
هو اڙين جو آسرو آڌار شاهه عبداللطيف.

سيد - عالي نسب والا حسب اعليٰ ڪسب
سادگيءَ سان پر رکيو وهنوار شاهه عبداللطيف.

پرت جو پيالو پرين پنهنجي پياريس پيار مان
هو لڏو لوچي پرين هڪوار شاهه عبداللطيف.

اوليا الله جو، آهي ولي، قطب - زمان
نيڪ نيت آهي نيڪوڪار شاه عبداللطيف.

پٽ ڏٺي آهي پيارو پرجهلو پيڪس سنڌو
سو پٽائي گهوٽ هو مهندار شاه عبداللطيف.

اڻ پڙهيل اُنکي جهالت کان جون ٿا اڻ پڙهيل
ورنه هو عالم ۽ فاضل ڪار شاه عبداللطيف.

سنڌ جا هندو ۽ مسلم پئي مٿس شيدا ٿيا
هو سڀن جو دل گهريو دلدار شاه عبداللطيف.

ڪيا لکين لائق لطيف اُن عبد پنهنجي تي مدام
ورد جنهنجو نانءُ ڪيو هر بار شاه عبداللطيف

پاڻ ۾ پنهنجو پرين لوڇي لڌائين لطف سان
دوست جو دائم ڪيو ديدار شاه عبداللطيف.

من ڪيو هو ياد ۽ هنکي ڪري سڀڪو ئي ياد
سو هنن ميلن ڪيو اظهار شاه عبداللطيف.

سو ڪرامت جو ڪڪر جنهن تي وسي اُنهنکي رچي
گودڙي ۾ لعل گوهر بار شاه عبداللطيف.

ٿا چون درويش هو مان تو چوان درويش هو
بحر- عصمت جو در- شهوار شاه عبداللطيف.

معرفت جو جام ڪوثر ساقي - ڪوثر ڏنو
جنهن کان ٿي ويو مست ۽ سرشار شاه عبداللطيف.

## پيام - لطيف

(جناب مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولي)

دماغ کي ٿو تراوت ڏئي پيام - لطيف
پئي ٿو روح ۾ آب - زلال - جام - لطيف
لطيف آهي سچو راز طالب المولي
صدا سروش جي مضمر ته - ڪلام - لطيف

Marfat.com